
# لطيفي سُرُ



ليکڪ

پروفيسر پيرو مل مهرچند آڏواڻي

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# لطيفي سئر

ليکڪ

پروفيسر پيرومل مهرچند آڏواڻي

Gul Hayat Institute

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي- 2012ع

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | لطيفي سٿر |
| ليکڪ: | پروفيسر پيرو مل مهرچند آڏواڻي |
| پهريون ڇاپو: | 1928ع |
| ٻيون ڇاپو: | 1946ع |
| ٽيون ڇاپو: | 1983ع |
| چوٿون ڇاپو: | 1989ع |
| پنجون ڇاپو: | 2012ع |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. |
| قيمت: | 120/_ روپيا |


Gul Hayat Institute


ملڻ جو هنڌ:

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،

ڪراچي ـ 74400، سنڌ.

فون: 021-99206073

# فهرست


پبلشر جو نوٽ ........................................ 5

## ڀاڱو پهريون
## حياتيءَ جو احوال

شاهه عبداللطيف ........................................ 7

گهٽيڪاءِ لڪ ........................................ 24

## ڀاڱو ٻيون

گرنار ڏي ويندي ........................................ 35

## ڀاڱو ٽيون

سنڌ ڏي موٽندي ........................................ 48

## ڀاڱو چوٿون

جيسلمير ڏي ويندي ........................................ 61

## ڀاڱو پنجون

ٻيا احوال ........................................ 70


Gul Hayat Institute

# پبلشر جو نوٽ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌ جي روح ۽ سنڌين جي محسن جي حيثيت انهيءَ ڪري حاصل آهي تہ هُن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي جتي سنڌي ٻوليءَ کي حُسن، سندرتا ۽ دائميت عطا ڪئي، اتي هُن سنڌ جي تمدني ورثي ۽ روايتن جو امين بڻجي پنهنجو پيغام ڏنو. شاهہ صاحب سنڌ جو هر نتگر، واهڻ وستي، ڪنڊ ڪڙڇ گهميو. هن سڄي سنڌ جو گهرو مشاهدو ڪيو. هو جتي بہ ويو تہ اهي هنڌ ۽ ماڳ مڪان بہ سنڌ جي تاريخ ۾ امر بڻجي ويا. شاهہ لطيف جا سنڌ ۾ سُر سفر يادگار آهن ۽ ان حوالي سان لطيف سائين جي سُرن بابت هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪاڪي ڀيرومل نہ صرف ماڳن مڪانن، پيچرن ۽ پهڻن جو ذڪر ڪيو آهي، پر انهن سان گڏ سنڌ جي طبعي ۽ جاگرافيائي پاڳن جو بہ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪاڪي ڀيرو مل جو شمار چند انهن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن ادبي عمارت جا بنيادي پٿر رکيا. ڪاڪو ڀيرومل مهر چند آڏواڻي سنڌي ٻولي ۽ تاريخ سان گڏ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو بہ حد درجي جو شيدائي هيو. شاهہ سائين تي پهرين لغت ”غريب اللغات“ 1907ع ۾ ڪاڪي ڇپرائي پڌري ڪئي، جنهن ۾ سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ ۽ سر ڪنڀات ۾ آيل ڏکين لفظن ۽ محاورن جي معنيٰ ڏني اٿس. ان کان علاوه ”سنڌ جو سيلاني“ (1923ع) ”چونڊ ڪلام“ (1941ع)، ”ڀٽائي گهوٽ جي ورسي“ (1942ع) سان گڏ لطيف سائين جي پيغام، فڪر ۽ ٻوليءَ تي ڪيترائي مضمون لکيا اٿس، جيڪي مختلف مخزنن ۾ شايع ٿيا آهن.

ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ لطيفيات تي ڪتابن جي اشاعت کي سدائين ترجيحي بنيادن تي رکيو آهي. هن حڪومت جي دور ۾ ثقافت جي

Gul Hayat Institute

وزير محترمہ سسئي پليجو سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ادب ۽ فن تي تحقيقي ڪم ڪرائڻ ۽ اهم ڪتابن کي ٻيهر ڇپائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪندي رهي آهي. پاڻ شاھہ لطيف جي ڪلام ۽ پيغام تي ڪتابن ڇپائڻ لاءِ خاص هدايتون ۽ رهنمائي ڪندي رهي آهي، جيڪو سندس سنڌ جي تاريخ، ثقافت، فن ۽ لطيف شناسيءَ سان گهري دلچسپيءَ جو ثبوت آهي. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن تي دلچسپي وٺي ڪتابن کي احسن نموني آڻڻ لاءِ مدد ڪندو رهيو آهي، سندس محنت ۽ دلچسپي تعريف لائق آهي.

اسان کي اميد آهي تہ هي ڪتاب ”لطيفي سُرُ“ سنڌ جي ماڻهن خاص طور تي نوجوانن جي لاءِ شاھہ فهميءَ جو وڏو سرچشمو ثابت ٿيندو ۽ شاھہ لطيف جي سيني عاشقن جون اجون اجهائيندو.

23 ڊسمبر 2012

**عبدالعزيز عقيلي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

Gul Hayat Institute

# ڀاڱو پهريون

## حياتيءَ جو احوال
## شاھ عبداللطيف

سنڌ جو هاڪارو شاعر شاھ عبداللطيف، جنهن کي ”شاھ ڀٽائي“ بہ چوندا آهن، سو شاھ حبيب جو پٽ ۽ شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ٽڙ پوٽو هو. هن جا وڏا اصل هرات ۾ رهندا هئا، پر پوءِ امير تيمور جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ اچي، مٽياريءَ ۾ رهيا. اهي مٽياريءَ وارا سيد پوءِ هالن ڏي ويا. جن مان اسان جي فخر جو باعث شاھ عبداللطيف پيدا ٿيو. هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنہ 1689ع ڌاري ڳوٺ ڪٽياڻ تعلقي هالن جي ويجهو ڀئي پور ۾ ڄائو هو.

ننڍي هوندي کان ئي شاھ صاحب جي چِٽ جو لاڙو ڏٺيءَ جي پاسي جهجهو هو ۽ جيئن ويو وڏو ٿيندو، تيئن سندس جوهر بہ ويو وڌيڪ ظاهر ٿيندو. پوءِ تہ ڪيترا ماڻهو ڪانئس ارشاد وٺي سندس مريد ٿيا.

شاھ صاحب قد ۾ بت ۾ پورو پنو هو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڦڪاڻ ڏي مائل هو. هو سادو کائيندو هو سادو هنڊائيندو هو ۽ ڏاڍو نهٺو ۽ پرهيزگار ماڻهو هو. ذهين ۽ فهيم تہ هڪڙوئي هو. سندس شعر جي ڪهڙي تعريف ڪجي! جهڙو آهي سنجيدو ۽ مفيد، تهڙو ئي آهي مٺو ۽ رس ڀريو. سندس ٺاهيل رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ لاثاني ڪتاب آهي. انهيءَ رسالي جا بيت سرن ۾ ورهائيل آهن. ڪن سرن ۾ نج تصوف پلٽيو اٿس ۽ ڪٿي تہ وري نيارا نيارا ويس ورن وٺي اُهي اُهي درد جا داستان ويهي کوليا اٿس، جن جي پڙهڻ سان پٿر بہ پاڻي ٿي وڃي. شاھ صاحب گهڻو ڪري عاشقن جون ڳالهيون ۽ ٻيا ڪهنا قصا، جن جو سنڌ ۾ ٻين هنڌ اڳيئي رواج هو تن بابت

Gul Hayat Institute

انهيءَ سر ۾ پنهنجي وقت جي حقيقت بہ ڄاڻائي اٿس تہ ڪيئن اڳي زالون پيٽي مٽڻ لاءِ صرافن وٽ وينديون هيون ۽ ڪيئن صراف هر هڪ ڦورو ڦولهي ڪتيل سٽ مان عيب ڪڍندا هوا:

ڦورو نہ ڦولهي شال سنئين پئي صراف کي.

ڪانءَ جهڙو عام پکي، جو روز اچيو گهر وٽ ڪان ڪان ڪري، تنهن تي اسين ڪو بہ ويچار نٿا ڪريون، پر هن اعليٰ درجي جي شاعر ان جون سڀ عادتون سر پورب ۾ کولي ظاهر ڪيون آهن تہ ڪيئن ڪانءُ ڏونڊ تي ڏري ٿو جتي وهي اتي وٽ لاهي ٿو ۽ ڪيئن وهاٽيءَ وٽن ۾ ڪان ڪان، ڪري پئي ٿو وغيره. هو ڪن بيتن ۾ ڪانگل کي قريبن جو قاصد بنائي ٿو ۽ هن کي پرين جي پارانين پچارڻ جو تاڪيد ڪري ٿو.

سج، چنڊ، تارا، ڪتيون ۽ ٻيا سهسين سيارا جي هر روز اسين اکين سان پيا ڏسون، تن مان اسين دل ڏيئي ڪو بہ سبق نٿا سکون، پر هن الله جي عاشق انهن سان بہ عجيب اورون ويهي اوريون آهن، جي سر ڪنيات ۾ ڏنل آهن. سج جو تجلو ۽ چنڊ جي چانڊاڻ ڏسي مالڪ جي جلوي ۽ جلال جو تصور ڪري ڇيو اٿس تہ:

سهسين سجن ايري چوراسي چنڊن
بالله ري پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان. (ڪنيات)

ڪنهن وقت مينهن پيو آهي تہ رعد جي رڙ وڄ جي ڪنوڻ، پلر جي پالوٽ، پٽن جي پاهہ جهلڻ، گاهن جي گلزاري لائڻ، سنگهارن جي سرهي ٽيڻ ۽ آن ارزان ٽيڻ جا بيان نهايت مختصر، پر مائيدار لفظن ۾ ڪيا اٿس جي سر سارنگ ۾ ڏنل آهن.

شاهہ صاحب گهر مان نڪري بازار ڏي هليو آهي. هلندي هلندي ڪنهن لهار جي دڪان تي ڏسي ٿو تہ اگر دکائي، ڌنوٽيءَ سان ڌنئين، ڪورو تپائي، ان ۾ لوهہ وجهي ٿو تہ ڪٽ ڪڙهي ٿي ۽ لوهہ ٻري ٿو. جڏهن لوهہ تپي ڳاڙهو ٿئي ٿو تڏهن مترڪا منهن ڪڍن ٿا، سنداٽيون ڪنبن ٿيون ۽ لوهہ ڌڪين تات پئي ٿو. اهي رواجي ڳالهيون جي سڀ ڪنهن ڏٺيون هونديون، تن مان هن عاشق نهايت عجيب مطلب ويهي ڪڍيا آهن، جي سر يمن ڪلياڻ ۾ ڏنل آهن. اسان کي بہ صلاح ڏني اٿس تہ جيڪڏهن پانيون تہ

Gul Hayat Institute

هيري چڙهيو هو. الاهي ذات بہ ڪا ايتري هيس جو هر هڪ ڳالهہ مان نهايت عجيب ۽ اونها مطلب ڪڍي سگهيو ٿي. پنهنجي مادري زبان تي بہ ڪلي ضابطو هوس، تنهن ڪري پنهنجي هر هڪ خيال کي نهايت عمدي پوشاڪ پهرائي سگهيو ٿي.

شاهہ لطيف جيڪي سُر سفر ڪيا سي سڀ سچي سائينءَ جي اڪنڊ ۽ اڪير وچان. جئن جئن ويو گشت ڪندو تئن تئن سندس دماغ ويو کلندو.

هر ڪنهن هنڌان هو نصيحت جا سچا موتي ۽ حقيقت جا هار حاصل ڪندو ويو. انهن آزمودن ۽ اثرن سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي ڏني. هو اڳيئي سون هو پر هاڻ پارس تي پيو ۽ سندس شعر بہ وڏيڪ موهيندڙ ۽ معني دار ٿيو. سندس شاعراڻي خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولايت واسي ڇڏي آهي ۽ هندو توڙي مسلمان، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل هن جي ڪلام تي مشتاق آهن. اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو منوءِ من موهيندڙ ڪلام هو تڏهن چئي سگهيو آهي، جڏهن هر هنڌ اکيون کولي هليو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سيلاني سڏجي ٿو.

## مکيہ سُر

شاهہ صاحب کي جبلن، ماٿرين ۽ کليل ميدانن ۾ گهمڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. برسات جي موسم ۾ جڏهن وڻ ٽڻ ڏوپي ڇهڇ ٿيندا هئا ۽ چوطرف چڱو لقاءُ لڳي ويندو هو تڏهن قدرت جو جمال ۽ جلال کيس ڪشش ڪري، گهر مان ٻاهر ڪڍندا هئا. جو قدرت جي نرمل نظارن سندس قلب کي قوت ۽ روح کي راحت ٿي ڏني. ڪڏهن بلڙي شريف ۾ پنهنجي تڙ ڏاڏي شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي، تہ ڪڏهن جهوڪ شريف ۾ شاهہ عنايت صوفي جي ملاقات لاءِ، ويندو هو. ڪڏهن خيرپور رياست جي ڳوٺ درازن ۾ هاڪاري سچل فقير جي ماڻٽن سان ملڻ ويندو هو تہ ڪڏهن ڪنهن مريد جي ڳوٺ ۾ تورا ڏينهن مهمان ٿي وڃي رهندو هو. اهڙي طرح هو گهڻو ڪري سڄي سنڌ گهميو هو. هڪ لڳا شاهہ ڪريم جي قبي جوڙائڻ لاءِ، ڪاشيءَ جي سرن خريد ڪرڻ واسطي، ملتان ويو هو. جتان درياهہ جي رستي ٻيڙيءَ ۾ لهوارو آيو هو ۽ خدآباد وٽ ساهي ڪڻڻ لاءِ سندس ٻيڙيءَ لنگر هنيو هو. انهيءَ پيري ملتان ڏي رڳو ڪم سانگي ۽ نہ سُر جي ارادي سان ويو هو. هن سچو پڇو سُر تي ورهيہ سانده جوڳين جي سنگ ۾ ڪيو ۽ هندن جا

ڪيترا تيرٿ ۽ تڪيا پيٽيائين. انهيءَ عرصي ۾ هو بہ گهمرا هنگلاج ۽ هڪ گهمرو لس ٻيلي ۽ گرنار ويو هو. هو جيسلمير ڏي ويو هو ۽ هڪ لڳا لاهوت جي بہ زيارت ڪئي هئائين. اهي هئا سندس مکيہ سئر جي هن هندستان اندر ڪيا.

پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ شاهہ صاحب ڪربلا معلي جي زيارت ڪرڻ جي ارادي سان ونگ ولهار پرڳڻي مان پنهنجن ڪن ماڻهن وٽان ٿيندو ڪجهہ اڳيرو وڌيو تہ ڪو مريد گڏيس، جنهن چيس تہ ”قبلا، هيءَ ڇا؟ ماڻهن کي چوندا وتو تہ اوهان جو ڪفن دفن بہ ڀٽ تي ٿيندو ۽ هاڻ وري پڇاڙيءَ واري وقت ۾ نڪتا آهيو هڪ وڏي سفر تي؟“ شاهہ صاحب جي دل ۾ اهي اکر چڀي ويا. ڪجھ تائين تہ بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو. آخر سفر جو ارادو رد ڪري، موٽي ڀٽ شريف ڏانهن رخ رکيائين. انهيءَ ٿوري سفر توڙي سندس مکيہ سئرن بابت رسالي ۾ گهڻي ئي اشارا آهن، جي پنهنجي پنهنجي جائي ڪولي ظاهر ڪيا.

شاهہ جو رسالو ڪو سفرنامو ڪونهي، جنهن مان پوري ريت پتو پئي تہ هو انهن سئرن تي ڪهڙين ڪهڙين واٽن ڪان ويو ۽ اتي ڇا ڇا ڏٺائين. انهيءَ هوندي بہ رسالو انهيءَ ڏس ۾ گهڻي رهنمائي ڪري ٿو. رسالي ۾ شاهہ صاحب پنهنجي سئر سياحت جا احوال عمدي عبارت ۽ سهڻن ويسن ورنن ۾ ڏاڍي ڍنگ ۽ طرز سان ڏنا آهن. تر ملڪ جو تہ سربستو احوال ڪيو اٿس ۽ اتي جا اهي اهي بيان ٻڌايا اٿس جي هئي ڪنهن بہ ڪتاب مان ملڻ مشڪل آهن. اهي سڀ بيت رسالي ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اهي ترتيب وار بيهاريا تہ هڪ چڱو خاصو سفرنامو ٿهي پوندو جنهن مان پوريءَ ريت پروڙ پوندي تہ هو ڪهڙين ڪهڙين واٽن ڪان ويو ڪهڙن ڪهڙن هنڌان رسالي لاءِ مضمون ڪٺو ڪيائين ۽ پهريان ڪهڙا بيت ۽ پوءِ ڪهڙا بيت چيائين. هن قسم جي کوجنا ڪرڻ سان شاهہ صاحب جي حياتيءَ جي احوال تي هڪ نئين قسم جي روشنائي پئجي سگهندي ۽ رسالي مان بہ هڪ نئون رس ايندو.

شاهہ جي رسالي ۾ رڳو ڳجهو روحاني راز ڪينهين، پر ڪيترن هنڌن نصيحت جا موتي منظوم ٿيا پيا آهن. ڪٿي تہ صفا سنڌ جي آڳاٽي تواريخ ۽ جاگرافيءَ جا بيان آهن، پر اهي سڀ سڪ جي سڳي ۾ پوتا پيا آهن. اهي جڏهن محبت جي مالها مان ڇني ڌار ڪيا، تڏهن پڙهندڙن کي پوري طرح

پروڙ پوندي تہ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي جا ڪيترا گم ٿيل ورق رسالي ۾ موجود آهن، جن جي هر ڪنهن کي خبر هئڻ ضروري آهي.

## سئر جو سبب

شاهہ لطيف هڪ وڏو وطن دوست هو. پنهنجي سنڌ ڏيهہ سان اهڙي تہ دل هيس جو ان لاءِ داور جي درگاهہ مان دعا پني اٿس:

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (سارنگ)

جنهن درويش جي پنهنجي وطن سان هيڏي دل تنهن تي ورهيهہ سانده پنهنجو ڏيهہ ڇڏي پرڏيهہ جا ڏک ڏاکڙا قبوليا تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو؟

"برهہ مٺايس بر نہ تہ سڪي ڪير سڏون ڪري؟"

اها برهہ جي باهہ هئي، جنهن هن عاشق کان وطن جا وڻ ڇڏايا. اهڙو پنيٺ ڪيئن ٻريو تنهن بابت هي روايت آهي.

شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ هالن تعلقي ۾ ڪوٽڙي نالي هڪ شهر هو جو هاڻ ڊٺي ويو آهي، پر ان جو ويرانو اڃ تائين ڀٽ شريف کان پنج ميل پري ڏکڻ ڏي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڪوٽڙيءَ جو حاڪم مرزا مغل بيگ هو جو ارغون گهراڻي مان هو. شاهہ صاحب جي شادي انهيءَ مغل بيگ جي نياڻيءَ سان سنہ 1714ع ڌاري ٿي. سندس بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو جنهن کي پوءِ شاهہ صاحب جا مريد ادب ۽ عزت وچان "تاج المخد رات" يعني ستياڻين جو ڇٽ ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ بيبيءَ کي هڪ گهمرو کهائي ٿي يعني ڪڇوٻار پيس ۽ وري حمل ڪو نہ ٿيس.

شاديءَ ٿيڻ کان اڳ سيده بيگم بيمار ٿي پيئي، تنهن ڪري سندس ماٽن شاهہ صاحب کي سندس دعا ڦيٽي لاءِ آندو جو شاهہ حبيب جي گهر سان مريديءَ جو رستو هون. اسان جي شاعر اچڻ سان هن نازنين جي ڇيچ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو:

"جنهن جي آڱر سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نہ لوڏو."

شاهہ صاحب هن جي ڇيچ جهلي سو گويا نڪاح جي عقد يا هٿيالو ٻڌائين، پر ڪنٽاريتن کي سندس انهيءَ هلت تان ڪاوڙ لڳي ۽ ماٽيءَ جي ڳالهہ تي ڀهريائين پير بہ نٿي ڪوڙيائون. سچ چيو اٿن تہ "لکيو لوهانئان

مون سي ڏنا ماءُ، جني ڏنو پرين کي،
ڪري نہ سگهان ڪا، انهن سندي ڳالهڙي. (ڪاهوڙي)

اهڙي طرح جڏهن خاطري ٿي اٿس تہ هي برابر ڪامل جوڳي آهي ۽ سندس صحبت مان فيض رسندو تڏهن نہ رڳي سندين ساک ڪئي اٿس، پر گنجي ٽڪر جا ڳڻ بہ ڳايا اٿس:

پير پروڙي پاءُ گنجي ۾ گڻ گهڻا،
ڪاهوڙي ڪرا ويا، نڪا اوڏي ماءُ،
جنهين ڏني جاءِ تنهين موڙڻ ميهڻو. (ڪاهوڙي)

هاڻي هتان موٽڻ ۾ مهڻو سمجهو اٿس، تنهن ڪري وطن ڏي ورڻ جو خيال لاهي اتيئي ٿاڻُ ڪري ويهي رهيو آهي.

## هنگلاج ڏي ويندي

مون ملاقات ان سين جن پورب جي پچار
اٿي پهر انجي آهہ نانيءَ ڏي نهار
سامين ساڻ ستار لاهوتي لعل تيان!

حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر وٽ جيڪي جوڳي شاهہ صاحب کي گڏيا، تن بابت چوي ٿو تہ منهنجي ملاقات انهن جوڳين سان اچي ٿي، جن جي اٺئي پهر نانيءَ (هنگلاج) ڏي نهار هئي يعني اوڏهين هلڻ جو اونو هون. اتي پاڻ بہ هنگلاج هلڻ لاءِ دل پڌائين ۽ سائين جي در سوال ڪيائين تہ شل آءٌ انهن جي سنگ ۾ رچي لعل ٿيان!

Gul Hayat Institute

هلڻ جو هنگلاج ڏي آديسين اتوم
نيئي پورب پار ڏي ويراڳين وڏوم
هو جو تيرت تڪيو سامين سونهايوم.

هي مصراعون سڀ پورب جي فصل پهرين پنيان جيڪا وائي آهي، تنهن ۾ ڏنل آهن. انهن مصراعن ۾ صفائي صفا چوي ٿو تہ آءٌ پاڻمرادو جوڳين جي پنيان ڪاهي ڪو نہ پيس، پر هنن پاڻ مون کي هنگلاج هلڻ لاءِ چيو. اهو پاسو اڳي منهنجو ڏنل ٿي ڪو نہ هو ۽ سامين ڏيکاريم. رسالي مان

ڏسي شاھ صاحب پنهنجي لاءِ وهٽ ڪو نہ ڪيو هوندو. تنهن ڪري ايتن سمجهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ هي ناز جو پاليل بہ پيادو هوندو. سندس حياتيءَ جي احوال ۾ چاڻايل آهي تہ هو اڪثر پيرين اگهارو گهمڻ پسند ڪندو هو. اها عادت انهيءَ وقت کان پيل ٿي ڏسجيس. رسالي ۾ بہ انهيءَ ڳالهہ ڏي اشارو ڪري سگهجي ٿو. ٻئي جي واتان چوائي ٿو تہ:

جتيون سي پائينديون جني پير پيرين

مطلب تہ شاھ لطيف هن وقت بين جوڳين جهڙو جوڳي آهي، تنهن ڪري هينئر هو اسان جي سڃاڻڻ کان پري آهي.

## هيلايا ۽ ڪينجهر

هيٺ جر، مٿي ميَر، پاسي ۾ وٽراھ،
اچي وچي وچ ۾ تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءِ، ڪينجهر هندورو ٿئي. (ڪاموڏ)

شاھ جي رسالي ۾ گنجي ٽڪر کان پوءِ ڪينجهر ڍنڍ جو نالو ڏيان ڇڪي ٿو. ڪينجهر جو نالو ٽورن بيتن ۾ آندو اٿس، تہ سمجهي سگهجي ٿو تہ شاھ صاحب هنگلاج ڏي وڃڻ لاءِ کهڙي واٽ ورتي هئي. هيءَ جوڳين جي جاٽ حيدرآباد کان ڪوٽڙيءَ وئي آهي ۽ اتان شاهي سڙڪ وٺي، هيلاين ڏي هلي آهي. هن وقت ريل جي رستي ڪنهن کي هيلاين وڃڻو هوندو تہ جهمپير اسٽيشن تي لهي، ڪڏئي ۽ سونڊن کان وڃڻو پوندس.

ٺٽي تعلقي ۾ "هيلايا" نالي ڳوٺ آهي، تنهنجو ذڪر شاھ صاحب مٿين بيت جي پهرين مصرع ۾ ڪيو آهي. چوي ٿو تہ هيٺ جر (جل) يعني پاڻي آهي، يعني هيلاين واري ٽڪريءَ جي هيٺان ڪينجهر ڍنڍ پيئي وهي. مٿي يعني هليلاين واري ٽڪريءَ جي مٿان ميَر آهن. ڪنڍيءَ جي وڻ ۾ جيڪي سگر ٿين ٿا تن کي، توڙي ڪنڍيءَ جي وڻ جي ٻور کي "ميَر" چئبو آهي. ٻيو چيو اٿس تہ "پاسي ۾ وڻ راھ"، سو هن ڪري چيو اٿس جو هيءَ ٻيلي جو پاسو آهي. اهڙي طرح پهرين مصرع ۾ تماچيءَ جي ڳالهہ ڪئي اٿس.

سمن گهراڻي مان جن سنڌ ۾ راڄ ڪيو تن مان هڪ ڄام تماچي هو هن حاڪم پنهنجي لاءِ هڪ عاليشان ماڙي ڪينجهر ڍنڍ جي مٿان، هيلاين واري ٽڪريءَ تي جوڙائي هئي. شاھ صاحب اها ماڙي اٿپچو ڏٺي هوندي،

ڇاڪاڻ ته اها بلڪل ٿورڙن سالن کان پُري اٿو تي ويئي آهي. هينئر ان جو ڪو به نشان موجود ڪونهي، پر رسالي ۾ ان جو اشارو آهي:

"ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ مٿي ماڙي ڏوم." (ڪاموڏ)

ڄام تماچي، نوريءَ نالي هڪ مهاڻي ذات جي گندري پرڻيو هو. انهن عاشقن جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو ته سنڌ جي حاڪم جي مهاڻن سان ماٺتي تي، ته ننڍي وڏي گندريءَ (مهاڻيءَ) جي هيلاين واري ماڙيءَ تي ڏُم هوندي هئي يعني اُتي ريل ڇيل ايندڀون ويندڀون هيون. انهيءَ عاشقاڻي قصي بابت سرڪاموڏ ۾ ڪيترا بيت چئي، پوءِ سر ڪارايل ۾ ڪينجهر ڍنڍ جي ڪنڌيءَ وٽ گهمندي جيڪي ڏٺو اٿس، تنهنجو ذڪر ڪيو اٿس. مثلاً ڪنول گلن ۾ پئونور جو واسو درياهي پکين جو مڇي مارڻ، پاڙهيري جو پکين ڦاسائڻ لاءِ پهه ڪرڻ ۽ پکين جو ڍيٻيءَ ۾ ڍير ٿيڻ. انهن مڙيني ڳالهين بابت ٿورا، پر نهايت وڻندڙ بيت چيا اٿس.

اهڙي طرح ڪينجهر ڍنڍ تي هر ڪا ڳالهه جاچيندو نئو نگاهه ۾ رکي، اوڏهين هليو آهي. سندس حياتي جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي ته نئي ويو هو تنهن ڪري چئبو ته سندس رسالو اسان جي پوري طرح رهبري ڪندو پيو هلي.

## نئو

سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي، تڏهن سندن گاديءَ جو هنڌ پهريائين ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جو مڪلي ٽڪريءَ جي اتر طرف، بنهه ڇيڙي تي،هڪ مٿاهين پٽ تي آهي. ڄام تماچي ۽ نوري گندري، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جون تربتون اڄ تائين اتي.آهن.

ساموئي کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو جنهن کي تعلق آباد به ڪري سڏيندا هئا ۽ ان کان پوءِ نئي جو شهر سنه 1340ع ڌاري ٻڌو.

سهڻي ميهار جي قصي بابت ڪي چون ته اهو پنجاب جو قصو آهي. ڪي چون ته شهدادپور ۾ تي گذريا آهن، جتان اڳي درياهه وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر شهدادپور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي. ميهار جي قبر شهدادپور شهر جي وچ ۾ هڪ پاڙي ۾ آهي. ڪي وري چون ته سهڻي ۽ ميهار ننگر طرف نئي ڏي تي گذريا آهن. سهڻي جي قبر نئي ۾ به آهي. رسالي ۾ ڪي اهڙا اشارا آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب ايئن تي وسهيو. ته سهڻي نئي

هن لاءِ ٻہ سبب آهن. پهريون ۽ مکيہ سبب هي آهي تہ شاهہ صاحب جي دل جون حالتون سسئي جي حالتن سان بلڪل گهڻو ملي ٿي آيون. سسئي پنهونءَ جي طالب هئي ۽ هيءُ پٽائي گهوٽ حق جو طالب هو ۽ اڃ انهيءَ ڪري ٿي ڪفني پهري، جوڳين سان گڏ جوڳ پچائڻ هليو آهي. سسئي پنهنجي پنهونءَ لاءِ ڏونگر ڏوريا ۽ شاهہ صاحب بہ هنئون حقيقت سان گڏي، معرفت جي ماٺ سين ڏيساندر تي ڏوريا. ٻنهي کي دنيوي تعلقاتن جي ڏونگرن کان پار پهچي، حق جو مشاهدو ماڻڻو هو. اهي ڀنڀور جا پاڻ، اهي دنيوي لاڳاپا، وچ ۾ هئا، جيڪي هنن کي پنهنجي جانب کان جدا ڪيو بيٺا هئا، نہ تہ حد ٻنهي جي هڪڙي هئي. اهڙي طرح هنن ٻنهي جون حالتون هڪ ٻئي سان گهڻو ملي ٿي آيون، تنهن ڪري پنهنجي سڪ ۽ درد جا داستان گهڻو سسئي جي واتان چوايا اٿس.

ٻيو مکيہ سبب هي هو تہ ڪيچ ڏي وڃڻ لاءِ جيڪا وات سسئي ورتي هئي، سا گهڻو ڪري ساڳي شاهہ صاحب کي لاهوت ۽ هنگلاج ڏانهن وڃڻ لاءِ وٺڻي پيئي هئي. اهو جبلن جو پنڌ نهايت اٽانگو آهي. شاهہ صاحب اهي ڏونگرن جا ڏاکڙا پاڻ ڏٺا آهن، تہ چپي چپي تي سسئي ياد آئي اٿس ۽ ڪوهستان جي ڪشالي واري پنڌ جو سمورو احوال ان جي واتان چوايو اٿس. اهي آهن مکيہ سبب، جن جي ڪري شاهہ صاحب ٻين عاشقن بابت هڪ هڪ سر، تہ سسئي بابت سڄا پنج سر چيا آهن.

"لائينديس لڱن کي مليرئان مينڌي"

سسئي پنهنجي پنهونءَ لاءِ جوڳياڻي ٿي، ڀنڀور کان شاهي سڙڪ وٺي ملير ڏي ويئي هئي ۽ اتان ڪراچيءَ اچي، منگهي پير واري وات وٺي، ٻہ پاسي ويئي هئي. شاهہ صاحب بہ ڀنڀور کان ملير ڏي آيو آهي تہ اتي جي مينديءَ جو ذڪر ڪيو اٿس. ملير جي ڳوٺ جي مينڌي اڳي هاڪاري هوندي هئي.

## ڪراچي

"ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا ڄيتيون ڪٽي ڄڳير" (گهاتو)

ڪراچيءَ ۾ ڪياماڙيءَ جي نزد، اڳي هڪ وڏو ڪن هو جنهن کي "ڪلاچي جو ڪن" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ ڪن ۾ هڪ وڏو مانگر مڇ رهندو هو جنهن مورڙي نالي هڪ مهاڻي جا ڇهہ ڀائر ماريا هئا. پر آخر

مورڙي ماريس. شاهه صاحب انهيءَ ڳالهه تان بيت چيا آهن. جي رسالي جي سر گهاتوءَ ۾ ڏنل آهن.

شاهه صاحب ڪراچيءَ جو ڪو ذڪر ڪو نه ڪيو آهي. هن جو سبب هي آهي ته جنهن وقت شاهه صاحب ڪراچيءَ ۾ آيو تنهن وقت اتي فقط هڪ ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ مهاڻا رهندا هئا. سيٺ نائون مل پوڄواڻيءَ پنهنجي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪراچيءَ جو شهر 1769ع ۾ وسيو. منڊ ۾ اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي ته شاهه صاحب 1689ع ۾ ڄائو ۽ ايڪيهن ورهين جي ڄمار ۾ يعني 1710ع ۾ جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ويو. جڏهن اڃا ڪراچيءَ جو شهر پڌوئي ڪو نه هو.

## حب ندي

حب ندي ڪراچيءَ کان ست ڪوهه پري آهي. اها ندي پب جبل جي بنهه اتر واري قطار وٽان، بلوچستان جي حد مان هلي به سؤ چاليهن ميلن ۾ پٽ پسائيندي، ڪراچي جي پريان ڪيپ مانز (راس العماري) وٽ عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. ڪيپ مانز ڪراچيءَ کان ڏهه ڪوهه پري آهي. ڪارڪ بندر جتي اڳي ڪراچيءَ جا سيٺيون رهندا هئا، سو هن پاسي آهي. حب ندي جي اورين پر انگريز سرڪار جي حد آهي ۽ پرينءَ پر قلات جي خان جي حد آهي.

هنگلاج ڏي وڃڻ لاءِ حب ندي وارو رستو وٺڻو پئي ٿو. هن وقت اهو رستو پڪو ٺاهي ڇڏيو اٿن. جو ان تان موٽرون سولائي سان هلي سگهن ٿيون. هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل هڪ پيادو پاڻ سان کڻندا آهن، جنهن کي "اڳوئو" يعني اڳواڻ ڪوٺيندا آهن. اهو اڳوئو هڪ ڇڙيءَ پٺيان هلندو آهي. اها رسم جهوني آهي. رسالي مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب سان جيڪي جوڳي هئا تن به اڳوئو ساڻ ڪنيو هو. سر حسيني جي فصل ٻارهين ۾ شاهه صاحب ان کي "بورائو" ڪوٺيو آهي. سسئيءَ کي صلاح طور چيو اٿس ته:

لکين لوڙائو سهين آهين سيج ۾
بر ۾ بورائو ڪڻ پيادي پاڻ سين.

ڪراچيءَ کان هنگلاج چوهٺ ڪوهه ڪن پري آهي، تنهن ڪري جاتين کي ضرور منزلون ڪرڻيون پون ٿيون. ڪراچي جا

ماڻهو "منزل" بدران عام طرح "پاڙو" لفظ ڪم آڻيندا آهن. "پاڙو" معنيٰ جتي جل پان يا ڇپو ڇوريو ڪجي. پهريون پاڙو حب ندي تي ڪندا آهن. رسالي جي سر آبري جي فصل ٻئي ۾ شاهه صاحب سـڳـئي جي واتان چوايو آهي ته "پهروئي پاڙو سڦرو ڪرين ساٿ ڪي." هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اهو "پاڙو" لفظ ڪراچيءَ ۾ اڳي جهڙيو اٿس.

حب نديءَ تي هن وقت واگهو گهڻا آهن. شايد شاهه صاحب جي وقت ۾ اهي ڪين هئا، تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪو نه ڪيو اٿس، باقي روجهن جو نالو رسالي ۾ آندو اٿس. "روجهه ڏٺائين رات هوت ڳولينديءَ حب ۾." روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي، جنهن جا پير اڳا ٽين ٽا. هن پاسي روجهه گهڻا آهن. اهي ماڻهن جي ڊپ کان اڪثر رات جي وقت حب نديءَ مان اچي پاڻي پيئندا آهن. اهڙي طرح شاهه صاحب پنهنجي سفر جو ٿورو ٿورو احوال ڏنو آهي.

Gul Hayat Institute

# گهٽيڪاءِ لڪ

ور وراڪا وچ ۾ لڪين آڏا لڪ (ديسي)

هنگلاج جا جاتري حب نديءَ کان پوءِ پوانيءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا آهن. هتي پواني (ديويءَ) جو ڪو مندر ڪونهي، باقي هڪ ڌرمشالا ٺهيل آهي، جنهن ۾ مسافر رهندا آهن. شاهه صاحب انهيءَ منزل جو اشارو ڪو نه ڪيو آهي، باقي پوانيءَ کان پوءِ جيڪي ور ۽ وراڪا واٽ تي آهن، تن جو مٿين مصرع ۾ ذڪر ڪيو اٿس. انهيءَ هنڌ کي عام طرح ”گهٽيڪا“ چوندا آهن. اها سموري واٽ اهڙي تنگ ۽ ورن وڪرن سان آهي، جو جيڪڏهن هڪ قافلو هنگلاج ڏي ويو ويندو آهي ۽ ٻيو پويان پيو ايندو آهي ته پريان ٿي هڪ ٻئي کي هڪل ڪري ٻيهاري ڇڏيندا آهن، ته اول هڪ قافلو لنگهي ته پوءِ ٻئي جي لنگهڻ لاءِ جاءِ ٿئي. شاهه صاحب انهيءَ تنگ واٽ کي ”سوڙهي سگهر“ به ڪوٺيو آهي. البت انهن لفظن جي اندروني معنيٰ به آهي، پر ايترو چئبو ته جن بيتن ۾ اهي لفظ ڪم آندا اٿس، تن بيتن ڇوڙ جو خيال هنن گهٽيڪن مان لنگهندي آيو ٿو ڏسجي. مٿين مصرع ۾ ٻيو جو چيو اٿس ته ”لڪين آڏا لڪ“ سو هن ڪري جو گهٽيڪن مان نڪربو ته اول مٿانهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پٺيان لڪ ايندا، جن مان پهريون آهي بريدر لڪ.

بريدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ آهي.

هتي قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبلن جي قطار کان ڇڇي، ڌار ٿي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي. پريان سمنڊ جون ڇوليون پيون ڇلڪا ڏين ته هن هنڌ جو نظارو نزاڪت ڀريو پيو لڳي.

بريدي لڪ جي نزديڪ ٿوريون ڪوهيون آهن، جي ”سيتا ماتا“• جون ڪوهيون سڏجن ٿيون. اهي ڪوهيون ڪچيون آهن، تنهن ڪري جلد جلد ڏٽجي وڃن ٿيون، پر ماڻهو اُهي وري سوري صفا ڪندا آهن.

## وندر

هيج نہ هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندين؟ (آبڙي)

”وندر“ هڪ نئَ جو نالو آهي، جا پَبَ جبل مان نڪري، پٿيهہ ڪوهہ وهي، سونمياڻي جي ڏاکڻي پاسي عربي سمنڊ ۾ اچي ڇوڙ ڪري ٿي. هن جو پيٽ ڪراچي واري ليارِيءَ نئَ کان بہ وڏو آهي.

حب نديءَ کان وندر ڏي وڃبو تہ اول بريدو لڪ ۽ پوءِ ڪارڙي ناڪو ايندا. انهيءَ ناڪي تي لس ٻيلي جي ڄام جا ملازم هنگلاج جي جاتين جو سامان ڪولائي ڏسندا آهن. جيڪي ڪپڙا بت تي پيل هوندا اُتن تن تي محصول ڪونهي، باقي ٻيا وڳا توڙي سيڌو پاڌو ۽ مَنايون، تن سيني تي محصول ڏيڻو پئي ٿو. شاهہ صاحب وٽ رڳو سڪ جو سمر هو تنهن ڪري هن کي سڀ محصول معاف هو.

ڪارڙي ناڪي کان پوءِ واٽ تي هڪ هنڌ ٿوري باغات آهي. اتي جيڪي وڻ آهن، تن ۾ انب جا وڻ گهڻا آهن، تنهن ڪري انهيءَ هنڌ کي ”انب“ يا ”انباولي“ سڏيندا آهن. وندر نئَ انهيءَ انباولي ۽ سونمياڻي جي وچ ۾ آهي. وندر کان سونمياڻي ٻہ ڪوهہ پري آهي.

ڦهريون ڪوهہ سوا پنڌ ڪبو تہ سونمياڻي جي ٻاهران هڪ ڊٺل قلعي جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. انهيءَ قلعي کي ”بالا وارو ڪوٽ“ ڪري چون ٿا. ڪئپٽن هارٽ سونمياڻي بندر جو احوال ڏيندي ڄاڻايو آهي تہ اڳي هن پاسي درياهي چورن رڻ ٻاري ڏنو هو. چورن تي چوڪسي ڪرڻ لاءِ اهو ڪوٽ جوڙايو هوائون، جنهن ۾ چوڪيدار رات ڏينهن پهرو ڏيندا هئا.

---

• هنگلاج پراڻ ۾ ڄاڻايل آهي تہ سري رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سان گڏجي چوڏهن ورهيہ بنواس پورو ڪري نڪتو هو تڏهن انهي عرصي ۾ هنگلاج بہ ويو هو. انهيءَ پراڻڪ ڳالهہ جي تصديق هيٺين ڳالهين مان ٿئي ٿي. ڪراچي گاڏيءَ حاطہ جو هڪ ڀاڱو اڄ تائين ”رمباغ“ سڏجي ٿو سو هن ڪري جو اتي اصلي هڪ باغ هو جنهن ۾ هيءَ ٽيلهر اچي ٽڪي هئي. اهو باغ هڪ تلاءَ جي نزديڪ هو جو هاڻ جيتوڻيڪ ڪراچي ميونسپالٽي پرائي ڇڏيو آهي، تہ بہ اڄ تائين اهو ”راماسر“ (رام تلاءَ) سڏجي ٿو.

سمنڊ ۾ اچي ڇوڙ ڪري ٿي. هاڙهي جبل جي اورين پاسي آهي هنگول ۽ پرين پاسي اگهور. هنگلاج جا جاتي چندر ڪوپ کان "سنگل" مان ٿيندا اگهور تي ايندا آهن. "سنگل" نالي به مڪان آهن. هڪ وڏو سنگل ۽ ٻيو ننڍو سنگل سڏجي ٿو. هي ٻئي منزل گاهه آهن.

"اگهور" هڪ ندي آهي جا ٻن جبلن جي وچ مان وهي ٿي. انهن جبلن مان هڪ جو نالو "جيءَ" ۽ ٻئي جو "وجيءَ" آهي. پراڻن پٽاندر جيءَ ۽ وجيءَ به وڏا دئت هئا جن کي ديويءَ ماريو هو.

هنگول ۽ اگهور ندين جي نزديڪ آشاپور نالي مڪان ۾ ڪاليءَ جو آستان آهي ۽ ان جي پريان ڏيڍ ڪوهه ڪن پنڌ تي هنگلاج آهي.

## هنگلاج

هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار آهي. اهو غار گهڻو هيٺ لاٿي تي نه پر مٿاهينءَ تي آهي ۽ اهڙو ڪشادو آهي جو منجهس ٽي چار سؤ ماڻهو بافرحت رهي سگهن ٿا. حيدرآباد ۾ ڪاليءَ تي ديويءَ جي مورت ايپي بيٺل آهي پر هتي پٽ ۾ سمهيل آهي ۽ سڄي بت تي هنگلو (سنڌر) لڳل اٿس. ديويءَ تي هندو ماڻهو اڪيون ۽ ڇٽ چاڙهين ٿا. هتي جاتي توڙي هنگلاج جا فقير هر گهڙيءَ ديويءَ مٿان ڪير پيا اوتيندا آهن ۽ اهو ڪڍڻ سگهڻ نه ڏيندا آهن، جي سگهو ته چون ته ان ۾ سندن لاءِ چڱائي نه آهي.

هنگلاج جي ٿان جي نزديڪ ٻيون ننڍيون غارون آهن، جن کي "سرن" چوندا آهن. اتي ديويءَ جو هڪ وڏو ڪنڊ (تلاءُ) به آهي. سڀ جاتي صبح جو سويل ڇئين بجي ڌاري سنان ڪري، ڪورو ڪپڙو ٻڌي، سرن ۾ اندر گهڙي، ڦيرو ڏئي، اچي ٻئي هنڌان نڪرن ۽ پوءِ ديويءَ جو درشن ڪري، وڃي نيرن ناشتو ڪن. سرن مان رڳي هڪ ماڻهو لنگهڻ جي جاءِ آهي، تنهن ڪري سڀ جاتي هڪ ٻئي پٺيان سرن مان لنگهندا آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته اتان لنگهڻ ڪري نجات يا شڪتي ملندي.

هنگلاج کي هندو ديوي، ماتا، امبا (مان) ۽ ٻين نالن سان سڏيندا آهن، پر مسلمان هن کي عام طرح "ناني" ڪوٺيندا آهن. "ناني" لفظ اصل ۾ آهي "ندي" معنيٰ ماءُ، پر عام طرح ماءُ جي ماءُ کي ناني چئبو آهي. هن حالت ۾ ناني ۽ ماتا ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. هنگلاج جا مجاور مسلمان آهن ۽ ائين وسهندا آهن ته هنگلاج حضرت علي جي دائي هئي. هتي جا ڪيترائي ٻنڌياڻ پارتين جا به ٻڌل آهن. پارتي هڪ قسم جا جوڳي آهن.

## هنگلاج کان موٽندي

شاهہ صاحب بہ گهمرا هنگلاج ويو هو. سندس حياتي جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي تہ پوئين گهمري هن اتي جي رسم رسمات بجا نہ آندي، جنهن ڪري جوڳين سان ناسازي ٿي پيس ۽ ڪيس اڪيلو موٽڻو پيو. هاڻ اول هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ ضروري آهي تہ هيءَ جو هيڏيءَ سڪ مان جوڳين سان گڏجي آيو سو ڪهڙي رسم رسمات هئي، جنهن بجا نہ آڻڻ سبب هن کي ويراڳين کان وڇڙڻو پيو.

هنگلاج جا جاتي ڪراچيءَ کان وٺي چندر ڪوپ تائين اٺ ڏهہ ڏينهن سانده ڏندڻ ڪو نہ ڪندا آهن، جو هن تيرٿ ۽ برسڻ لاءِ پورو پورو اوڏوت ٿي هلڻو آهي. عجب ڪونهي جي شاهہ صاحب کي انهيءَ ڳالهہ تان بچان آئي هجي تہ اٺ ڏهہ ڏينهن سانده ڏندڻ ڪرڻ ڏاران رهجي. ٻي ڳالهہ تہ جاتي جيڪو "اگوئو" پاڻ سان کڻندا آهن، سو نہ رڳو سونهون ٿي هلندو آهي، ٻر منزل منزل تي جاتين کي ديويءَ جي پوڄا ڪرائيندو هلندو آهي، جنهن لاءِ کيس ڏڪڻا ملندي آهي. ٻين منزلن تي ننڍيون ننڍيون پوڄائون ڪن، پر چندر ڪوپ ۽ هنگلاج تي وڏيون پوڄائون ڪندا آهن. شاهہ صاحب وقتي پوڄائن ڪرڻ تي اعتراض آندو هجي. هي ڳالهيون هيڪاري ثابت ڪن ٿيون تہ پاڻ جيتوڻيڪ هندو فقيرن سان رل مل ڪيائين ٿي، تہ بہ پنهنجن اصولن تي اهڙو محڪم هو جو جن جوڳين سان هيڏي پريت هيس، تن جي سنگت تان بہ آهون ڪنيائين. اهي جوڳي بہ شايد پنهنجي نالي سان هئا. شاهہ صاحب سندن رسمن پٺاندڙ نہ هليو، تہ هو کيس اتي ئي ڇڏي، پاڻ رمندا رهيا. هن ايئن نٿي ڀانيون تہ جوڳي اهڙا جٺر ٿيندا جو کيس هيئن هيڪلو ڇڏيندا. سندس حياتي جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي تہ هو پوءِ اڪيلوئي اڪيلو لس ٻيلي مان ٿيندو نٽي ڏي آيو. سندس سوانح عمري ۾ وڌيڪ حقيقت ڏنل ڪانهي پر رسالو ان ڳالهہ تي وڌيڪ روشني وجهي ٿو. رسالي مان معلوم ٿو ٿئي تہ جوڳين کان وڇڙڻ مهل شاهہ صاحب کي ڏک بہ ڏک ٿيو هو.

لکين ڪيا لسان سين لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آءُ نہ جيئندي ان ري،
مران مٿو پٽيان، نهارين نيڻان،
سخن جي سندان، آءُ نہ جيئندي ان ري

اهڙي طرح سر رامڪليءَ جي پهرين ئي پهرين فصل ۾ گهوڙا گهوڙا ڪئي اٿس ۽ منهن مٿو پٽي ڇيو اٿس تہ انهن جوڳين کان سواءِ منهنجو جيئڻ ڪونهي. اهي جوڳي ويا ڪهڙي پاسي؟

هو جني ڪهيا ڏينهن قلات، آءٌ نہ جيئندي ان ري (رامڪلي)

سر رامڪلي ۾ هيئن بہ چيو اٿس:

وٺان تو ويندا ءِ ڪاپڙي، ڪابول ڏي

هنن مصراعن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ جوڳين قلات ڏي رخ رکيو جو ڪابل پاسي ويٺو هون. رسالي مان هيءَ ڳالھ بہ ظاهر آهي تہ هيءَ پنائي گهوٽ پاڻ بہ اتان وات وٺي ڳچ تائين پنيان ويو اٿن تہ من ڪنهن مهل غصو ڍرو ٿئين ۽ مون کي پاڻ سان وٺي هلن. اهو انومان ”وٽڪار“ وارن بيتن مان ڪڍجي ٿو.

وڏا وڻ وٽڪار جا جت جئو جمر، جر. (آبري)

لس ٻيلي ۽ قلات جي وچ ۾ قلات رياست جو هڪ وڏو ڀاڱو ”جهلوان“ نالي آهي، جتي ساوڪ ۽ سبزي گهٽي آهي. انهيءَ علائقي جي جن ماٿرن ۾ وڏا چراگاه لڳا پيا آهن، تن مان هڪ جو نالو ”جائو“ آهي. اتي ”جائو“ نالي هڪ جبل بہ آهي، جنهن جي پرسان ”جمر“ ۽ ”جر“ نالي اٿانهان جبل آهن. سسئيءَ جو ڪم هو ڪيچ مڪران سان، جو لس ٻيلي جي ڏکڻ الهندي سمنڊ جي ڪناري سان آهي.

”جائو“ آهي لس ٻيلي جي اتر ڏي ۽ ڪيچ کان هيڪاري پري. هن مان ظاهر آهي تہ شاھ صاحب پاڻ ان پاسي ويو هو پر ظاهري سسئيءَ جو نالو ڪيو اٿس.

”وٽڪار“ جو ڳوٺ لس ٻيلي جي اتر ايرندي طرف ڪيرٿر جبل جي قطار سان لڳو بيٺو آهي. هتان نئن ۽ بارن نڪري ٿي، جا پهڻيارا پٽ لتاڙيندي، ڪوٽڙي تعلقي جي ڳوٺ ”سال مڪان“ وٽان لنگهي، سنڌونديءَ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪوٽڙيءَ کان سال مڪان سٺن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهيءَ ڳوٺ جي آباديءَ جو مدار نئن ۽ بارن جي پاڻيءَ تي آهي، تنهن ڪري انهيءَ پاسي چوڻ آهي تہ ”وسي جي وٽڪار تہ سرهي ٿئي سال ڏياٽي“ يعني ڪيرٿر جبل جي وٽڪار ڳوٺ ۾ وس ٿئي تہ سال مڪان تعلق ڪوٽڙي ۾ انهيءَ پاڻيءَ جي ڪري گهر ڏياٽي ڪي سرهائي ٿئي ٿي.

حاصل مطلب ته شاهه صاحب جوڳين جي پنيان قلات تائين ڪو نه ويو هو پر اڌ واٽ تي "جاڻو" توٽي وجي، پوءِ اڪيلو ئي اڪيلو جوڳين جي فراق ۾ جبل جهاڳيندو لس بيلي ڏي آيو هو ۽ اتان ڪراچي ڏي موٽيو هو. انهيءَ سڄيءَ واٽ جو احوال ميجر آئوٽرام نهايت مفصل طرح ڏنو آهي، جو پاڻ ڪابل کان اها واٽ وٺي آيو هو. اهي بيان پڙهي چئجي ٿو شابس هن مڙس جي جگر کي آهي، جنهن يڪي سر پيرين پيادي اهي اٽانگا پنڌ ڪيا.

شاهه صاحب لس بيلي ويو هو. اتي جو هڪ حاڪم "سپڙ" ولد چوٽا تي گذريو آهي، جو نهايت سخي مڙس هو. هڪ لڳي (منڊي) چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا خيرات ڪيا هئائين. جنهن بابت رسالي سر پرڀاتي ۾ بيت آهن:

سپڙ رات سنباهيا تازي تولائي
جو جاٽي نه ڪائي تنهن سان بيلي ڏٺيءَ ٻاجهه ڪي

هتي لس بيلي جو نالو آندو اٿس. مٿين مصراعن جو مطلب هي آهي ته لڳو چارڻ جيئنٽيڪ ڳائڻ وڄائڻ ڪين ڄاڻيندو هو ته به لس بيلي جي ڄام هن سان ٻاجھ ڪئي، هن لاءِ تازي گهوڙا سنيرايا.

**لاهوت**

شاهه صاحب جي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي، ته هڪ لڳا هن لاهوت ڏي وڃڻ جي تياري ڪئي، ته سندس پيءُ شاهه حبيب منع ڪيس ۽ چيائينس ته انهيءَ پاسي جن پوت ۽ نانگ بلائون آهن ۽ رستي ۾ گهڻا جاڪوڙا ڪرڻا پون ٿا. تنهن ڪري اوڏهين نه وڃ. شاهه لطيف تنهن تي وراڻي ۾ هيءُ بيت چيس:

نڪو جن جهان ۾ نڪو سڄي نانگ،
سڀئي ڇڏ پوسانگ، ته ڇپر مڙوئي ڇاڙڪي.

شاهه لطيف جاڪوڙن تي هريل هو ۽ ڪاف جي ڪشالن جي ڪاڻ ڪانه هيس، تنهن ڪري وطن ڇڏي ڪراچي طرف ويو.

ڪراچي کان لاهوت ڏي وڃڻ لاءِ منگهي پير جو رستو وٺڻو پئي ٿو. منگهي پير جون ڪشتيون ۽ اُتي جا واڳهو شاهه صاحب کان گهڻو آڳاٽا ۽ قلندر لعل شهباز جي وقت جا آهن. تنهن ڪري سمجهجي ٿو ته شاهه

Gul Hayat Institute

صاحب هتي جي درگاهہ جي زيارت، ڪشتين جو سنان ۽ واگهن جو ديدار ضرور ڪيو هوندو.

حب ندي بلوچستان مان اول منگهي پير طرف اچي، پوءِ ڪراچي جي پريان لنگهي، وچي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. منگهي پير کان حب نديءَ اٺ ڪوهہ پري آهي. انهيءَ واٽ ۾ ڪيترا ڏورا آهن. حب نديءَ جي پريان لهارٽي لنگهہ آهي، جتان ٻارهن ڪوهہ پنڌ ڪبو تہ ايندو ٽاٽو ويراب ۽ پوءِ ٻيا ڏهہ ٻارهن ڪوهہ پنڌ ڪبو تہ ايندو لاهوت. مطلب تہ ڪراچي کان لاهوت اٽڪل ڇٽيهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. لاهوت کان ڏيڍ ڪوهہ پري شاهہ بلاول جي درگاهہ آهي اتان ڪو ماڻهو وڃي، اچي لاهوت جي زيارت ڪبي آهي.

شاهہ حبيب هن واٽ جي تڪليفن بابت ذرو بہ وڌاءُ ڪو نہ ڪيو هو. سچ پچ هيءَ نهايت اڻانگو پاسو آهي. واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جي پروڙ پوءِ شاهہ لطيف کي بہ پيئي. چيو اٿس تہ:

"چيتا چور چنجن ۾ بر ۾ بلائون."

برپٽن ۾ بلائون جتي ڪٿي آهن، پر هن پب جبل پاسي چيتا جام آهن. هاڙهي جبل ڏي چيتو گهٽو ڪونهي. شاهہ حبيب بيو جنن پوتن جو چيو هوس، سوديون ۽ جنن پوتن جون ڳالهين اڄ بہ ڪن ٿا.

پب جبل ۾ واهيون آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ جهنگلي نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هي باغات ڪٿان آئي، تنهن بابت هتي جا ماڻهو چون ٿا تہ شاهہ بلاول جڏهن هتي آيو تڏهن هي باغ "گوڪل" نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ هو. جو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو سندس تابع هئا. شاهہ بلاول هتي اچي چلا ڪيا ۽ پنهنجي عبادت جي زور تي سيني ديون کي هتان ڀڄائي ڪڍيائين. هن اولياءَ جي وڏيڪ احوال جي هتي ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي. رڳو ايترو چون ٿا تہ هو قلندر لعل شهباز جو همعصر هو. هن جي درگاهہ هتي ٺهيل آهي ۽ پب جبل جو سچو پچو سينگار آهي. هتي هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ ميلو لڳندو آهي، جو ٽي ڏينهن سانده هلندو آهي. ميلي ۾ اڪثر رڳو مسلمان اچي ڪٺا ٿيندا آهن.

شاهہ بلاول جي درگاهہ کان ڏيڍ ڪوهہ اوريرو پب جبل جي پيٽ ۾، هڪ وڏو جبل جو صفو آهي، جنهن کي "لاهوت" سڏين ٿا. جبل تان لهي هن

Gul Hayat Institute

صفي ۾ اندر ويجھڻ ڏکيو آهي، تنهن ڪري زيارتن جي سهنج لاءِ تازو لوه جي ڏاڪڻ جوڙائي ڇڏي اٿن ۽ جبل مٿان نوڙي بہ ٻڌي ڇڏي اٿن، جنهن کي جهلي ڏاڪڻ تان هيٺ لهجي ٿو.

لاهوت واري صفي ۾ هڪ هنڌ ڇت ۾ ڳئون جي ٿڻن جهڙا پهڻ جا ڳوڙها آهن. چون ٿا تہ اڳي انهن ٿڻن مان کير وهندو هو. هاڻ تہ رڳو پاڻي ٽڙا ٽڙا ٿي هيٺ ڳڙي ٿو. هتي تغاريءَ جي شڪل جو هڪ پهڻ آهي، جنهن کي بيبي فاطمہ جي ٿوبي سڏين ٿا. چون ٿا تہ بيبي سڳوري انهيءَ ٿوبيءَ تي ماني پچائي هئي.

لاهوت ۾ ڪي پهڻ اهڙي طرح بيٺل آهن جو انهن ۾ جيڪر پينگهو ٽنگي سگهجي. درگاه جي خليفي چيو تہ هتي امامن کي بيبي فاطمہ پينگهي ۾ لوڏيو هو.

هتي ڪي پٿر آهوڙي جي نموني بيٺل آهن. انهي هنڌ بابت چيائين تہ هي حضرت علي جي دلدل جو آهوڙو آهي.

خليفہ جي چوڻ موجب نبي سڳورا بہ هتي آيا هئا ۽ پٿر مان ڪشتي پيدا ڪئي هوائين، سا اجا آهي. شاهہ بلاول جي درگاه جي خليفي• چيو تہ لاهوت لامڪان چوٿين عرش تي آهي پر هيءَ زمين تي لاهوت پنجن تنن جي جاءِ ۽ مڪي شريف جو دروازو آهي تنهن ڪري ڪٿان ڪٿان جا مومن جهجهي صدق سان هتي زيارت لاءِ ايندا آهن.

## مائٽن سان ملاقات

شاهہ هنگلاج کان دوارڪا ڏي ويو هو ۽ ٽن ورهين کانپوءِ مائٽن سان وڃي مليو هو. چون ٿا تہ پڻس کي سندس هنگلاج ڏي وڃڻ جي ڳالهہ نہ وڻي ۽ هي بيت چيائين:

ڪوڙا سامي، ڪوڙ ڳالهائن، ڪوڙو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، هو ڏسين هنگلاج ۾!!!

انهيءَ تي شاهہ لطيف باادب هيٺيون بيت چيو:

سچا سامي، سچ ڳالهائن، سچو سندن پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، پر هنن ڏٺو هنگلاج ۾.

---

• امام بخش ولد سائينداد ڪرمتي پروچ خليفو درگاهہ شاهہ بلاول، اصل ماڪن لس بيلو. ملاقات جي تاريخ 25 فيبروري 1926ع

Gul Hayat Institute

رسالي ۾ انهن بدران هي ٻه بيت آهن:

(1) ناٿ جتهين ننڊ، تت نه نهاريو جوڳئين،
هٿا ڪئيساهيا ڪاپڙي تي پريا پراهين پنڌ
هو هئو هنهين هنڌ، هو هٿهين تي هنگلاج ويا.

(2) ناٿ جتهين ننڊ، تت پڻ نهاريو جوڳئين،*
سي سويساهيا ڪاپڙي پريان پراهين پنڌ،
هو هئو هن هنڌ، هن هنگلا جان هٿ ڪيو.

شاهه لطيف ڪي جوڳين جو تاءُ هن ڪري تي ايريو جو سندس سنگ مان گهڻوئي پرايو هوائين. پاڻ چيو اٿس ته:

”مون پڻ مِلان ٿن حاصل ڪي حال ڪيو.“

Gul Hayat Institute

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي رسالي ۾ هن بيت جي لکڻي هن ريت آهي.
ناٿ جتهين ننڊ، تت پ نهاريو جوڳيين
هٿا سويساهيا ڪاپڙي، تي پُريا پرانهين پنڌ
هو هئو هن هين هنڌ، هن هنگلاجان هٿ ڪيو

پاڱو ٻيو

# گرنار ڏي ويندي

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي،
ديکي تن دوارڪا مهيـــن ملهي. (رامڪلي)

هنن مصراعن ۾ شاهه صاحب بلڪل چٽيءَ ريت ڄاڻائي ٿو ته جوڳي پهريائين هنگلاج ڏي هليا ۽ اتان ٿي، پوءِ دوارڪا جي درسن لاءِ ويا. مطلب ته هي شاهه صاحب جو هڪ ٻيو سٽاٽو سفر آهي، جنهن جو بيان رسالي ۾ نهايت رمز سان ڪيو اٿس. رسالي ۾ ڪراچيءَ واري لاڙ ڪوري ڪاري ۽ لکپت طرف جا اشارا جهجها آهن، تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهي ٿو ته هيءَ جوڳين جي جاٽ هنگلاج جو تيرٿ ڪري، ڪراچيءَ ڏي موٽي هئي ۽ اتان ٿئي وٿان سنڌو ندي وارو پتڻ اُڪري، سجاول ۽ مغلڀين تعلقي جاتيءَ ڏي ويئي هئي.

ڪاري ڪيڙائو مٿي مٿي موٽيا. (سامونڊي)

شاهه صاحب عربي سمنڊ کي ”ڪارو“ ۽ سنڌونديءَ کي ”مٺو“ سڏيو آهي. ڪاريءَ مٿي جو ميلاپ رڳو سنڌوندي جي ڇوڙ وٽ ٿئي ٿو. سنڌوندي جا ڇوڙ گهڻا آهن. هن وقت پاٽيءَ جون اهي ٻئي جنـون ڪيٽي بندر طرف آهن. مطلب ته ڪراچي جي لاڙ واري پاڳي کان سواءِ ٻي ڪنهن به هنڌ ڪارو ۽ مٺو ڪينهن، تنهن ڪري يقين ڄاڻڻ گهرجي ته شاهه صاحب ڪراچيءَ واري لاڙ جو ذڪر ڪيو آهي.

ويٺو تن تنيس، مک ڏيهاٽي مڪڙي،
سنباهي سيد چئي مٿي نائونءَ نينس (سراگ)

Gul Hayat Institute

"نائو" معنيٰ ڪاري. مغلڀين طرف جا رهاڪو ۽ ڪڇي لوڪ عام طرح ڪوري ڪاريءَ کي "مغلڀين وارو نائو" سڏيندا آهن. سنڌ جي تاريخ توڙي جاگرافي مان معلوم ٿيندو تہ ڪوري ڪاري اصل مٺي هئي ۽ پوءِ ڪاري ٿي آهي. اها ڪاري جڏهن مٺي هئي، تڏهن انهيءَ کي "مٺي جو نائو" سڏيندا هئا. آڳاٽن ڪتابن ۽ نقشن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪوري ڪاريءَ کي اڳي "سنڌوندي جو اپرندي وارو ڇوڙ" سڏيندا هئا. اهي سڀئي ڳالهيون ڳڻي چئجي ٿو تہ رسالي جا سر سراڳ ۽ سامونڊي ڪراچي جي هن لاڙ واري ڀاڱي بنسبت چيا اٿس. انهن ٻنهي سرن جو هاڻ ذڪر ڪجي ٿو.

## سر سراڳ ۽ سامونڊي

چچ نامي واري زماني کان وٺي ويندي ميرن جي صاحبي تائين ڪراچي جي لاڙ وارو ڀاڱو واپار ۽ هنرن سبب هاڪارو هو ۽ اها برڪت هاڻ ڪراچي جي شهر ۾ اچي پيئي آهي، جو هن وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏي واپار جي جاءِ آهي ۽ "اپرندي جو ستارو" سڏجي ٿو. آڳاٽي وقت ۾ جيڪي هاڪارا بندر جهڙوڪ ديبل بندر ۽ لاڙي بندر هئا. ٻيو هڪ هاڪارو بندر جو خود شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ زور هو ۽ جنهن کي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي نالي پٺيان "شاهہ بندر" سڏڻ ۾ فخر ٿي ورتو. سو هاڻ اجهاڻو پيو آهي، اڳي اتي جهاز هلندا هئا.

سر سراڳ ۾ شاهہ صاحب صرافن، موتين جي واپارين ۽ وينجهارن جا ذڪر ڪيا آهن، سي شايد ٺٽي جي شهر ۾ ڏٺا اٿس، جتي موتين جا واپاري توڙي وينجهار اڄ تائين گهڻا آهن. تواريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳي هيءُ ڀاڱو جهڙو سائو چئجي تهڙو هو. اهو اڳوڻو اوج جيتوڻيڪ هاڻ اڏامي ويو اٿس تہ بہ ان جا نشان اڄ توڻي قائم آهن. هتي اڳي وڏا وڻجارا رهندا هئا جن جي شاهوڪاريءَ جون ڳالهيون مغلڀين جي ماڻهن کان اڄ تائين نٿيون وسرن.

مغلڀين جي پريان رڙهي نالي ڳوٺ آهي. هن وقت اتي رڳو ٽورا ڊٺل قبا بيٺا آهن، جن مان هڪ وڏو قبو خواجن جي پير ميان نور محمد شاهہ جو آهي. هن رڙهي جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار هئا جو هاڻ هن پاسي ڪو اڍنگا سڍنگا خرچ ڪري تہ هن کي چون بہ ايئن تہ "رڙهيءَ جو شاهوڪار آهين ڪيئن؟" مغلڀين کان اڍائي ڪوهہ پري اُتر اُپرندي طرف نند ڪوٽ

Gul Hayat Institute

آهي. هتي اڳي نند* نالي راجا هو جنهن جو ڪوٽ هاڻ ڊٺو پيو آهي. مغلڀين جا ماٺهواڄ تائين ايئن چون تہ انهيءَ ڀڙي (ڊٺل ڪوٽ) ۾ جهجهو ڌن پوريل آهي.

مغلڀين کان ٻہ ڪوهہ ڪن پري "سير ڳنڊيو" آهي. هتي "سير" نالي ڪاري پيئي وهي. هن کي "سنڌو بندر" بہ چوندا آهن. جو "سنڌو" نالي ڳوٺ نزديڪ اٿس. هن بندر جو لکپت ۽ ڪڇ سان سارين ۽ ٻين جنسن جو واپار هلي ٿو. هتان هر سال ستن اٺن لکن روپين جي مال جي روانگي ۽ ٿن چئن لکن جي آمدني ٿئي ٿي، تنهن ڪري هتي سرڪاري ڪسٽم آفيس جي شاخ آهي سنہ 1914ع کان وٺي سير ڳنڊي واري ڪاري سڪڻ جا سعيا ڪيا آهن ۽ ٻيڙين جي آمدرفت کي ٻنجواچڻ لڳو آهي. انهيءَ حال سان بہ هن پاسي جو واپار اڃا چڱو ڀلو هلي. هيءَ هاڻوڪيون ڳالهيون جڏهن اڳين احوالن سان گڏ ويچارجن ٿيون، تڏهن پروڙ پئي ٿي تہ سنڌ جو هيءَ ڀاڱو جنسي پارس هو. هاڻ ڏسو تہ شاهہ صاحب هن پاسي جا ڪهڙا بيان ٿو ڏئي.

ڪرڦل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيٽ پاٽائون،
ڪوڻيون، قيمت سنديون تڙ ۾ تاڪيائون (سراڳ)

هتي جا واپاري لونگ، ايلاچي، ڪپڙو، آبدار موتي ۽ ٻيا ڪيترا قيمتي مال ٻيڙين ۾ ٻاهر روانا ڪندا هئا. هيءَ تواريخي ڳالهيون آهن.

لونگ ۽ ايلاچي سنڌ جي پيدائش نہ آهي، پر سنڌ جا وڻجارا اهي ۽ ٻيون شيون هڪڙن ڏيساورن مان گهرائي، ٻين ڏيساورن ڏي موڪلي، وڻج واپار ڪندا هئا. موتين جو واپار بہ ڪندا هئا.

پٽ شاهہ تعلقي هالي جي پريان ڳوٺ ڪنڀ دارون جي ويجهو هڪ ڍنڍ آهي. هالن ۽ شهدادپور تعلقن ۾ گشت ڪندي ڪن کان معلوم ٿيو تہ انهيءَ ڍنڍ مان اڳي سچا موتي نڪرندا هئا ۽ شاهہ انهن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ڍنڍ مان موتي نڪرندا هئا يا نہ، سا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ جاڻايل ڪانهي، پر اها پڪ آهي تہ شاهہ صاحب انهيءَ ڍنڍ جي موتين جو ذڪر نہ ڪيو آهي. چيو اٿس تہ:

---

* ڪجهي لوڪ ايئن چوندا آهن تہ مومل جا راڻي سان پرڻي هئي، سا هن راجا نند جي نياڻي هئي، ايئن نہ آهي. هوءَ جيسلمير جي ويٺل هئي ۽ انجو ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

ويا سي عميق ڏي منهن ڪاٿو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيهي. (سراڳ)

هتي ”عميق“ يعني سمنڊ جي ڳالهه ڪئي اٿس. سمنڊ مان اڄ تائين سنڌ جا غواص موتي ڪڍن ٿا. اهو مقاطعو ڪسٽم کاتي جو عملدار ڏيندو آهي.

ڪراچي طرف لانڍي اسٽيشن جي پويان، ريڙهي نالي ڳوٺ آهي. اتي سمنڊ جي ڪناري تي ڏسو ته سپين جا ڍڳ لڳا پيا آهن. انهن سپن مان بلڪل هلڪي ناٽي وارا موتي نڪرن ٿا، جي اڪثر دوائن ۾ ڪم اچن ٿا. هن وقت قيمتي پاٽيٽ ايران جي نار طرف لين ٿا. سنڌ جا وڻجارا پنهنجا ٽوپير پري سمنڊ ۾ موڪليندا هئا ۽ اهي جيڪي موتي آڻيندا هئا، تن جو چڱو واپار هلندو هو. شاهه صاحب انهن جي ڳالهه ڪئي آهي.

مغلپين طرف جا ناکئا اڄ تائين ملبار ۽ بين ڏورانهن پاسي ويندا آهن. شاهه صاحب جي وقت ۾ اهي ڪهڙن ڪهڙن پاسي ويندا هئا، سي ڳالهيون ٻڌو.

هيءُ سنڌ جو وڏو سڳلاني اسان کي ٻڌائي ٿو ته سنڌ جا وڻجارا جڏهن وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا، تڏهن دنگين ۾ پاڻ سان هوشيار ”معلم“ ڪٽندا هئا. سنڌ ۾ اسين عام طرح جنهن کي ”سکاني“ سڏيون ٿا، تنهن کي لکپت ۽ ڪڇ پاسي ”معلم“ ڪوٺيندا آهن. هندستان جي امپيريل گزيٽيئر ۾ به اهو ئي لفظ ڪم آڻي لکيو اٿن، ته ڪڇي معلم اڄ تائين هاڪارا آهن. شاهه لطيف اهو لفظ هتان جهٽيو آهي.

سودي ڪارڻ سڀهي ويهون وڻجارن،
ويا چين بنگال ڏي رکي ماڻڪ من. (سراڳ)

هي تواريخي ڳالهه آهي. انگريزن سنڌ فتح ڪئي تنهن کان رڳو پنج ورهيه اڳي يعني 1838ع ۾ جيڪو واپار سنڌ ۾ هليو هو تنهنجو مفصل بيان ڪمانڊر ڪارليس ڏنو آهي، جو سنڌ گزيٽيئر ۾ به ڪجهه قدر ڇاپايل آهي. انهيءَ سال سنڌ ۾ اٽڪل ساڍن ايڪيهن لکن روپين جو واپار هليو هو!! انهيءَ سال جيڪي مکيه شيون سنڌ ۾ آيون تن ۾ چين ۽ بنگال جو ريشم هو. مطلب ته شاهه صاحب جي وقت کان وٺي ويندي 1838ع تائين به وڻجارا انهن پاسي ويندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن لاءِ لنڪا جي اوهريا،
سٽي سون لنڪا جو سڪ نہ ساموندين (ساموندي)

هن مصرع ۾ چوي ٿو تہ چوماسي پوري ٿيڻ بعد، اتر واءُ لڳڻ تي، يعني سياري جي منهن ڪيڻ سان، جڏهن سمنڊ ماٺو ٿئي ٿو تڏهن وڻجارا سفر تي ويندا آهن ۽ جڏهن واهوندا ورندا هئا يعني بهاري موسم ٿيندي هئي، تڏهن پنهنجن ماڳن تي موٽندا هئا. هن ڳالهہ کي وڌيڪ کولڻ لاءِ چوي ٿو:

ڏٺي ڏئاري ساموندين سر سنباهيا. (ساموندي)

مطلب تہ سنڌ جا ساموندي اسوءَ واري مهيني ۾ ڏياري ڪري پوءِ اسهندا هئا ۽ چيٽ مهيني ڏاري گلابي رت ۾ موٽندا هئا يعني جملي ڇهن مهينن جو سفر ڪندا هئا. انهيءَ عرصي مان بہ ثابت آهي تہ هو لنڪا، چين، بنگال ۽ ٻين پاسي ويندا هئا، جنهن ڪري اچڻ وڃڻ ۾ ايترو وقت لڳندو هون.
هتي ڪن وڻجارين کي پنهنجن ڪانڌن کان وڇڙندو ڏنو اٿس، تہ هي مڙس پنهنجن سورن جا سبق اٿلائڻ لڳو آهي. پاڻ کي وڻجاريءَ جي حالت ۾ وجهي، اهي اهي ڦوڙائي جا بيت چيا اٿس، جي هوند پٿر جهڙين دلين بہ ڳاري پاڻي ڪري ڇڏين.

الوڙڻ نہ ڏئي ور وڏائين ونجهہ کي،
رهہ اجوڪي راتڙي لالڻ مون لائي،
وڃ م ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين (ساموندي)

چوي ٿو تہ ٻيڙيءَ هلائڻ جو ونجهہ وڻجاري ڇوڙڻ نٿي ڏئي ۽ ور وجهي ان کي چنبڙي پيئي آهي ۽ روئي مڙس کي چوي ٿي تہ وڌيڪ نہ تہ بہ اجوڪي رات منهنجي سانگي ترسي پوءِ اي سڄڻ، مون کو ڦوڙائو (وڇوڙو) ڏيئي ايڏي (ڇهن مهينن جي) سفر تي نہ وڃ. اهڙي طرح ٻيا بہ بيت چيا اٿس جن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ وڻجاريون پنهنجن ورن کان وڇڙڻ مهل جالارو جر هاريندريون هيون ۽ جيستائين سندن مڙس سک سان نہ موٽندا هئا، تيستائين اهي ويچاريون درياهہ ۾ اکا ۽ بحرانا وجهنديون هيون ۽ چؤواٽن تي ڏيا ٻاريندريون هيون.

جا جر جاتون نہ ڏئي ڏيا نہ موهي
سڏون ڪوهہ ڪري سا پنهنجي ڪانڌ جون؟

وڻجارا جڏهن اونهي ڏي اهرندا هئا، تڏهن ڪن ڪي واٽ تي درياهي چور اچي وڙائيندا هئا.

معلم ماڳ نہ اڳيين ڦلنگي منجھ ڦريا
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ اچي چور چڙهيا.

ڦلنگي– فلنگي– فرنگي اصل لفظ Frank. يورپي ماڻهن کي ”فرنگي“ چئبو آهي. پروفيسر گربخشاڻي پنهنجي رسالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ پورچوگيزن ۽ انگريزن، جن عيسوي سورهين صدي ۾ هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون، تن مان ڪي درياهي چور هوندا هئا. شاهہ صاحب هنن کي ”ڦلنگي“ سڏيو آهي.

ڪن جي متان وير وري ويندي هئي ۽ ڪن جا غوراب غرق ٿي ويندا هئا.

”جتي ڏينگ ڏريا تتي تاري تنهنجي.“

اهڙي طرح شاهہ صاحب سندن سڀ احوال ڏنو آهي. وڻجارن جي موٽڻ جا ڏينهن ٿيندا هئا، تہ سندين وهون هر گهڙيءَ وڃي تڙ تي واجهائينديون هيون. پريان ڪو جهاز ايندو ڏسنديون هيون تہ ان ۾ اکيون پائي وهنديون هيون. هرڪا چوندي هئي تہ:

مان منهنجو هوءِ جاني هن جهاز ۾!!

مطلب تہ شاهہ صاحب جهڙو پاڻ ڦوڙائي جو ڦٽيل هو تهڙائي درد جا داستان سر ساموندي ۾ آندا اٿس. ههڙن عمدن بيتن چوڻ سان ڪمال ڪيو اٿس.

سر سراڳ ۽ ساموندي ۾ نہ رڳو تواريخي احوال ۽ اکين ڏٺيون ڳالهيون ڄاڻايون اٿس، پر انهن ۾ تمثيل بہ رکي اٿس. چوي ٿو تہ اي بندا، تنهنجو جسم آهي بيڙي ۽ تنهنجو سينو آهي سڙهہ. پنهنجو سينو ڌوئي صاف ڪر ۽ ڪنهن ڪامل ڪشتيبان جي دامن وٺ تہ دنيا جي لهرن ۽ لوڏن مان لنگهي پار پوين. خود تنهنجي دل اندر درياهہ آهي. غواصن وانگر ٽٻي هڻي، من واري مهراڻ مان بي بها لعل لوچي هٿ ڪر، تہ پنهي جهانن ۾ سکي ٿئين!

مطلب تہ پئي رمزون رکيون اٿس. تواريخ جي تواريخ ۽ نصيحت جي نصيحت. ويتر انهن سان سڪ ۽ درد جون ڳالهيون ڳنڍي، انهن احوالن کي هيڪاري من موهيندڙ بنايو اٿس.

شاهہ صاحب نهايت ملڻو هو. ڳالهين ٻڌڻ جو بہ شوق جهجهو هوس.

Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ جي هن لاڙ واري ڀاڱي ۾ آيو ۽ اتان ڪنهن ڪان ڪڪرالي (شاھ بندر) طرف جو هڪ ڪهنو قصو ٻڌو اٿس ته انهيءَ بابت به بيت چيا اٿس. ڪڪرالي ۾ ڄام تماچي جي ڀاران سندس ڀاءُ اوڍو ڄام حڪومت ڪندو هو. هن جو پٽ جکرو هو جو نهايت سخي مرد هو. شاھ صاحب هن جي تعريف ۾ ڪيترا بيت چيا آهن، جي رسالي جي سر پرڀاتي ۾ ڏنل آهن. ”ليلا چنيسر“ جا بيت به هن طرف اچي ڏنا اٿس، جو چنيسر جي گاديءَ جو هنڌ ”طور“ نالي شهر ۾ هو جنهن جو ويرانو اڄ تائين شاھ ڪپور جي نزديڪ ميرپور بٺوري ۽ مغلڀين جي اڌ واٽ تي شاهي سڙڪ کان ٿورو پاسيرو آهي.

## ڪڇ

”ڪڇ“. لفظ اصل ۾ آهي ”ڪڇڇ“ معنيٰ ڪنڌي يا ڪنارو. ڪڇ يا ڪاڇو اهو ملڪ آهي جو جبل جي وٽ يا سمنڊ جي ڪناري سان هجي. ڪڇ کي الهندي کان عربي سمنڊ ۽ ڏکڻ کان ڪڇ جي نار جون ڇوليون ڇلڪا ڏيئي ان جا پٽ پيئون پسائين، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس.

ڪڇ ملڪ ۾ ڪٿي واري ته ڪٿي ٽڪريون آهن ۽ نديءَ جو ته نالو به ڪونهي، تنهن ڪري هتي وٽڪار به خير ڪا آهي. عيسوي ستين صدي ۾ هي ملڪ سنڌ جو هڪ ڀاڱو هو. ڪڇي ماڻهو سنڌي ٻولي عام طرح ڳالهائيندا آهن.

مغلڀين جي ڀريان ڪو نه ڪاري اُڪري پار ٽپو ته ڪڇ جو اهو هاڪارو بندر ايندو جو ”لکپت“ سڏجي ٿو. هن شهر کي چوڌاري عالم پناه ڏنل آهي ۽ منجهس چڱي بستي آهي. شاھ صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، تن گرنار وڃڻ لاءِ هي واٽ جنهن مطلب ڪري ورتي هئي، سو مطلب اڄ به سمجهڻ سولو آهي. لکپت جي نزديڪ نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر نالي ٻه تيرٿ آهن، جي هڪ ٻئي کي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين کي اها جاءِ ڪرڻي هئي، تنهن ڪري هيءَ واٽ ورتائون. سنڌ ۽ ٻين ڪيترن پاسن جا هندو اڄ تائين نارائڻ سر ۾ پترن ٻولائڻ لاءِ ويندا آهن. پر اهو رواج گهٽبو پيو وڃي، جو ماڻهن جو پترن ٻولائڻ جي ڳالهه ۾ هاڻ گهڻو ويساهه ڪونهي.

منجهين بابو ٻکيا منجهين نارائڻسر. (رامڪلي)

شاهه صاحب چوي ٿو تہ ناراڻسر ويڻ جو ضرور ڪونهي جو هر ڪنهن جي وجود اندر اهو تيرٿ آهي. لکپت ۾ ابراسو جي وچ ۾ چتراڻو نالي هڪ ڏونگر آهي، جتان اڳي هڪ درياهہ وهي، مانڊوي جي ويجهو ڪڇ جي نار ۾ چوڙ ڪندو هو. انهيءَ کي "پترِيل" يا "پتيهل" درياهہ چوندا هئا. اهو درياهہ ڪيترن سالن کان سڪي ڍوِين (ڍِهون) تي ويو آهي ۽ منجهس جهنگلي وڻ ٽڻ بيٺا آهن. رسالي جي سر ڏهر ۾ انهيءَ ڍوري جو نالو ۽ انهيءَ طرف جي حاڪم جسودن موراٽيءَ جي ڳالهہ بابت اشارا آهن.

جسودن موراٽيءَ نالي چوَن تہ هن تي هڪ گره ويٺو هو جو ساڍا ست ورهيہ هليس. انهيءَ عرصي ۾ پتيهل سڪو ۽ سندس ملڪ ۾ ڏڪار پيو جنهن ڪري پاڻ بہ ديس ڇڏي ويو. رسالي ۾ انهيءَ وقت جا بيت آهن جنهن وقت اهي سختيون ملڪ تي نازل ٿيون هيون ۽ جسودن فقير تي نڪتو هو.

## پچه

پچ جو شهر ڪڇ جي حاڪم راءِ کنگهار سنہ 1548ع ۾ ٻڌايو هو. هن شهر تي اهو نالو هن ڪري پيو جو اهو "پجيہ" (پجنگ) يعني نانگ ديوتا کي ارپڻ ٿيل آهي. لکپت کان پچ ساڍا چاليهہ ڪوهہ پري آهي ۽ اهو خشڪيءَ جو پنڌ آهي. ڪراچي کان جيڪڏهن جهاز جي رستي پچ وڃبو تہ مڏئي بندر (مانڊري) تي لهبو. مڏئي کان پچ ارڙهن ڪوه پري آهي ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پئي آهي، جتان هاڻ موٽرون اچن وڃن ٿيون.

شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ پچ جي حالت ضرور ٻي هوندي، ڇاڪاڻ تہ 16 جون 1819ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ زلزلو ٿيو هو جنهن ۾ هن شهر سان غضب ٿي چڪو هو. راءِ جو محلات ۽ رعيتي ماڻهن جا ست هزار کن گهر زمين دوز ٿي ويا هئا. سرڪاري تخميني موجب انهي ڀونچال ڪري ساڍيون ٻارهن سؤ حياتيون چٽ ٿي ويون! هن وقت جيڪي جايون اُتي آهن، سي اڪثر ويجهڙائي جون جڙيل آهن.

### ڏن تون ڏناسري ڏن ڏن ٻالا پير (ڏناسري)

ٻالا پير جي درگاهہ هتي آهي شاهہ صاحب شايد زيارت ڪئي هئي.

شاهہ صاحب لکپت، ناراڻسر ۽ موراسو گهمند پچ ۾ ويو تہ جاڙيجن ۽ لاکي ڦلاڻيءَ بابت بيت چيائين، جي رسالي ۾ آهن.

Gul Hayat Institute

## هالار

"هالار" لفظ اصل ۾ آهي "هالا واڙ" يعني هالي جي واڙ يا لوڙهو. هالو نالي هڪ جاڙيجو راجپوت ڪڇ ملڪ ۾ ٿي گذريو آهي، تنهنجي نالي پٺيان اهو پرڳڻو سڏجي ٿو. هالي جي اولاد مان ڄام روال ڪڇ جو حاڪم هو. سنه 1540ع ۾ راءِ کنگهار هن کان ڪڇ ملڪ ڦري پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ پڄ جو شهر ٻڌائي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين.

هالار پرڳڻو هن وقت ڪاٺياواڙ جو هڪ پرانت (ضلعو) آهي. اهو پرڳڻو اصل ڪڇ ملڪ سان لاڳو هو. سنڌ ۾ جڏهن سومرن جي صاحبي هئي تڏهن ابڙو نالو هڪ سمو هالار جو نواب هو تنهن ڪري شاهه صاحب هن کي "هالار ڌڻي" سڏيو آهي.

رچي جي ريٽو ٿيان ڪين اباڻجن اوءِ،
کنيي نه ڪاري تنهن کي جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوٻي ڏوءِ، ته به لالي ان جي نه لهي. (مومل راڻو)

شاهه صاحب چوي ٿو ته هالار ۾ ڪپڙي کي ڳاڙهو رنگ اهڙو پڪو ٿا ڏين، جو ڌوٻي جيڪڏهن کنيي تي چاڙهيندس ته به انجو رنگ نه ڦٽندو هي هالار جي هنر جو ذڪر ڪيو اٿس.

هالار ڪنهن خاص شهر جو نالو ڪونهي، پر ضلعي جو نالو آهي، تنهن ڪري پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته شاهه صاحب هالاري رنگ جا ڪپڙا ڪهڙي هنڌ ڏٺا. هو پڄ کان مانڊوي ويو هوندو ۽ اُتان ڪڇ جي نار اُڪري، دوارڪا ڏي ويو هوندو. اهو ڪپڙو ڪڇ توڙي دوارڪا ۾ ملي سگهي ٿو.

## دوارڪا

دوارڪا جو تيرٿ سڄي هندستان جي مکيه تيرٿن مان هڪڙو ليکجي ٿو. امپيريل گزيٽيئر موجب هتي هر سال ڏهه هزار کن هندو دوارڪا ناٿ جي درشن لاءِ اچن ٿا. هتي دوارڪا ناٿ جو هڪ وڏو مندر جڙيل آهي، جو نهايت اوچو آهي. وچ واري حصي کي ست ٿنيا ڏنل اٿس! هتي جوڳي پنهنجي ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائيندا آهن.

دوارڪا ٻيٽ آهي. ان جي نزديڪ گومتي دوارڪا آهي، جنهن جي پويان مُول دوارڪا آهي. مها ڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ پائي ويو هو. ان جي ٿوري بچل ڀاڱي کي "مول دوارڪا" يعني اصلوڪي دوارڪا

چون ٿا. جا ويراول بندر کان ڏھ ڪوھ پري ايرندي طرف آھي. اُتي ھاڻ رنڇورجيءَ جو مندر آھي، جنھن جي درسن لاءِ ڪيترا ھندو ھر سال وڃن ٿا.

مول دوارڪا ۾ گومتي دوارڪا جي وچ ۾ ”گوپي تلاءُ“ آھي، جو پڻ پوتر ليکيو ويو آھي. ان جي پريان اھو ھنڌ آھي جتي سري ڪرشڻ کي ھڪ شڪاريءَ تير ھنيو ھو. مطلب تہ دوارڪا بيٽ کان وٺي پنجن ڇھن ڪوھن جي مفاصلي ۾ ڇپي ڇپي تي تيرٿن جون جايون آھن. اھي آھن تيرٿ جي شاھ لطيف جوڳين جي سنگ ۾ ھن پاسي اچي پيٽيا ھئا.

## پور بندر

ڪاٺياواڙ علائقي ۾ پور بندر نالي ھڪ ڏيھي رياست آھي، جنھن جا والي جيٺوا راجپوت آھن. جي پاڻ کي ھنومان جو اولاد سڏائين ٿا. اھي راجپوت سنہ 900ع يا 1000ع کان وٺي ھن پاسي پنھنجو ڏاڪو ڄمائي ويٺا آھن ۽ 1807ع کان وٺي انگريزن جا ڏن پيرو ٿيا آھن. پور بندر جي حاڪم کي ”راڻو“ ڪري ڪوٺيندا آھن.

راڻن جو آڳاٽو گاديءَ جو ھنڌ ”گملي“ نالي شھر ھو جو ڪڇ جي جاڙيجن حاڪمن ھن پاسي ڪاھ ڪندي زبون ڪري ڇڏيو. راڻن پوءِ پنھنجي گاديءَ جو ھنڌ ڦيرائي ”ڇايا“ نالي شھر ۾ ڪيو. اتي جھجھي وڻڪار سبب ”ڇايا“ (ڇانو) ھئي، تنھن ڪري اھو نالو پيس. شاھ لطيف جڏھن ھن پاسي آيو تڏھن بہ ھتي جي گاديءَ جو ھنڌ اھو ڇايا جو شھر ھو. جو پور بندر کان ٿورو ئي پري آھي. جنھن پٽ تي ھيءُ شھر اڏيل آھي، تنھن تي مھاڀارت واري زماني ۾ ھاڪاري سڏامي ڀڳت جو شھر ٻڌل ھو تنھن ڪري اھو ”سڏا ماپري“ يا رڳو ”پر“ (پور) سڏبو ھو. شاھ صاحب جي وصال کان ٽيٽيھہ ورھيہ پوءِ يعني 1785ع ڌاري راڻي سرتانجيءَ پنھنجي گاديءَ جو ھنڌ ”ڇايا“ مان ڦيرائي ”پور“ ۾ ڪيو ۽ ان سان ”بندر“ نالو گڏي ان کي ”پوربندر“ سڏيائين. پور بندر ۾ اڳي واپار جي بازار گرم ھئي، پر ھاڻي بمبئي شھ ڏيئي ويئي اٿس. پور بندر جو گيھ ڪراچي ۾ وڪامندو آھي.

اچي سو ڏٺوءِ جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ لطيف چئي ياد نہ ذرو ڪيوءِ،
غافل تي غراب کي اوڙاھ تي آندوءِ،
سو چتر ڇھي کان رکين جو پيو پراٺو پوءِ،
سيد ساٿ سندوءِ، پور بندر پھچائيين. (سراڳ)

پهرين مصرع مان ظاهر آهي تہ شاھہ صاحب هن پاسي اچڻ کان اڳ پور بندر جي ڪپر بابت ٻڌو هو تہ اهو خوفنائتو آهي. اهو ڪپر اڄ تائين آهي. شاھہ صاحب جي وقت ۾ هيءُ شهر گاديءَ جو هنڌ نہ هو تنهن ڪري بندر جي حالت ڪنهن بہ ريت هاڻوڪي کان بهتر نہ هوندي. هن بندر کي هاڻ گهڻو سڌاريو اٿن ۽ اُتي لائيٽ هائوس بہ آهي، پر هتي جو تڙ اڄ تائين اهڙو ئي خوفناڪ آهي، جهڙو شاھہ صاحب ڏٺو هو. هن جو سبب هي آهي تہ هيءُ سڄو پاسو لاھہ تي آهي. اهو لاھہ بردا ٽڪريءَ کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين هليو آيو آهي. انهيءَ لاھہ سببان هن تڙ تي هوا گهمرو ڏئي ٿي، جنهن ڪري هيءُ طوفاني تڙ آهي. اڄ بہ اها حالت آهي جو سڀ جهاز بندر کان ڪوھہ کن پري اچي بيهندا آهن ۽ مسافر لانچ ۾ چڙهي ڪناري تائين ايندا آهن. مٿين بيت ۾ شاھہ صاحب هن طوفاني تڙ تي جو ذڪر ڪري سائين کي سوال ڪيو آهي تہ اسان جي ٻيڙيءَ کي ٻوهي کان رکي وٺ!

## جهونا ڳڙهہ ۽ گرنار

جهونا ڳڙھہ جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهرپؤ ٻڌايو هو. راءِ گرهرپو جنهن کي راءُ گورارو بہ چوندا هئا، تنهن سنہ 892ع ۾ چالاڻو ڪيو. هن کان پوءِ راءُ ڪاوث گاديءَ تي ويٺو ۽ انهيءَ کان پوءِ سنہ 1002ع ۾ راءِ ڏياچ گاديءَ تي ويٺو. راءِ ڏياچ جو محلات اڄ تائين جهونا ڳڙهہ جي نزديڪ گرنار نالي ٽڪريءَ تي آهي.

شاھہ صاحب پور بندر کان ٿي، هن پاسي آيو تہ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي قصي تان ڪيترا بيت چيائين جي رسالي جي سر سورٺ ۾ ڏنل آهن.

محلين آيو منگتو ساز ڪڇي سرندو
سر جي صدا سر ۾ گهور هڻي گهرندو
مٿي ري ملوڪ جي چارڻ نہ چرندو
جهونا ڳڙهہ جهرندو پوندي جهاڻ جهروڪ ۾.

گرنار ٽڪريءَ جون پنج مکيہ چوٽيون آهن، جن مان سڀ کان اتاهين چوٽي ”گورکنات“ نالي سان سڏجي ٿي. جيڪي جوڳي گرنار جو تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن، سي هن چوٽيءَ تي آوس ويندا آهن جو گورکنات سندن وڏو گرو هو.

Gul Hayat Institute

## ”سامي ڇڏي سانگ گڏ يا گورکنات کي (سر رامڪلي)

هن ٽڪريءَ تي ڪيترا شوالا ۽ مندر غارون ۽ غفائون آهن. سنياسي، آديسي، مهيتي، لاهوتي ۽ ٻيا قسمين قسمين جوڳي، جن جو رسالي جي سر رامڪلي ۾ ذڪر آهي، سي هتي ڏسي سگهجن ٿا.

### ڪنپات

ڪنپات هڪ ڏيهي رياست آهي، جا گجرات جي الهندي طرف سابر متي ۽ ماهي ندين جي وچ ۾ آهي. هن رياست جي ذڪر ڏيڻ ڪنپات جي نار جي مهڙ تي، ڪنپات جو شهر بيٺل آهي، جو هتي جي نواب جي گاديءَ جو هنڌ آهي، هن شهر توڙي سڄي رياست جو اصل نالو آهي ”ستمياوت“ يعني ٿنڀ وارو آهي، جنهن جو اچار ٻوءِ بگيڙي ”ڪنپات“ ڪيو اٿن. مهاديو کي ٿنڀ جي صورت وارو ديوتا سڏيو اٿن. هتي مهاديو جو هڪ چشمو آهي، جنهن کي ”سڪمي“ يا ”ستنڀ تيرٿ“ يعني ٿنڀ (مهاديو) جو تيرٿ ڪري سڏيندا هئا.

ڪنپات ۾ اصل هندن جو راڄ هو ۽ اهي گهڻو ڪري سڀ مهاديو جا پوڄاري هئا. عيسوي ستين صديءَ جي پڇاڙي يا اٺين صدي جي اڳياڙيءَ ڌاري پارسي لوڪ ايران کان ڀڄي ته پهريائين پهريائين هن پاسي سنجاڻ نالي شهر ۾ اچي رهيا ۽ پوءِ اهڙو زور ورتائون جو هندن کان سمورو ملڪ ڦري، پنهنجي قبضي ۾ ڪيائون. هندن آخر گجرات طرف ڀڄاين. هندن جي حڪومت 1298ع ۾ پوري ٿي ۽ پوءِ مسلمانن جو راڄ شروع ٿيو پر اهي ٻه ڌارين جي ڪاهن کان ڪين ڇٽا. سنه 1538ع ۾ پورچوگيزن هن پاسي ڦرلٽ ڪئي ۽ پنجٽيهه ورهيه سانده وڳوڙ لڳو پيو هو. 1583ع ۾ اڪبر بادشاهه جو لشڪر هيڏانهن ڪاهي آيو. مغلن جو زور ٽٽو ته مرهٽا هيڏانهن ڪاهي آيا ۽ مسلمانن کان چڱا چاندا ڇڏائي هليا ويا. ڪنپات ۾ جنهن تنهن پٺي اک رکي، سو هن ڪري جو هيءُ هڪ هاڪارو ۽ وسيل بندر هو ۽ ان جو واپار ديسان ديس هلندو هو. نار جي ڪنجڻ ڪري آهستي آهستي سندس چلتو گهٽبو ويو. انهيءَ حال هوندي به 1616ع ۾ انگريزن ۽ ٻئي سال ڊچن هتي ڪوٺيون وڌيون. شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ هن شهر جو اهو اڳوڻو اوج ڪونه هو ۽ هينئر ته باقي به گهٽ اٿس. هن وقت ڪنپات جي نار گهڻي قدر سڪي ڊوٻون ٿي ويئي آهي، جنهن ڪري ڪنپات جو هاڻ هڪ ننڍڙو شهر وڃي بچيو آهي.

شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، سي جهونا ڳڙهه ۾ گرنار کان پوءِ هتي مهاديو جي تلاءَ جي تيرٿ ڪرڻ لاءِ آيا هوندا. پر اسان جي شاعر کي اها ئي برهه جي تار تن سان لڳل هئي، تنهن ڪري هتي جو ٻيو ڪو به احوال ڏيڻ ڪونه اچيو اٿس، باقي ايترو چيو اٿس:

ڪنيا تڙي تڙ وري ايبي تڙ واجهاءِ،
مان ڏينهون ڪاءِ، سواڏائي سڄڻين. (ڪنيات)

چوي ٿو ته ڪنيات جي نار واري تڙ تي يعني هتي جي سٽنيپ تيرٿ تي، جتي ڪيترا ماڻهو اچي ڪنا ٿا ٿين، اُتي تون به وڃي واجهاءِ ته من سڄڻ جي طرف جي ڪا مٺي مبارڪ ملي! مطلب ته محبوب جو مڪان، جو سونهن جو سر آهي، اُتي وڃي سلامي ٿي ته وصال جي واڌائي مليئي! هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جيئن جيئن سفر ڪندو ۾ قدرت جا عجيب ڪارخانا ڏسندو ويو آهي، تيئن تيئن سچي سائينءَ سان سڪ وڌندي ويئي اٿس. "ڏينهون ڏينهن نئون مونکي ورهه ويڙيچن جو."

شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ گجرات جي شهر ۾ گوريءَ جو ميلو لڳندو هو جنهن ۾ ڪيترا جوڳي ۽ ٻيا ماڻهو وڃي ڪنا ٿيندا هئا. گوري جو مندر اڄ تائين ننگر پارڪر تعلقي ۾ آهي. رسالي ۾ ننگر پارڪر، ڏيپلي ۽ پراڻ جون ڪي حقيقتون ڄاڻايل آهن. اهي سڀيئي ڳالهيون ڳنڍجن ٿيون ته ايئن پيو سمجهڻ ۾ اچي ته شاهه صاحب ڪنيات کان هلي، گجرات جا پٽ لتاڙي، سنڌ ڏي رخ رکي هليو ۽ ننگر پارڪر کان ڏيپلي وارو رستو ورتو. پراڻ جو پترڻ لنگهي، پنهنجي ماڳ موٽيو هو. اسين انهن اندروني ثابتين تي هلي، انهيءَ واٽ جو ننگر پارڪر کان وٺي بيان ڪنداسين ۽ جيلسمير طرف پوءِ هلنداسين، جو شاهه صاحب ڪنيات کان سڌو جيلسمير ڪو نه ويو ٿو ڏسجي.

Gul Hayat Institute

## ڀاڱو ٽيون

# سنڌڙي مومل ديءِ

### ننگر پارڪر

ڏٺ ڏيري پٽ پيهون پاسي پارڪر،
سيئي پريا سر، پلر جي پالوٺ سين. (سارنگ)

ڪرنل ٽاڊ جي لکڻ موجب ”پارڪر“ لفظ اصل ۾ آهي. ”پارڪار“ يعني ڪاري جي پار يا لونيءَ جي پرينءَ پر. ننگر پارڪر جي اپرندي طرف جوڌپور رياست آهي، جنهن جو ڪجهه ڀاڱو ”لوني“ يعني لوڻاٽيل يا ڪلراٺو آهي. اُتان جيڪا ندي وهي ٿي، سا بہ انهيءَ سبب ”لوني“ سڏجي ٿي. اها ندي پشڪر راج وٽان هلي، ننگر پارڪر جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هاڻ چڱي طرح سمجهڻ ۾ ايندو تہ ”ننگر پارڪر“ معنيٰ اهو شهر جو ڪاري جي پار يعني لوني جي پرينءَ پر آهي.

ننگر پارڪر وڃڻ لاءِ گڏڙي اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان پنجاهہ ڪن ڪوهہ خشڪيءَ جو پنڌ آهي. پهريان ٻائيتاليهہ ڪوهہ پٺن جو پنڌ ڪرڻو پئي ٿو. تہ جون پٽون، ڳوٺ ويرا واهہ وٽ اچي پوريون ٿيون ٿين. ويرا واهہ کان ننگر پارڪر پندرهن ميل پري آهي. اهو سمورو سنئون پٽ آهي، جنهن ڪري ڪيتري پنڌ تائين نظر پهچي ٿي.

ننگرپارڪر ۾ نم جا وڻ گهڻا آهن، تنهن ڪري اُتي چوڻي آهي تہ:

”ننگر جهڙو شهر، جنهن ۾ نمرياڙي لهر.“

يعني ننگر پارڪر شهر ۾ نم جي وڻن جون لهريون لڳيون پيون آهن. اُتي نمورين مان تيل پيڙي ڪيندا آهن، جو ٻواسير لاءِ چڱو چون ٿا. اهو موڪن کي هڪدم ٺاريو ڇڏي.

ننگرپارڪر جو شهر ڪو وڏو ڪونهي، باقي نظارو واهه جو اٿس! هيءُ شهر ڪارونجهر ٽڪريءَ جي هنج ۾ آهي. ”ڪارونجهر“ لفظ اصل ۾ آهي ”ڪالنجر“ يعني ڪال کي انجريا پوري ڪرڻ وارو. مهاديو کي ”ڪالنجر“ سڏيو اٿن. هن ٽڪريءَ تي مهاديو جو لنگ ٻن ٽن هنڌ اسٿاپن ٿيل آهي. هتي انچلاسر، سار ڏڙو ۽ گئو مکي نالي تي تيرٿن جون جايون آهن. شاهه صاحب سان گڏ جيڪي جوڳي هئا، سي شايد انهن تيرٿن پرسڻ لاءِ هن پاسي آيا هئا.

ڪارونجهر ٽڪري هڪ هزار ڪن فوٽ اونچي آهي ۽ سڄن سارن ڇهن ڪوهن ۾ هلي، ڪڇ جي رڻ جي ڪلهي سان وڃي لڳي آهي. ٽڪريءَ جي اتاهين چوٽيءَ کي ”صاحب چنگا“ نالي سان سڏين ٿا. هن ٽڪريءَ جون جملي ڇهه قطارون آهن. جن جي وچ ۾ ڪيترن هنڌ واريءَ جون پٽون آهن. ٽڪريءَ جي جدا جدا پاڳن وٽ ڪيترا ڳوٺ آهن، جنهن ڪري هيءَ ٽڪري گهڻن جو اجهو آهي. هن ٽڪريءَ تي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا گهڻا آهن. ڪاٺين، ڪؤنر ۽ ميون وغيره مان ايتري پيدائش ٿئي ٿي، جو چوڻي آهي ته ڪارونجهر ٽڪري هر روز سواسير سون تي اپائي يعني هر روز ايترو پئسو پيدا ٿئي ٿو جو سواسير سون خريد ڪري سگهجي.

ڪارونجهر ٽڪري ٻرندڙ جبل جي ٻهائي آهي. ٽڪريءَ جي پيٽ مان ڪڏهن ڪڏهن نهايت خوفناڪ گڙ گاٽ اٿندا آهن، جي ڪيترن ڪوهن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. اهي آواز اٿندا آهن ته سڄي شهر توڙي ڀرسان ۾ ڏاڍو ٿرٿلو پئجي ويندو آهي. ويجهڙائي ۾ اهڙو ٿرٿلو سنه 1922ع ۾ پيو هو. ان وقت سنڌ جي ڪيترين اخبارن ايئن لکيو هو ته هيءَ ٽڪري ڪنهن وقت به ڦاٽي.

ننگرپارڪر جي آسپاس ڪيترا تلاءَ آهن. راڻا سر نالي هڪ تلاءُ شهر جي الهندي پاسي آهي. هتي ڪيترين صديون راڻن جو راڄ هو جن جي نالي ماتر گادي اڄ تائين هلي اچي. انهن راڻن جون جايون انهيءَ تلاءَ وٽ هيون، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. نرياسر نالي هڪ تلاءُ شهر کان ٻه ڪوهه پري اتر اپرندي طرف آهي. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي تلاءَ آهن. جن بابت شاهه صاحب متي بيت ۾ ڄاڻايو آهي ته اهي سڀ پلر جي پالوٽ سان ڀربا آهن. سيني تلائن ۾ پوڏيسر نالي تلاءُ قابل ديد آهي. اتي هڪ عاليشان

Gul Hayat Institute

هنن سٽن سمجهڻ لاءِ سرزمين جي واقفيت کپي. ڇڇان معني ڇڇيءَ يا کلرائي زمين مان. ٿر ۾ اُتر طرف کلر اڪثر ڪونهي، رڳو پٽون ئي پٽون آهن. ٿر ڊويزن جو ڏاکڻو پاڱو جو ڪڇ جي رڻ کي ويجهو آهي، تنهن ۾ ڪيتريون ہنيون سمي پائي ڇڇيون (کلرائيون) ٿي ويندون آهن. رڻ جي ڪس (دنگ) سان نہ رڳو ڇڇيون پر "سنون" بہ آهن. سن معنيٰ لوڻ جي سمر جنهن ۾ پاڻي سيمو ڪري، جمي لوڻ ٿئي ٿو. "موکئي" نالي هڪ هاڪاري سن، ننگرپارڪر تعلقي ۾ آهي. برساتي موسم ۾ اهڙن هنڌن کلر سبان گوڏي جيڏي گپ ٿئي ٿي، جنهن ڪري سانوڻيءَ ۾ مالدار اُتان مال ڪاهي، پٽن يعني ڏاڍين زمينن ڏانهن ويندا آهن.

سرتيون دعا ڪجاهہ تہ پرم پاروڙيءَ رهي.

"پاروڙي" لفظ پاٽر جي ٿر جو آهي. رڍن جي ان اڪثر ملائي جي رنگ جهڙي ٿئي ٿي، پر جنهن رڍ جي ان اڇي ڦول ٿئي ٿي تنهن کي، توڙي ان مان ٺهيل لوئي کي، "پاروڙي" چوندا آهن. هيءَ سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ شاهہ صاحب هتان لنگهيو هو. جوڳين کي گوريءَ جو مندر ۽ پٽائي گهوٽ کي مارئيءَ جو ملڪ ڏسڻو هو. اهي ٻئي هن پاسي آهن.

## ملير

مارئي ملير جي وينل هئي. ملير جو ڳوٺ ننگرپارڪر تعلقي ۾ ننگرپارڪر شهر کان پري ٻارهن ڪوهہ ۽ گڊڙي اسٽيشن کان ائٽيهہ ڪوهہ آهي. اُتي هاڻ نالي کي هڪ گهر بہ ڪونهي، باقي سڏ پنڌ پريان پالوا نالي ڳوٺ آهي، جنهن ۾ خاصخيلين ۽ پيلن وغيره جا جملي ٽيهہ کن گهر آهن. ملير واري پٽ ۾ هڪ وڏي پٿر جي ڪونڊي اڄ تائين رکيل آهي، جنهن بابت سچو ٿر ايئن ٿو چوي تہ مارئي انهيءَ ڪونڊيءَ ۾ پنهنجن چيلن کي پاڻي پياريندي هئي. هتان عمر ڪوٽ پنجاه ڪوهہ پنڌ آهي. شاهہ صاحب هتي آيو هو. تنهنجي ثابتي هيٺين مصرع مان ملي ٿي.

"جوءِ ڪشادي جيڏئين ملير موڪ مهاڙ."

پالوا جي ڳوٺ وٽ ست پٽون هڪ ٻئي سان اهڙو لاڳيتيون بيٺيون آهن، جو سٽن ئي پٽن جي هڪ يڪي ٻڪر آهي. انهن پٽن جي اڳيان

جيڪو ڏهر آهي، تنهن ۾ ملير جو ڳوٺ آهي. ڳوٺ جي مهاڙي ايڏي وڏي آهي جو حيدرآباد جو سڄو شهر، هيرآباد سوڌو ان ۾ جيڪر سمائجي سگهي! شاهه صاحب اهو پٽ اکين سان ڏٺو هو تنهنڪري مٿين مصرع ۾ چيو اٿس ته ملير جي مهاڙي وڏي آهي ۽ اُتي جيڏين جي رهڻ لاءِ جاءِ ڪشادي آهي. هي سڀ اکين ڏٺيون ڳالهيون جاٺايون اٿس.

## گوري

ننگرپارڪر کان چوڏهن ڪوه ۽ مارئيءَ جي ملير کان فقط ٻه ڪوهه ڪن پري گوري نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ جين ڌرم وارن جو هڪ عاليشان مندر ٺهيل آهي. جين ڌرم وارا پارسناٿ جا پوڄاري آهن. پارسناٿ کي "گوريچو" به سڏين ٿا ۽ ان جي نالي پٺيان هيءُ ڳوٺ ۽ مندر سڏجن ٿا.

گوريءَ جو مندر حاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس. دالان جو ديدار ئي لک لهي! هتي رڳو سنگمرمر ۽ جوڌپوري پٿر جو ڪم ٿيل آهي. ويجهيءَ چڪ ۾ هھڙو عمارتي سامان ملڻ ئي ناممڪن آهي، تنهن ڪري هن عمارت جي سامان جي رڳو ڪٽاٽي ڪيترا هزار رپيا آئي هوندي. دالان جا ٿنيا سنگمرمر جا ٺهيل آهن ۽ ڇت گولائي تي اٿس. ڀتين تي سهڻيون تصويرون چٽيل آهن.

دالان کان پوءِ هڪ وڏو صفو آهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان ڇهه ڇهه يعني جملي ٻارنهن ڪوٺيون آهن، جن جون ڇتيون گنبذ وانگر آهن، تنهن ڪري گوري مندر کي ڪي "ڏيرا" (ڏيورا) به سڏين ٿا. هر هڪ ڪوٺيءَ ۾ هڪ ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن تي رڳو هڪ ڄڻو ويهي سگهي. شايد هيءُ مندر اصل مٺ يا گرو ڪل تي ڪم ايندو هو ۽ هر هڪ جوڳي يا برهمچاري پنهنجي پنهنجي ٿلهي تي ويهي يوگ اڀياس ڪندو هو يا پڙهندو هو. پر متان ننڊ اچي وڃيس، تنهن ڪري ننڊ ڪرڻ جي اُتي جاءِ ڪانه اٿن. ٿلهي تي ويهي ڪو جهوٽا کائيندو ته مٿو يڪدم ڀت سان وڃي لڳندس جنهن ڪري جهٽ پٽ سجاڳ ٿيندو.

پهرين صفي کان پوءِ وري هڪ ٻيو صفو آهي، پر ان جو پٽيون پاسو ڪيتري قدر ڊٺو پيو آهي. اُتي هڪ وڏو شاهي ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن مان ايئن ٿو سمجهجي ته سڀ پوڄن مهل اُتي اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

Gul Hayat Institute

مندر جي ٻاهران، پر احاطي جي اندر هڪ غفا نهيل آهي، جنهن ۾ هيٺ گهڙي وڃڻ لاءِ ڏاڪا آهن. شايد منڌاري يا آچاريہ (اُستاد) انهيءَ غفا ۾ وڃي يوگ اڀياس ڪندو هو. ويجهڙائي ۾ سرڪار جي مرضي تي تہ اهو محفوظ ٿيل يادگارن جي آڪٽ هيٺ آڻجي، پر اوسواڙن اهو مندر سرڪار جي حوالي ٿيڻ نہ ڏنو. اهي اوسواڙ جي جين ڌرم جا آهن، تن جا بہ انصاف نہ وڃائبا جو اهڙو صنعت ۽ ڪاريگري جو ڳهڻو نڪي سرڪار جي حوالي ٿا ڪن نڪي پاڻ ان جي مرمت ڪرائين ٿا.

هن مندر جوڙائڻ جي اصل ڪهڙي مراد هئي، تنهن بابت ڪو بہ پڪ سان چئي نٿو سگهي. اهو اصل مٺ يا گروڪل تي ڪم ايندو هو سو رهڳو دل جو انومان آهي. هيءَ مندر ڪنهن جوڙايو ۽ ڪيئن جڙيو سي سڀ ڳالهيون تواريخن ۾ ڇاڻايل آهن ۽ هن پاسي جا ماڻهو بہ زيارتين کي ٻڌائيندا آهن. اهو قصو هن ريت آهي!

ويرا واهہ ڪان سڏ پنڌ پري پاري ننگر ۾ منگهو نالي هڪ واپاري، ذات جو اوسواڙ رهندو هو. هڪ لڳا مال خريدڻ لاءِ ننگر پارڪر کان سٺ ڪوهہ ڪن پري گجرات جي "پٽڻ" نالي شهر ۾ ويو. اُتي هڪ ڏينهن سپني ۾ ڪنهن ديوتا درسن ڏنس ۽ چيائينس تہ پارس ناٿ جو هڪ پتلو فلاڻي چاڪيءَ جي گهر ۾ پوريل آهي، سو ڪيئن بہ هٿ ڪر ۽ اتان ڪڍائي وڃي ڪنهن مندر ۾ رک تہ ٺاڪر توکي اڻڳٽيا ڏاڻ ڏيندو. صبح ٿيو تہ منگهي اوسواڙ سپني واري ڳالهہ سچي سمجهي، انهيءَ چاڪيءَ جو گهر پڇائي وڃي لڌو ۽ جنهن هنڌ جو سپني ۾ ديوتا ڏس ڏنو هوس، سو هنڌ کوٽائي اهو پتلو هٿ ڪيائين. ٻي رات تي تہ ديوتا وري سپني ۾ درسن ڏنس ۽ چيائنيس تہ هاڻ اها ٺاڪر جي مورتي ڪڍائي، سو پنهنجي وطن وڃ، پر رستي ۾ ڪٿي بہ پٽ ڏانهن نہ نهارج. صبح جو سجاڳ ٿيڻ سان هن هڪ ڏاند گاڏي هٿ ڪئي، جا نم جي ڪاٺيءَ جي نهيل هئي. منگهو اوسواڙ اهو پتلو گاڏيءَ ۾ رکائي وطن ڏي وريو. وات تي ڪنهن نوڪر اچڻ سبب گاڏي پچي پيئي. اتي ٽيون ڀيرو سپني ۾ ديوتا ڏسڻ ۾ آيس، جنهن چيس تہ پارس ناٿ جو پتلو هتي زمين ۾ هيٺ گهڙي ويو آهي. هاڻي هيئن ڪر جو انهيءَ پوتر استان تي هڪ مندر جوڙاءِ تہ ٺاڪر ڪندو تہ تنهنجي سدائين چڙهو چڙهندي ٿيندي. منگهو پوءِ سجاڳ ٿيو ۽ پتلو گم ٿيل ڏسي زمين ولڻ لڳو پر پتلي جو پتو ڪو نہ پيو.

آخر سپني واري ديوتا جي چوڻ موجب انهيءَ پٽ تي مندر جوڙايائين جو گوريچا پارسناٿ جي نالي پٺيان "گوري" سڏجڻ لڳو.

ڪي تواريخ نويس چون ٿا تہ منگهو اوسواڙ اهو پارسناٿ جو پتلو پنج سئو رپيا ڏيئي ڪنان خريد ڪري آيو هو ۽ سنہ 1376ع ۾ هيءَ مندر جوڙائي ان ۾ آڻي رکيو هوائين. هن جو مطلب هو تہ انهيءَ پتلي بابت ماڻهن کي جڏهن ڪا عجيب ڳالهہ ٻڌائيندس تڏهن ان جو چڱو قدر ڪندا. تنهن ڪري اها مٿين ڳالهہ پنهنجي مغز مان ڪڍي، هنڌين ماڳين هُلائي هوائين. تواريخ نويس ڄاڻائين ٿا تہ اهو پتلو گهڻو ڏٺو هو. ٺاڪر جي مورتيءَ کي نرڙ تي پرن جي وچ ۾ هيري جي ڪنٺي لڳل هئي ۽ ٻنهي ٻيين تي پڻ ٻہ ڪٺيون لڳل هيس. ڪيترا سال اهو پتلو هن مندر ۾ رکيو هو. ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ڪتاب ٿر جي احوال ۾ لکي ٿو تہ ويرا واهہ جو سوڍو ستوجي سنہ 1716ع ۾ اهو پتلو هتان کڻائي ويو ۽ بڪاسر وارو قلعو جو پاڻ جوڙايو هوائين، تنهن ۾ اهو پتلو وڃي رکايو هوائين. ستو جي اهو پتلو هڪ نم جي وڻ جي پاڙ ۾ پوري رکندو هو ۽ پارهين پارهين مهيني بڪاسر ۾ ميلو هڻائيندو هو. انهيءَ ميلي ۾ ماڻهن کان چڱي ڏڪڻا وني پوءِ هنن کي ٺاڪر جو درسن ڪرائيندو هو. هڪ لکاپتڻ واڻياڻيءَ کي انهي ٺاڪر جي درسن جي گهڻي پياس هئي، تنهن جڏهن نو هزار رپيا ڏنس تڏهن ٺاڪر جي درسن ڪرايائينس! اهڙي طرح سوڍي ستوجيءَ جهجهو ئي ڌن ڪمايو. ستو جيءَ پوءِ اهو پتلو هڪ گڊ (قلعي) ۾ آڻي رکيو، جتي سال بسال ميلو هڻائيندو هو. بعضي اهو ميلو پالنپور رياست جي مور واڙا شهر ۾ هڻائيندو هو تہ اُتي جا ماڻهو ويرا واهہ اچڻ جي تڪليف کان ڇٽن. مور واڙا ڏي اهو پتلو نيندو هو تہ ان جي سنڀال لاءِ هڪ سئو سوار پاڻ سان کڻندو هو. انهيءَ ميلي تي لکين ماڻهو ايندا هئا. ڪيترائي جوڳي بہ ڏاڍيءَ سڪ مان اُتي اچي ٺاڪر جو درسن ڪندا هئا. اهڙي طرح مور واڙا ۾ ڪيترا ميلا لڳا، جن مان پويون 1822ع ۾ لڳو.

سنہ 1832ع ۾ سنڌ جي ميرن جو هڪ ماڻهو انهن سوڍن ماريو. انهيءَ سال اهو پتلو پونجا جي نالي هڪ ٺاڪر جي هٿ ۾ هو. پونجا جي گرفتار ٿيو پر سگهوئي مري ويو تنهن ڪري اڄ تائين ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي تہ اهو پتلو ڪهڙي هنڌ پوريو هوائين. جين ڌرم وارا اڄ تائين ڪٿان ڪٿان اچي اهو مندر هر سال پيٽيندا آهن. جو هيءَ آستان سنڌن تيرٿ جي جاءِ آهي.

گوريءَ جي مندر جي نزديڪ هڪ پڪ سرو برج ٺهيل آهي جو "پولن آستاڻ"، سڏجي ٿو. نيئر (جوڌپور) جو راجا پولن، جو راٺوڙ نسل مان هو سو ڌاڙيلن جي پُٺيان پيو هو ۽ انهيءَ هنڌ ڌاڙيلن ماريو هوس. انهيءَ خون واري هنڌ اهو يادگار 1742ع ۾ جوڙايو هوائون.

"ڪاروڙيان ڪٽي ويڙهي جهپ ويا" (مارئي)

هن مصرع ۾ شاهه صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو ته منهنجا ماروئڙا ڪاروڙي مان لڏي ويڙهيءَ جهپ ڏي ويا. ڪاروڙي جو ڳوٺ مارئي جي ملڪ ملير جي پريان ننگر پارڪر تعلقي جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ ڪنڌيءَ تي آهي. شاهه صاحب ننگر پارڪر ۽ پوڙيسر مان ٿيندو ڪروڙي ڪان هلي، مارئيءَ جو ملڪ گهمندو ۽ گوري مندر ڏسندو ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. هيءَ پنهنجي سفر جو ذڪر ڪيو اٿس، پر ظاهري رڳو مارئي جو نالو ڪيو اٿس. اها ڳالهه وسهڻ ٿي مشڪل آهي ته مارئيءَ جا مائٽ ويجها وسيل پاسا ڇڏي ڪڏهن به ويڙهي جهپ جهڙي سڃي ڳوٺ ۾ ويا هوندا. مٿينءَ مصرع مان تنهن ڪري اهوئي انومان ڪڍڻو پئي ٿو ته پاڻ پائر جو ٿر لتاڙي، ويڙهي جهپ ڏي ويو هو. انهيءَ سموريءَ واٽ جو جيڪو ذڪر ڪيو اٿس، خاص ڪنهن هڪ هنڌ بابت نه آهي، پر سڄي ٿر جو عام احوال آهي، تنهن ڪري اُنجو ذڪر پوءِ ڪبو. هتي اول ويڙهي جهپ جو احوال ڏجي ٿو.

## ويڙهي جهپ:

ويڙهي جهپ جو ڳوٺ ڏيپلي جو اُتر الهندي طرف، ڏيپلي جي شهر ڪان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. ويڙهي جهپ وڃڻ لاءِ جهڏو گدام استيشن تي لهڻو پوي ٿو جتان ويهه ڪوهه ڪن پٽن جو پنڌ ڪري هتي اچجي ٿو. هيءَ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ پنج ست گهر نَڪَرَن جا، چار پنج گهر بجيرن جا ۽ ٿورا گهر ڀيلن ۽ مينگهواڙن جا آهن. جملي ٽيهه ڪن گهر ٿيندا. هن ننڍڙي ڳوٺ جو ناماچار پارو فقير جي ڪري آهي، جو شاهه صاحب ڪان گهڻو اڳ ٿي گذريو آهي. انهي قديم وقت ڪان وٺي هن جو ميلو اڄ تائين لڳندو اچي. رسالي ۾ هن ڳوٺ جو نالو آيو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته شاهه صاحب ۽ جوڳي هن درويش جي درگاهه جي زيارت ڪرڻ يا اُتي جي ميلي ڏسڻ لاءِ ويا هئا.

ڪيڏي ويهي پڙهن. صبح جا نو يا ڏهه لڳن ته پڇن ياءُ شروع ٿئي ٿو جو ٻارهين بلڪ هڪ ٻجي تائين هلي ٿو. انهيءَ وچ ۾ ڪنهن سيٽ ڪي يگيه ڪرڻو هوندو ته راڌائو چانورن ۽ دال جون ديڳيون رڌي تيار ڪندا. هتي دال کي "ڪيرڻي" چون. گهڻو ڪري ميلي جا سڀ ڏينهن برهم ڀوڄ ٿئي ٿو جنهن ۾ هر هڪ برهمڻ کي ڪاڌو ۽ ڏڪڻا ڏين ٿا. ٻيهرن جو گهڙي ڪن اک لائي پوءِ اُٿي ڪتا ڪن. جا ڪلاڪ ڏيڍ هلي ٿي. ڪتا کان پوءِ وري پڇن ياءُ ڪن. جو سنجها تائين هلي ٿو. ڏئي تي وٽ چڙهي ته سڀ جاتي زالين مڙسين وچي سمانڌ وٽ ڪنا ٿين. اُتي مهاديو جي آرتي ۽ استتي ڪندا آهن ۽ پوءِ روٽ ورهائيندا آهن. آرتي پوري ڪري پوءِ مانيءَ ٽڪر کائي وري پڇن ڪرڻ وهن. سڄي رات پڇن هلي ٿو. هتي جهڏي گدام، جيمس آباد، بدين، ٽنڊي باگي، جاتي، سجاول ۽ ٻين هنڌن جا سيٺيون ۽ برهمڻ اچن ٿا. پارو فقير جي سمانڌ مٿان ڇت ٺهيل ڪانهي، جو هتي ڇت جوڙائڻ توڙي ٺهي ڪنهن به ناٿ يا ادنبر جي منع آهي.

سمانڌ کان ٿورو پري هڪ پٽ تي ميلي جي ڏينهن ۾ هڪ ڄار جي وڻ وٽان ٻئي لڳا جوت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جاتي چون ته اها ڪرامتي جوت آهي ۽ ازغيبي پيدا ٿئي ٿي. پڇا بعد معلوم ٿيو ته ويڙهي جهپ جا ڪي ڀيل ٽڪر جي ڪني ۾ ٽنگ ڪري ان ۾ ٻريل متو وجهندا آهن جنهن جي روشنائي پريان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

"ڳڙ جاڻي ڳڙ جي ڳوٺري جاڻي."

## پراڻ:

ونا پٽ پراڻ جا وٺيون ساماري،
ڪڪر ۾ ڪاري، وڄڙين پسو ويس ڪيا. (سارنگ)

"پراڻ" پراڻي درياهه جو نالو آهي. اڳي ڊورو نارو پراڻ ۾ اچي ڇوڙ ڪندو هو. هن وقت ڦليلي واهه حيدرآباد جي پريان هلي، ٽنڊي محمد خان ۽ بدين تعلقن کي آباد ڪندو هن پاسي پراڻن سان اچي گڏيو آهي، جنهن ڪري هتي مڇي ۽ ٻوراڻي جام ٿئي ٿي ۽ گاهه پنو به ٿئي ٿو.

شاهه صاحب ويڙهي جهپ کان ڏيپلي ۽ راحمڪي بازار مان ٿيندو پراڻ طرف آيو آهي. هيءُ لاڙ جو پاسو آهي تنهن ڪري سمجهجي ٿو ته هيڏي وڏي سفر کان پوءِ پنهنجن لاڙ وارن مائٽن کي منهن ڏيکاريندو پوءِ پنهنجي ڳوٺ ويو هو.

شاهه صاحب جي مڪيه سفرن جي ذڪر ڪندي ڄاڻايو ويو آهي تہ پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪربلا معلي جي زيارت ڪرڻ سانگي ونگ ولهار پرڳڻي مان ٿيندو اڳتي وڌيو تہ ڪنهن مريد وٽ تان موٽايس. هاڻوڪي ٽنڊي باگي تعلقي جو هڪ ڳوٺ ونگ ولهار سڏبو هو ۽ اهو ڏيپلي تعلقي سان لڳو بيٺو آهي. انهيءَ گهمري بہ شاهه صاحب کي پراڻ جو پترڻ لنگهڻو پيو هوندو. اهو سفر جو جيتوڻيڪ پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪيائين تہ بہ اسين جڏهن پاڻ اڇي پراڻن تائين پهتا آهيون تڏهن اُتيئي ان جو ذڪر ڪريون ٿا.

## ڪربلا ڏانهن ڏيندي:

شاهه صاحب جي وقت ۾ ملڪ هن ڪان ڪيترا سئو ورهيه اڳي، جيڪي حج ڪرڻ ويندا هئا سي عام طرح ڪڇ ڏي ويندا هئا ۽ اُتان وڃي جهاز ۾ چڙهندا هئا. ڪڇ ملڪ ڪجهه وقت دهليءَ جي مغل بادشاهن جي تابعي هو جنهن ڪري ڪڇ جو راءُ ڪيترا سال دهليءَ جي بادشاهه کي ڏن ڀريندو هو. آخر جهانگير بادشاهه اهو ڏن معاف ڪيس ۽ ان جي عيوض مٿس هيءَ فرمائش رکيائين تہ دهليءَ ۽ ٻين پاسن کان جيڪي حاجي اچن تن کي هر طرح جون سهوليتون ڏيئي جهاز ۾ چاڙهي ڇڏج. اهي ۽ ٻيون ڳالهيون جي تواريخن ۾ ڄاڻايل آهن سي ڏيکارين ٿيون تہ اڳي سنڌ جا مسلمان ماڻهو بہ حج ڪرڻ لاءِ ڪڇ کان ويندا هئا. رسالي ۾ ڪڇ جي رڻ جي هڪ ڳالهه آهي تنهن ڪري سنڌ ڏي موٽڻ کان اڳ رڻ جو چڪر هڻي پوءِ پنتي موٽنداسين.

## ڪڇ جو رڻ:

ڪڇ جو رڻ ڏسڻ جهڙو آهي! اُيرندي کان الهندي تائين اسي ڪوهن ۾ ۽ اُتر کان ڏکڻ تائين سٺيهن ڪوهن ۾ سرارو هليو ٿو وڃي. سنڌ گزيٽئر مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳي ٿرپارڪر طرف سمنڊ هو جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ کان هو. پوءِ ڌرتيءَ ڌٻڻ ڪري حالتون ڦري ويون. اڳي سنڌو ندي لکپت کان گهاڙيءَ شيخاڻي تعلقي بدين طرف وهندي هئي ۽ ان ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا. جي سنڌڙي توڙي راحمڪي بازار وٽ اچي پڳهه هڻندا هئا. مطلب تہ هتي ڪجهه وقت ڪارو (سمنڊ) ۽ ڪجهه وقت مٺو (درياهه) هو. هتي جي پاڻيءَ بابت تواريخن مان پڪا ڏس پتا ملن ٿا. عيسوي سنہ کان سوا ٽي سئو کن ورهيه اڳي سڪندر اعظم هتان لنگهيو تہ هتي ڇولين پئي ڇاڪا

ڏنا! عيسوي يارهين صديءَ جي شروعات ۾ محمود غزنوي هتان تي لنگهيو ته جنهن تنهن پئي ٻپ ڏنس ته هتي جون لهريون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون. هتان شايد سگهوئي پوءِ پاٽي سڪو آهي، جو سنه 1362ع سلطان فيروز شاهه جي لشڪر ڪيترين راتيون رڻ ۾ گهاريون پر هن جي ڏينهن ۾ ته هتي جي پاٽيءَ جو ذرو به ذڪر ڪونهي.

راحمڪي بازار وٽان بيهي رڻ ڏي نهاربو ته نهايت عمدو نظر ايندو. رڃ ڪنهن نه ڏٺي هجي ته هتي ڏسي. ڏاڍا رنگ تي ڪري! پريان پاڻيءَ ته سڄو پٽ پاٽيءَ سان ڀريو پيو آهي، پر ويجهو وڃي ڏس ته ڪوڙ جو مثلو ڪوڙا! ڪڇ جو رڻ ڪنهن مهل اٿندو آهي، تنهن مهل ننڍڙيءَ شيءِ بلڪل وڏي ڏيکاري ڏيندي آهي. مثلن پٽ ۾ ڇيٽو پيو هوندو ته پريان ايئن پيو پائنبو ته ڪو راڪاس پيو اچي جنهن جي چوٽي آسمان سان پيئي گسي! هلندڙ اٺ جي ٽنگن جو پاڇولو اهڙي ڏيکاري ڏيندو آهي جو ڄڻ ته ڪو زمين تان آسمان ۾ وڏيون شاهي تراريون هڪ ٻئي پٺيان تڪڙيون تڪريون پيو هٽي! جيڪڏهن رڻ ۾ ڪا به پهر نه هوندي ۽ پٽ به صفا پيو هوندو ته به پريان ايئن پيو پائنبو ته ڪو وڏو جبل بيٺو آهي، جنهن جي اڳيان درياهه پيو وڃي! هن نگهٽي نماءَ کي ”رڃ“ چئبو آهي.

ڪڇ جي رڻ ۾ اڳي ڪيترا قلعا ٺهيل هئا، جن جا نشان اڄ تائين بيٺا آهن. راحمڪي بازار کان ڏيڍ ڪوهه ڪن پري ڏکڻ ڏي اڳي ”ڪانجي ڪوٽ“ هو. ڪڇ جي راءِ جو صوبو ڪانجي نالي هتي رهندو هو، تنهن اهو ڪوٽ جوڙايو هو. شاهه صاحب اهو ڏٺو هوندو ڇاڪاڻ ته اهو غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ڊٺو هو.

راحمڪي بازار کان ٽَوَ ڪوهه پري ڏکڻ ڏي ”سنڌڙي“ نالي هڪ وڏو بندر هو. امپيريل گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ درياهي چورن هن پاسي رڻ ٻاري ڏنو هو، تنهن ڪري ڪڇ جي راجا راڻڏون هتي اهو قلعو جوڙائي، اُتي چوڪيدار ويهاريا هئا. سنڌڙي وارو قلعو 1819ع واري زلزلي ۾ زيون تي ويو.

ڪڇ جي رڻ ۾ 16 جون 1819ع تي ڌرتي ڏٻي، ته سنڌڙيءَ جي اُتر ڏي پنجاهه ميلن ۾ رڻ جي وچواري زمين مٿي چڙهي آئي، ۽ ٻنهي پاسن کان ڌرتي ايترو جهٽ جهڪي ويئي، جو ڏٻي بند ٺيڻ ڪانپوءِ اٿل زمين هڪ وڏي بند

مثل تي بيٺي. اهو بند ازغيبي نهيو تنهن ڪري اُن جو نالو رکيائون "الله بند" يعني ڏٺيءَ جو پيدا ڪيل بند. اُهو الله بند اڄ تائين بيٺو آهي.

راحمڪي بازار کان جيڪڏهن رڻ ئي رڻ ۾ ڏيئي پيچ ڏي وڃبو ته سنڌڙي وارو طرف نه وٺبو پر ڪانجي ڪوٽ کان "ونگر" نالي ڳوٺ ۾ وڃي، پوءِ مصري واري کوهه تي منزل ڪبي، اتان "ڪائوري" نالي ڳوٺ لنگهي اڳيرو ٿبو ته ايندي "ٻني". جا ڪيترن کوهن ۾ آهي. سڄي پٽ ۾ جتي پاٽمرادو وڻ ٿڻ ۽ ٻوٽا پيدا ٿين تنهن کي ڪڇي لوڪ "ٻني" چوندا آهن. ٻنيءَ ۾ جيڪي ڳوٺ آهن تن مان لنگهي، "ڪاري" ندي اڪري پيچ ۾ وڃبو آهي. هيءَ اها واٽ آهي جتان شاهه صاحب کي سندس ڪنهن مريد موٽايو هو. هو پوءِ پراڻ لنگهي موٽي سنڌ ۾ آيو هو ۽ امامن لاءِ افسوس ظاهري ڪندي سر ڪيڏاري وارا بيت چيا هوائين.

"ارڻ ٻڏي ابڙي تي رڻ ۾ رڪ رئي"

ڪڇ جي رڻ ۾ سلطان علاؤالدين خلجي ۽ ابڙي سمي جي وچ ۾ وڏي لڙائي لڳي هئي. دودي چنيسر جي قصي مان معلوم ٿيندو ته چنيسر کي پڳ ٻه ملي هئي ته ٻه هو علاؤالدين بادشاهه کي وٺي آيو هو. ڪڇ جي رڻ ۾ راحمڪي بازار کان ٿي کوهه کن پري "وڳهه ڪوٽ " هو جو سومرن جو تختگاهه هو. انهيءَ ڪوٽ جُو ويرانو شاهه صاحب ڏٺو ته انهيءَ لڙائي بابت چيائين، جي رسالي جي سر بلاول ۾ ڏنل آهن.

Gul Hayat Institute

ياڱو چوٿون

# جيسلمير ڏي ويندي

شاهه جي رسالي ۾ اهڙو ڪو به اشارو ڪونهي، جنهن مان سمجهي سگهجي ته هو جوڳين جي سنگ ۾ جيسلمير ويو هو. پائنجي ٿو ته يڪي سريا ٻين ڪن قافلن سان گڏ ايڏو وڏو سفر ڪيو هوائين. هن وقت جيسلمير وڃڻ لاءِ راجا واري گاڏي ۾ چڙهي، ٻاڙمير اسٽيشن تي لهڻو پوي ٿو جتان جيسلمير سڄا سارا پنجيتاليهه ڪوهه پنڌ آهي. هاڻي انهي پاسي موٽرون هلن ٿيون، تنهن ڪري ايڏو پنڌ به گهڻو نٿو لڳائي. باقي اڳي انهيءَ پاسي وڃڻ جهڙي تهڙي جو ڪم نه هو.

راجا واري گاڏي نهي، سا ڪلهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي. آگسٽ 1892ع ۾ حيدرآباد کان شادي پلي تائين ۽ سنه 1900ع ۾ شادي پلي کان جوڌپور تائين گاڏي جاري ٿي، اڳي جڏهن آگ گاڏي ڪا نه هئي، تڏهن حيدرآباد مان نئين ٽليلي وارو رستو وٺي، ٽنڊي چام ۽ ٽنڊي الهيار ڏي وڃبو هو. ٽنڊي الهيار کان وٺي عمر ڪوٽ تائين رڳو واريءَ جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هئا. هينئر اُنهي واٽ تي ميرپورخاص جو شهر آهي، پر اهو شاهه صاحب جي وقت کان گهڻو پوءِ جو ٺهيل آهي. اهو شهر سنه 1806ع کان وٺي گهڻو وڌيو آهي. هينئر ميرپورخاص جا شهر سچ پچ ته به آهن، مير پورخاص پراڻي ۽ نئين، پر ٻئي شهر گڏيا پيا آهن، تنهن ڪري هڪڙي ئي نالي سان سڏجن ٿا. شاهه صاحب جي وقت ۾ اهو پاسو سڃو هوندو هو. قافلا اهو سڃو پٽ لتاڙي، امرڪوٽ ويندا هئا ۽ اُتان گڏڙي کان جيسلمير ۽ جوڌپور ويندا هئا. اها واٽ اڄ تائين قائم آهي. شاهه صاحب به اها واٽ ورتي هئي، تنهن ڪري اُنهيءَ واٽ جو امرڪوٽ کان وٺي بيان ڪجي ٿو.

## امر ڪوٽ:

اج ڪلهه جنهن شهر کي ”عمرڪوٽ“ سڏيو وڃي ٿو تنهن جو صحيح نالو ”امر ڪوٽ“ آهي. سيني آڳاٽين تواريخن جهڙوڪ تاريخ فرشته، منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن مثلاً ڪرنل ٽاڊ جي راجستان جي احوال ۾ صحيح نالو ”امر ڪوٽ“ لکيل آهي، پائنجي ٿو ته ويجهڙائي ۾ ڪن ايئن سمجهيو ته اهو شهر عمر سومري جو ٻڌايل آهي، تنهن ڪري ”عمرڪوٽ“ سڏڻ جو رواج پيو. حقيقتون اهو شهر تڏهن ٻڌو جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪين هو. عمر سومرو عيسوي چوڏهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي، پر تواريخن ۾ امر ڪوٽ نالو 1156ع جي احوالن کان به اڳ ڄاڻايل آهي. امر ڪوٽ تي امر سنگ نالي هڪ سوڍي راجپوت جو نالو پيل آهي ۽ اهو ”امرپور“ به سڏبو آهي.

امر ڪوٽ وڃڻ لاءِ عام طرح ڇوڙ اسٽيشن تي لهبو آهي، جتان اهو شهر ڇهه ڪوهه پري آهي. ڪي ڍوري ناري اسٽيشن تي لهن ٿا، جتان ساڍا ست ڪوهه پنڌ آهي. ڇوڙ ۽ امر ڪوٽ جي واٽ تي ٽوريون ٽوريون ننڍيون ٽٻون آهن. ڪن هنڌ رستي جي ٻنهي پاسن کان ڳچ پنڌ پري نشيب واري زمين آهي، جا آبڪلاڻيءَ ۾ ٻوڙ هيٺ اچي ٿي. اُتي ڍنڍون آهن، جنهن ڪري ڪيترا عملدار هن پاسي شڪار ڪرڻ ويندا آهن.

”ڪن اچي امر ڪوٽ تان وسايا ولهار“ (سارنگ)

ولهار يعني غير آباد زمين، جنهن ۾ جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا قدرتي طرح اپرن. اهي ولهار امر ڪوٽ جي آسپاس آهن ۽ ڇوڙ واري رستي تان به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

امر ڪوٽ ۾ جيڪي ڏسڻ جهڙا هنڌ آهن، تن مان پهريون ۽ مکيه آهي ”ڪوٽ“، جو شهر جي منهن ۾ مارڪيٽ توڙي اسپتال کي ويجهو آهي. اهو ڪوٽ ڪڏهن جوڙيو سو احوال هينئر به ملي سگهي ٿو. ڪرنل ٽاڊ ڄاڻايو آهي ته راجپوتانا سڄي، وچوارو وڏين پٽن سان واريا سو ملڪ ”مارو سٿل“ يعني موت جو ٿر سڏبو هو. انهيءَ سڄي ٿر جا واسي اصل پرمار راجپوت هئا، جن پنهنجي حد ۾ جدا جدا هنڌن تي نوڪوٽ جوڙايا هئا، جنهن ڪري مارو سٿل کي ”نوڪوٽي“ به سڏيندا هئا. اُنهن نون ڪوٽن مان هڪ جيسلمير طرف لڊاڻي ۾ پيو روهڙيءَ جي ويجهو الوڙ ۾ ۽ ٽيون امر ڪوٽ ۾ هو. سنڌ

گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ۾ جڏهن ميرن جي صاحبي هئي، تڏهن پرمار سوڍن راجپوتن سومرن کان امر ڪوٽ واري لڙائي سنه 1626ع ۾ لڳي (جڏهن عمر سومرو اڃا ڄائو ئي ڪو نه هو). هن مان به ڏسڻ ۾ ايندو ته امر ڪوٽ جو شهر توڙي قلعو عمر سومري کان گهڻو آڳاٽا آهن.

حيدرآباد واري قلعي کان هيءُ ڪوٽ گهڻو ننڍو آهي، هن جون ڀتيون اونچائيءَ ۾ پنجٽيهه فوٽ کن ٿينديون. ڪوٽ جو مهڙ وارو پاسو جتان اندر گهڙجي ٿو اهو اڄ به چڱي حال ۾ بيٺو آهي، باقي ٻين ڪيترن هنڌان ڀتيون ڀڳيون پييون آهن. انهيءَ مهڙ واري پاسي ڪوٽ جي ڀتين تي ڪي اکر اڪريل آهن، جيتوڻيڪ سمجهڻ ۾ نٿا اچن ته به ايترو ظاهر آهي ته اهي ديوناگري اکرن جهڙا آهن ۽ انهن ۾ لاڪنائون به ساڳيون ديوناگري واريون آهن، جنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ته اهي اکر هندن جا اڪريل آهن.

"منهنجي آهه اها ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي"

هيءُ اهو ڪوٽ آهي، جنهن ۾ عمر سومري ٿهر ڪري ويچاري مارئي کي اٽي قيد ڪيو هو. مٿين مصرع ۾ شاهه صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو ته منهنجي اندر مان جيڪا آهه ٿي نڪري سا ڪڏهن ڪوٽ کي ڪيرائي ڀورو ڪندي. جيڪس مارئي جي آهه اگهي آهي، جو هن ڪوٽ جون آڳاٽيون جايون ڪيترن ورهين کان ڀڄي ڀري ويون آهن ۽ اُنهن جي بدران هاڻي مختيار ڪار جي آفيس، ڊسٽرڪٽ بنگلوءِ ٻيون جايون بيٺيون آهن.

ڪوٽ جي مٿان ٿل تي چڙهڻ لاءِ شاهي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. هتي ميرن جي صاحبي جون ٽوريون توبون رکيل آهن، جي ڪم اچڻ جهڙيون ڪينهن. هڪ توب ته عجب اسرار آهي. اُن جي ڇيڙي وٽ هڪ ننڍڙو سوراخ آهي، تنهن ۾ ڪک، تيلي يا سنهڙو ڏنڊڻ وجهبو ته پاڻي ڀڃي نڪرندو! انهي سوراخ مان برسات جو پاڻي اندر ويندو هوندو ته عجب ڪونهي، پر اهو پاڻي ڪڏهن به سڪي نٿو تنهنجو سبب اڄ تائين ڪو به سمجهي نه سگهيو آهي. شايد جنهن ڌاتوءَ مان اها توب ٺهيل آهي، تنهن ۾ اهڙي ڪا خاصيت آهي. جا پاڻيءَ کي سڪڻ نٿي ڏئي.

هندستان جو هاڪارو اڪبر بادشاهه امر ڪوٽ ۾ ڄائو هو. انهيءَ تواريخي ڳالهه جي يادگيريءَ لاءِ ڳوٺ ڪيجراڙي تعلقي امر ڪوٽ شهر جي ٻاهران اُتر طرف هڪ يادگار 1898ع ۾ جوڙايو هو جو اڃا چڱي حال ۾ بيٺو

ڪنيا تہ ڪاٺر ڏي ساري هاج هنئان،
لائي لڏ لطيف چئي پرئين ٿر ٿيا،
ڇڏي ڳڻ ويا، مارئڙا ملير ۾.

مارئيءَ جو ملڪ ملير بہ ٿر ۾ آهي پر اهو گڊڙي اسٽيشن کان اٺيھہ ڪوھہ ڪن پري آهي، تنهن ڪري "ڪاٺر" کي شاھہ صاحب مٿين بيت ۾ "پريون ٿر" سڏيو آهي. مارئي جي ملڪ کي "پاٽر" جو ٿر ويجهو آهي ۽ اُن جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي.

عيسوي ٻارهين صديءَ جي آخر ڌاري اهو ڪاٺر جو ٿر راٺوڙن جي هٿ ۾ هو تنهن ڪري اهي اڄ تائين "ڪاٺريا راٺوڙ" يعني ڪاٺر جي ٿر وارا راٺوڙ سڏجن ٿا. راٺوڙن مان جن ڪاٺر ۾ راڄ ڪيو تن مان هاڪارو راجا رنمل هو جنهن جو نالو رسالي جي سر ڍول مارئي ۾ ڪم آيل آهي.

ڍوليو نرور سير يفن راجا رنمل رليو.

تيرهين صدي ڌاري ڪاٺر جو ٿر راٺوڙن کان سوڍن راجپوتن کسيو ۽ ڪي صديون اُتي راڄ ڪيائون. انهيءَ هنڌ ڪي راڄ جو اثر اڄ تائين ظاهر آهي. بين هنڌن هندن ۽ مسلمانن کي سولائيءَ سان پريائين سڃاڻي سگهجي ٿو پر هتي ايئن سڃاڻڻ مشڪل آهي. هتي هندن توڙي مسلمانن جي پوشاڪ هڪ جهڙي آهي. مردن کي اڇي يا ڳاڙهي ڪپڙي جي پٽڪي مٿي تي، انگرکويت تي لوئي هيٺان. زالن کي چني مٿي تي ۽ ڪڇي نموني جو پيشگير. هندو توڙي مسلمان نياڻين کي پوتيءَ بدران لوئي مٿي تي ۽ ٽنگن ۾ بہ لوئي. ڪيترا ڀار بت توڙي مٿو اگهاڙو گهمن، باقي سنهي ننڍڙي لوئي هيٺان ڪري گوڏ ٻڌي ڇڏين. هندو توڙي مسلمان ڏاڙهي رکائين ۽ مسلمان مڇون ڪو نہ وٺائين. ٻولي بہ سڀ ڍاٽڪي ڳالهائين. مطلب تہ هندن توڙي مسلمانن جي وچ ۾ ظاهري ڪو بہ تفاوت ڪونهي.

ڪاٺر توڙي سڄي ٿر ۾ اٺڻ جو ڪم مينگهواڙ ڪندا آهن ۽ چم جو ڪم بہ اهي ڪن ٿا. ميگهواڙن جي پاڙن ۾ گهڙبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪي ڪتا تہ ڪي ڪاهيون، ڪي لويون تہ ڪي ڪمريون ويٺا جوڙين. شاھہ صاحب جي ڏينهن ۾ بہ ايئن هو تنهن ڪري سر مارئي ۾ چيو اٿس تہ:

"جت ڪرڙ ڪتا ۽ ڪاهيون، پال، پڪا ۽ پڪ."

ٿر ۾ مينگهواڙ سياري ۾ گهٽيون ڪٽيون جوڙي وڪري لاءِ رکن باقي اونهاري ۾ رڳو ڪپ آهر جوڙين ڇاڪاڻ تہ گرم موسم ۾ "ڇوٽ" (ڏتو) نالي هڪ جيت اهي ٽڪيو ڇڏي.

ڪتن ۽ لوين جوڙڻ جو رواج ٿر ۾ گهٽ هنڌ آهي. پر ايترو چئبو تہ ڪپري تعلقي کان ڇاڇري تعلقي جي هن ڪاٿر واري پاسي ڪتا صد بار سٺا ۽ سهڻا جوڙين ٿا. شاهہ صاحب کي بہ ڪاٿر جون ڪٽيون گهڻو پسند آيون هيون ۽ انهن جي ساراهہ هيٺين سٽن ۾ ڪئي اٿس:

ڪاٿر ڪٽيون خاصيون اچي ات اچن،
ڪڏيو پيڻ ڪهن، ملير گهرجي مارئي.

پهرين مصرع ۾ هڪ مکيہ ڳالهہ جا شاهہ صاحب ڄاڻائي آهي، سا هي آهي تہ مارئي جي ملڪ ملير يعني ننگرپارڪر پاسي ڪتا اڪثر ڪو نہ ٺهندا آهن، پر ڪاٿر مان اچي، اُتي وڪامڻ ايندا آهن. ٻئي مصرع ۾ آهي "پيڻ" جي ڳالهہ. "پيڻ" آهي پيڄي، جا ڪتن ۽ لوين کي ڪلف ڏيڻ لاءِ هڻندا آهن. پيڻ لڳل لوئي يا ڪتو وٽبو آهي تہ اُن کي مهتو ڏيئي پيڻ ڪڍي ڇڏبي آهي نہ تہ ان جي بانس تي ڪئواڇي لڳندس ۽ ٽڪي پورو ڪندس. ٿر ۾ گهمندي شاهہ صاحب شايد ماڻهن کي ڪتين مان پيڻ ڪڍندو ڏٺو هو تنهن ڪري اُنهي ڳالهہ جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. مطلب تہ ڪيترين سنهين سنهين ڳالهين جي ڪو رواجي سيلاني شايد نہ بہ ڄاڃي سي هن مڙس ڄاڇيون آهن ۽ پوءِ عمدي نموني اهي پنهنجي ڪلام ۾ ڄاڻايون اٿس.

گڊڙي ۽ ٻاڙمير جي وچ ۾ ڏونگري ٽڪر جي هڪ شاخ مٿان ڪرڙا نالي ڳوٺ آهي جنهن جي نزديڪ سنڌ جي هڪ قديم شهر جو ويرانو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُتي جي ڪن مندرن جي ڪاريگري نهايت عجيب آهي.

**جيسلمير:**

جيسلمير جو شهر ٽن ٽڪرين جي وچ ۾ آهي ۽ چوڌاري "پنو" (عالم پناهہ) ڏنل اٿس. شهر جي وچ ۾ راجگڏهہ يعني راجا جو قلعو آهي، جنهن کي نوانوي برج آهن. سڀ سرڪاري ڪاروبار انهيءَ قلعي اندر هلي ٿو. قلعي جي اندر نهايت عمدو راج محل آهي جنهن مٿان سوني ڇٽي ڪتل آهي. اها شاهاڻي شان شوڪت جي نشاني پريانئي ڄاڻائي ٿي تہ هي راجا جو محلات آهي. هتي راجا کي "راول" چون.

Gul Hayat Institute

جيسلمير جا راول جادو ونسي ڪل مان آهن. مها ڀارت واري زماني ۾ جادو ونسين جو پاڻ ۾ وڏو تڪرار ٿيو هو جنهن ۾ هزارين جادو ونسي اڦٽ مري ويا هئا. انهن مان جيڪي ٿورا بچيا سي پوءِ راجپوتانا جا پٽ لتاڙي پرپرو ويا. اُنهن مان ”گج“ نالي هڪ جادو پنهنجو شهر ٻڌو جو سندس نالي پٺيان ”گجني“ سڏجڻ لڳو ۽ هاڻي عام طرح اهو ”غزني“ ڪونجي ٿو. گج کي پوءِ خراسان جي حاڪم ماريو ۽ سندس ماڻهن کي ڀڄائي اهو شهر پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. هي جادو ونسي پوءِ پنجاب ڏئي ويا. ان وقت سندن راجا ”ساليواهن“ هو جنهن هڪ نئون شهر ٻڌي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو جو هاڻي ساليڪوٽ سڏجي ٿو. انهي زماني ۾ هن پاسي ”ساڪ“ يعني سٿين لوڪ زور هئا. جي هنن کي سامهون پيا. راجا ساليواهن انهن ساڪ لوڪن کي ملتان کان ٽيهه ڪوهه پري ڪاهرور جي نزديڪ اهڙي سخت شڪست ڏني جو سندس ماڻهن کيس لقب ڏنو. ”ساڪاري“ يعني ساڪ لوڪن جو ”اري“ (دشمن). هن وڏي سوڀ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ انهي مهاڀاري لڙائي واري سال (78ع) کان ساليواهن جو ”ساڪ“ يعني سنبت شروع ڪيائون جو اڄ تائين هلندو اچي.

راجا ساليواهن جي پوٽي جو نالو ڀٽي هو. جنهن جو اولاد هتي جا ڀٽي راجپوت آهي. اُنهن ۽ راجپوتن ڪيترين صديون پنهنجون راڄ وڃائي وڃائي ڪيو پر پوءِ عيسوي اٺين صدي ۾ ذڪرڻ ڏي هنڌو پيين ۽ ستلج ندي اڪري رڻ پٽ ڏي رڙهيا. هنن ڀهريائين تنوٽ ۽ پوءِ بهاولپور جو شهر پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. سنه 852ع ۾ سندن حاڪم ڏيوراڄ نالي هڪ ڀٽي راجپوت هو. هيءُ پهريون حاڪم هو جو ”راول“. سڏجڻ لڳو. هن بهاولپور ۾ هڪ قلعو جوڙايو جو سندس نالي پٺيان ”ڏيو ڳڙهه“ سڏجڻ لڳو پر هاڻي بهاولپوري ان کي عام طرح ”ڏيوراوار“ توڙي ”ڏيراوار“ سڏين ٿا. ڪن سالن کان پوءِ (شايد محمود غزنوي جي ڪاهن وقت) هو بهاولپور ڇڏي هاڻوڪي جيسلمير طرف ويا. تن ڏينهن ۾ سنڌ جا ماڻهو بهاولپور مان لنگهي جيسلمير ڏي عام طرح ويندا هئا جو ٻنهي شهرن جي وچ ۾ شاهي سڙڪ ٺهيل هئي جا اڄ تائين آهي.

جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه 1156ع ۾ ٻڌايو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين. پر پوءِ علاؤالدين بادشاهه جو لشڪر اهو قلعو اڏائي

سڄو شهر جلائي پورو ڪيو. انهيءَ اڳين شهر جو ويرانو اڄ تائين هاڻوڪي جيسلمير جي شهر ۾ ظاهر بيٺو آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ هي شهر اڳي تمام وڏو هو. اهو اصلوڪو شهر ڪيترا سال ويران پيو هو پر پوءِ سنہ 1651ع ۾ سبل سنگ نالي هڪ ڀٽي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسائل پٽ وسايا ۽ شهر جو اهوئي اڳيون نالو قائم ڪيائين. هي آهي اهو شهر جنهن ۾ اسان جو هاڪارو سنڌ جو شاعر شاه عبداللطيف پنهنجا پير گهمائڻ آيو هو.

## لڏاڻو ۽ ڪاڪ:

جيسلمير کان پنج ڪوہ پري الهندي طرف هڪ نهايت قديم شهر آهي، جنهن کي "لڏروو" سڏين ٿا. ان جو بگڙيل اچار "لڏاڻو" آهي. امر ڪوٽ جي احوال ڏيندي اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي تہ آڳاٽن راجپوتن نو ڪوٽ جوڙيا هئا، جن مان هڪ لڏاڻي ۾ هو. جيسلمير جو شهر 1156ع ۾ وسيو پر تنهن کان اڳ هي ماڻهو رهندا ٿي هتي هئا. مومل جي ڏينهن ۾ توڙي هن کان ڪيترا سال پوءِ بہ هيءُ شهر چڱو وسيل هو جنهن جي ساک لڏاڻي جون هاڻوڪيون جايون بہ پرين ٿيون.

"ڪاڪ ڪڙهي وڻ لوڻو لڏاڻو" (مول راڻو)

هيءُ شهر هاڻ اجهاڻو وساڻو پيو آهي. هتي ڪيتريون جايون جڙيون بيٺيون آهن، پر اهي گهڻو ڪري سڀ خالي آهن.

"لڏاڻيان لطيف چئي لڏيو لوچيئڙن"

هنن جاين جا مالڪ ڪي جوڌپور تہ ڪي ٻين پاسي لڏي وڃي ويٺا آهن ۽ ڪڏهن سانگي سان هن پاسي ايندا آهن.

لڏاڻي ۾ جين ڌرم وارن جو هڪ نهايت عاليشان مندر آهي، جو قابل ديد آهي. انهيءَ مندر جي سنيال لاءِ هتي بہ ٽي ڄڻا رهن ٿا. جي هن شهر جي آڳاٽي اوج جون عمديون ڳالهيون ٻڌائين ٿا. شاه صاحب هتي آيو هو تنهنجي ثابتي هيٺين مصراعن مان ملي ٿي.

ڪرها ڪارڻ ڪاه توکي ڏٺين ڏاريو
ساري ڏڄ سيد چئي لڏاڻي تان لاه

ٻي مصرع ۾ اٺ کي چيو اٿس تہ لڏاڻي لاه سنيال ڏڄ. اهو هن ڪري

## ڀاڱو پنجون

# ٿر احوال

**ٿر جا ڀاڱا:**

ڍٽ ڍري پٽ پيهون پاسي پارڪر (سارنگ)

ٿر جا طبعي ڀاڱا ٻه آهن، هڪڙو ڍٽ يعني ٿر يا واريا سو ملڪ. ٻيو پٽ يعني ڏاڍي زمين وارو ملڪ. مٿي مصرع ۾ شاهه صاحب پوريءَ ريت ڄاڻايو آهي ته ڏاڍي زمين پارڪر پاسي آهي. مطلب ته "ٿر" جدا ۽ "پارڪر" جدا آهي، پر ملڪي انتظام جي سهوليت لاءِ اهي ٻئي ڀاڱا گڏيو، سڄي ضلعي کي "ٿرپارڪر" نالو ڏنو ويو اٿن. حقيقتون چوڻ گهرجي "ٿر ۽ پارڪر".

ٿر جي جدا جدا ڀاڱن تي اڳي جدا جدا نالا هئا. جي رسالي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به سنڌي ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪينهن. تنهن ڪري انهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

"هن مند مارو سنرا ڪاٿر ۾ خوشحال."

ٿر جو هڪ وڏو ڀاڱو "ڪاٿر جو ٿر" آهي، جنهن جو اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جون حدون به ڄاڻايون ويون آهن.

"ستيءَ سيئي ساريا جا پاٿر جا پنوهار" (مارئي)

ٿر جو ٻيو ڀاڱو "پاٿر جو ٿر" سڏجي ٿو جو ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ آهي. اهو ٿر ننگر پارڪر ۽ مٺي تعلق جي ڏاڪٽي طرف وڻ سان لڳو بيٺو آهي.

سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري ڪتي- ڪانه ڪيام،
جا ڍٽ ڍڪيام، تنهنجو پرور پن رهائيين.(مارئي)

جا ڍٽ معني ٿر يا وارياسو ملڪ. پر حقيقت ڪري اهو بہ ٿر جي هڪ ڀاڱي جو نالو آهي ۽ اُن جون حدون هن طرح آهن. اتر ڏي بهاولپور روهڙي ۽ خيرپور رياست جو وارياسو ڀاڱو ڏکڻ ڏي ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺ ٻلهياري تائين رڻ جي ڪس (دنگ) سان، اُڀرندي ڏي جوڌپور رياست جي سرحد ۽ الهندي ڏي نواب شاهہ ۽ حيدرآباد ضلعن جي ڏاڍي زمين واري حد. ٿورن لفظن ۾ هن طرح چئبو تہ ڪاٺ آهي ٿر جي اُتر ڏي، پاٽ آهي ڏکڻ ڏي ۽ انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو وارياسو ڀاڱو "ڍٽ" سڏجي ٿو.

ڍٽ جي حد وڏي آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن ان جي جدا جدا ٽڪرن تي ڌار ڌار نالا رکيا آهن. مثلاً ڏيپلي تعلقي جو ڪجھ ڀاڱو ۽ مٺي تعلقي جو ٿورو ڀاڱو انهن ٻنهي کي گڏي "سامروٽي" چون ٿا. رسالي ۾ اهو نالو ڇاڻايل ڪونهي، پر ويڙهي جهپ جو ڳوٺ جو سامروٽي ۾ آهي، تنهنجو نالو ڏنل آهي ۽ ان جو ذڪر مٿي اڳيئي ڪيو ويو آهي.

ٿر جي الهندي طرف وارو ڀاڱو جنهن جي سنڌ ڏانهن مهڙ آهي، تنهن کي ٿري ماڻهو عام طرح "مهڙاٽو" يا "مهڙي" (موهڙي) سڏين ٿا.

"موهڙي ماروئڙن کي واحد ڏيج وسي"(مارئي)

هن مصرع ۾ شاهہ صاحب مارئي جي واتان چوائي ٿو تہ نہ رڳو ٿر ملڪ وسي، پر ٿر جو مهڙاٽو يعني سنڌ وارو پاسو (ٽنڊو باگو بدين تعلقا وغيره) بہ وسي. مطلب تہ هتي بہ پنهنجي سنڌ ملڪ لاءِ ڏٽيءَ کان دعا گهري اٿس. جا ڳالھہ سندس وطن دوستي جو ثبوت ڏئي ٿي.

"ٿر ٿر اندر ٽاڪ عمر ماروئڙن جا" (مارئي)

ٿر ۾ ڪنهن هنڌ هڪ بہ کوهہ کٽي، پوءِ ان جي آسپاس ننڍا ننڍا ڳوٺ، پاڙيءَ جي سهنج ڪري، ٻڌي وهن تہ انهن سڀني ڳوٺن کي بہ گڏي "ٿر" چون. ٿر ۾ جڏهن سوڍن جي صاحبي هئي تڏهن "ڍٽ" جي گاديءَ جو هنڌ امر ڪوٽ هو ۽ ٻين هنڌ، سنڌن صوبا ڪاروبار هلائيندا هئا. هر هڪ صوبي جي هٿ هيٺ پندرهن ويهہ بلڪ وڌيڪ ٿر هوندا هئا ۽ اهو سمورو هن جو راڄ ليکبو هو. اهڙي طرح هر هڪ مکيہ ٿر جا ننڍا ڀاڱا بہ "ٿر" سڏبا هئا. مٿين مصرع ۾ مارئي چوي ٿي تہ هر هڪ ٿر ۾ منهنجن ماروئڙن جا ٽاڪ (ماڳ) آهن.

Gul Hayat Institute

## ٽر جون ڀٽون:

"ڀٽن ڀر هوندا ڀنگا ڀتار جا" (مارئي)

سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي تہ ٿر ۾ اصل سمنڊ هو جنهن جو منهن ڪڇ جي رڻ ڏي هو. ڏرتي ڏيڻ ڪري حالتون ڦري ويون ۽ سمنڊ جي نشاني هاڻوڪيون ڀٽون آهن.

هن وقت ٿر ۾ جيڏانهن وڃ تيڏانهن ڀٽون ئي ڀٽون. هڪڙي ڀٽ لهہ تہ ٻي چڙهہ. پوءِ هلندي آهن حال! شاباس ٿري اٿن کي آهي جي ڪوڙ ڪائين سچ ڪمائين. سنڌي اٿ ٿر ۾ تورائي ڏينهن ڀٽن جي لهہ چڙهہ ڪري تہ جيڪر پنڌ ڪرجي پويس.

ڀٽن جي هڪ مکيہ ڳالهہ جا گهڻو ڏيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي تہ گهڻو ڪري سِيني ڀٽن جو منهن اُتر ايرندي آهي ۽ ڇيڙو ڏکڻ الهندي ڏي اٿن. ٿر ۾ بيشمار ڀٽون آهن، پر انصاف ٿري ماڻهن جا بہ نہ وڃائبا جو هر هڪ ڀٽ تي نالو رکيو اٿن. اهي نالا بلڪل پورن سببن سان ۽ نہ رڳو ڏکي بازي تي رکيا اٿن. مثلاً امر ڪوٽ شهر جي ڀريان ڇاڇري واري رستي تي هڪ ڀٽ جو نالو آهي "مورلڪ". چون ٿا تہ جڏهن مارئي کي سندس مڱيتو کيت سين پنهنجي ماڻهن جي مدد سان امر ڪوٽ مان لڪ چوريءَ وٺي ويو تڏهن عمر سومرو پنهنجي "مور" نالي هڪ گهوڙي تي چڙهي، هنن جي پٺيان پيو هو. جڏهن هن ڀٽ ني گهوڙو چڙهيو تڏهن اهڙو سهڪي ۾ پرجي ويو جو اتي ئي مري ويو جنهن ڪري عمر سومرو اڳتي وڌي ڪين سگهيو. عمر کي پوءِ سندس دائيءَ ٻڌايو تہ تو نندي هوندي مارئي جي ماءُ جو کير ڌاتو هو. انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ عمر هن جي پٺيان پوڻ جو خيال ٻنهہ لاهي ڇڏيو. هتي مور نالي گهوڙو مئو تنهن ڪري هي "مورلڪ" سڏجي ٿو. "لڪ" معنيٰ جبل يا ڀٽ جو گهاٽ. جتان لنگهڻ جي واٽ هجي، پر ٿر ۾ عام طرح "ڀٽ" کي "لڪ" سڏيندا آهن. مورلڪ وٽ هاڻ ڪنهن مور پکي پاليا آهن. جنهن ڪري اهو نالو هاڻي هيڪاري ٺهي ٿو.

امر ڪوٽ تعلقي ۾ نبي سر نالي ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ "اٺ لڪ" آهي. هڪ اٺ انهيءَ ڀٽ مٿان چڙهندي سهڪي مري ويو هو تنهن ڪري اهو نالو رکيو اٿن.

ڏيپلي تعلقي ۾ "ٻانهياري" نالي هڪ ڀٽ آهي. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ

مائي سنئين مهڻي هئي، تنهن کي سندس ڏير چيو تہ ٻہ دلا پاڻيءَ جا پريل مٿي تي کڻي هن پٽ جي چوٽي تائين چڙهي ڏيکار تہ آءٌ توکي ٻانهين پائيندس. هوءَ مائي شرط ٻڌي دلا کڻي مٿي چڙهي، پر چوٽيءَ تائين پهچڻ کان اڳ سهڪي ساهہ ڇڏيائين. انهيءَ سبب هن پٽ کي "ٻانهياري" يعني ٻانهينءَ واري مائيءَ جو نالو پيو.

ڏيپلي تعلقي ۾ هڪ پٽ تي جت رهن ٿا، تنهن ڪري اها "جتن واري پٽ" سڏجي ٿي. هڪ پٽ مٿان ڪلهوڙن جو ڪو ماڻهو ماريو هو تنهن ڪري اها "ماري واري پٽ" سڏجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اُتي مارا ماري ٿي هئي. اهڙي طرح سيني پٽن تي پورا پورا نالا ٺاهي رکيا اٿن.

نہ رڳو پٽ پٽ تي نالو رکيل آهي، پر پٽ جي هر هڪ ڀاڱي تي بہ نالو رکيو اٿن، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو چڱو واڌارو ڪيو اٿن. اهي لفظ ڪنهن بہ ڊڪشنريءَ ۾ جاٽايل ڪينهن، تنهن ڪري اُنهن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو.

سج اڀرڻ سان پٽ جي جنهن پاسي تي اس جو ترڪو پوي تنهن کي "ترڪول" يعني ترڪي وارو پاسو چوندا آهن. سيني پٽن جو منهن اُتر ايرندي آهي تنهن ڪري اس جو ترڪو انهيءَ مهڙ واري يا اڳين پاسي جي هيٺاهين ڀاڱي کي "ٻڪر" ۽ مٿين ڀاڱي کي "مٿاري" چوندا آهن. پٽ جو پٺيون ڀاڱو تنهن کي "گوڇار" چوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهو گوشي تي يعني پاسيرو آهي ۽ انهيءَ ٻئين ڀاڱي جو ڇيڙو يا پڇاڙي تنهن کي "ٻوڇانڊو" يعني ٻڇ چوندا آهن. هنن لفظن ۾ هيءُ خيال رکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هر هڪ پٽ کي گويا واري جي چادر اوڍيل آهي. رئي يا چادر جو اڳيون پاسو جو ڙالون ڪلهي تي ورائي وجهنديون آهن، تنهن کي چئبو آهي "ٻڪر". پيشانيءَ وارو پاسو "مٿاري" ۽ رئيءَ يا چادر جو پلؤ جو پٺيان پيرن تائين لٽڪي ٿو سو "پوڇانڊو" چئبو.

جيڪڏهن ڪنهن جي ٻني ڪنهن پٽ جي ٻڪر ۾ هوندي آهي تنهن کي "ٻڪرواري" سڏين. جيڪڏهن ڄار يا ڪنڊي جو وڻ ٻنيءَ جي ويجهو هوندو آهي تہ انهيءَ ٻنيءَ کي "ڄار واري" يا "ڪنڊي واري" سڏين ٿا. مطلب تہ ٻنين تي بہ ايئن نالا رکيا اٿن.

ڪي پٽون اهڙيون آهن جن کي ٻڪر بنهہ ڪانهي. هن جو سبب اُنهن

جي ٻڪر ڏيکجي ويئي آهي جنهن ڪري ٻنهين پاسي پوڇاڻدا اٿن.

ٿر ۾ ڪي ڀٽون هڪ ٻئي سان اهڙو لاڳيتيون آهن جو اجا هڪ ڀٽ تان لهجي تہ اتيئي ٻيءَ ڀٽ تي چڙهڻو پوي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي تہ وري ٻن ڀٽن جي وچ ۾ گهڻو مفاصلو آهي. اها وچ واري زمين نموني نموني جي آهي، تنهن ڪري هر هڪ نموني يا قسم لاءِ ڌار ڌار نالو نهرايل آهي. ڀٽن جي وچ ۾ ڏاڍي زمين وارو وڏو ڪشادو ماٿر يا ميدان، جو پوک جي لائق يا ڳوٺ ٻڌڻ جي ڊؤل جو هوندو آهي، تنهن کي "ڏهر" سڏيندا آهن ۽ اهڙي ننڍي ماٿر کي "ڏهري" چون. جيڪڏهن ڪو ڏهر اونهو يا اهڙو هيٺاهينءَ تي هوندو آهي، جو ڀٽن تان برسات جو پاڻي سيني پاسن کان لهي، انهيءَ ۾ اچي ڪٺو ٿيندو آهي تہ انهيءَ اونهي "ڏهر" کي "تل" يا "تلي" يعني تري واري (هيٺانهين) زمين چوندا آهن. ٿر ۾ پوک رڳو ڏهرن ۽ تلين ۾ ڪندا آهن، جن تلين ۾ پوک نہ ڪندا آهن تن ۾ برسات جي پاڻيءَ تي قدرتي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا جام ٿيندا آهن، جن ۾ مال چرندو آهي.

"منهنجو تور تلين ۾ چيها تو چاري" (مارئي)

جيڪڏهن ٻن ڀٽن جي وچ ۾ گهڻي وٿي نہ هوندي آهي ۽ زمين بہ ٿوري قدر وارياسي هوندي آهي، تہ اهڙي ٿوري وارياسي سوڙهي زمين کي "مڙهو" سڏيندا آهن. هر هڪ مڙهو اڪثر ٻن پاسن کان کليل ٿئي ٿو پر جيڪڏهن ٻہ ڀٽون ڪنهن ڪنڊ تي پاڻ ۾ گڏيل هونديون آهن، تہ مڙهي جو وچوارو ٽڪر تنهن کي "مندر" سڏيندا آهن.

مڙهن ۾ اڪثر ٿوري واري ٿئي ٿي، جنهن ڪري پنڌ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نٿي ٿئي، مگر ڪن ڪن هنڌ ايتري گهڻي واري آهي جو سڄو پير اندر هليو وڃي ۽ قدم کڻڻ مشڪل ٿيو پوي. اهڙي وارياسي زمين کي "ڊاڳو" يا "گئسر" چون.

"گئسر ٿئي ۾ گس پٽي پوءِ ۾ پرينءَ تي" (ديسي)

هن مصرع ۾ سمئي چوي ٿي تہ شل بسڙ نہ ٿئي ۽ منهنجي پنهونءَ تي مٽي نہ پوي! اهڙي طرح ٿر جا ٿورا ٿورا لفظ رسالي ۾ جدا جدا هنڌن ۾ آهن.

Gul Hayat Institute

## ٿر جا ڪوهه:

”ڪوهر، ٿوهر، ٿر، جت سانيڪا ۽ سٿيون“

ٿر ۾ چپي چپي تي ٿوهر جا وڻ قطارون لايون بيٺا آهن. اُتي ٿر ۾ يعني پٽن وارا پاڳا آهن، جن ۾ راڄ رهن ٿا ۽ انهن ماڻهن جي جياپي جو مدار ڪوهن جي پاڻيءَ تي آهي. مٿينءَ مصرع ۾ ٿر جو احوال ڏيئي، شاهه صاحب چوي ٿو ته اُتي ”سانيڪا“ ۽ ”سٿيون“ آهن.

”سانيڪو“ يا ”سانيڪو“ معنيٰ ست پرهه اونهو ڪوهه. ”پرهه“ لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت ”پرش“ معنيٰ ماڻهو. ”سانيڪو“ معنيٰ ست مڙسن جي ڊيگهه جيترو اونهو ڪوهه. ”پرهه“ لفظ کي هڪ خاص معنيٰ به ڏني اٿن. ٻئي ٻانهون کولي بيهون ته هڪ هٿ جي چيچڙي کان وٺي ٻئي هٿ جي چيچڙي تائين جيڪا ماپ ٿيندي تنهن کي به ”پرهه“ چئبو.

اها به مڙس جي ماپ جيتري اچي ٿيندي. پر حساب جي سولائيءَ لاءِ عام طرح ”پرهه“ ۾ پنج فوٽ ليکيندا آهن. هاڻي چڱي طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته ”سانيڪو“معنيٰ ٽي سو فوٽ اونهو ڪوهه. سڄي ٿر ۾ سانيڪا رڳو گڊڙي طرف آهن. اهو ڪاٺر جو ٿر آهي. گڊڙو آهي ٿر جي اتر ڏي پر ٿر جي ڏکڻ ڏي ڪوهه ننڍا آهن. ٿر جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ آهي. اُتي جي زمين تاليءَ وانگر سنئين آهي ۽ اُتان زمين کي ٿورڙي ڪوٽبو ته پاڻي نڪري ايندو. پاٽر جي ٿر ۾ به ننڍڙا ڪوهه آهن. اڳيرو ڏيپلي تعلقي ۾ به ڪوهن جي اونهائي ڪا گهٽي ڪانهي، ڏيپلي جي نزديڪ به تڙ (ڪوهه) آهن، جن مان هڪ جو نالو ”ڪتاني“ ۽ ٻئي جو ”گوڏانگڙي“ آهي. ”ڪتاني“ نالو هن ڪري رکيو اٿن، جو انهيءَ تڙ جو پاڻي ايترو مٿي آهي، جو ڪتو ان مان سولائيءَ سان پاڻي چٽي سگهي ٿو. ”گوڏانگڙي“ نالو هن ڪري رکيو اٿن جو ڪوبه وهٽ گوڏا کوڙي، پنهنجو ٻوٿ لنگهائي، ڪوهه ۾ وجهندو ته آسانيءَ سان پاڻي پي سگهندو. اهو هيٺاهون ڏاکڻو پاڳو چڙهي جيئن مٿي اُتر ڏي وڃبو تيئن ڪوهه وڏيڪ اونها نظر ايندا. ڪٿي پنج پرهه ته ڪٿي ست پرهه اونها ۽ اُن کان اڳيرو ڪٿي پندرنهن ته ڪٿي ويهه بلڪ پنجويهه پرهه اونها. مطلب ته جيئن مٿي تيئن پٽون وڏيون ۽ سياويڪ طرح پاڻي به گهڻو هيٺ. گڊڙي طرف ته هيڪاري حد لڳي پيئي آهي، جو اُتي ست پرهه اونها ڪوهه آهن.

”جن سانيڪا سنجياسي ڏٽي ڪيڙ ۽ ڪانهن“

Gul Hayat Institute

هن قسم جون مصراعون جن ۾ ”سانيڪا“ لفظ ڪم آيل آهي، سي سڀ ڪائر جي ٽر بابت آهن.

”آڏيءَ اٽين تي، جيئن پاٽي پاتارن ۾“.

پائر جي ٽر ۾ توڙي ڍٽ ۾ ڪنهن کوهه جي ڪنڌيءَ وٽ بيهي اندر کوهه ۾ نهاربو ته پاٽي اڪثر ڏسڻ ۾ ايندو پر ڪائر جي ٽر ۾ سانيڪن جو پاٽي پاتال ۾، سو ڏسڻ ۾ ڪيئن اچي؟ هٿ ۾ آرسي ڪٽي سج جي سامهون ڏنگيءَ طرح جهلي، پاڇولو اندر کوهه ۾ موڪلبو آهي ته پاٽي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اوڏي مهل کوهه جي اونهائي ڏسي حيرت وٺيو وڃي. اهڙن اوڙاهن مان پاٽي ڪيئن ڪيندا آهن، تنهن جو ذڪر رسالي ۾ آهي.

”ٻري نه ٻکر دانهن، اُنجي پوڙ پڪو نه سٽيان“
”پوڙ“ آهي ڪاٺ جو چڪرو يا ڪپي (Pulley)

ٽر ۾ هر هڪ کوهه جي مٿين سرائيءَ ۾ پوڙ پيل آهي. چم جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي اها رسي پوڙ تي رکي ڍر ڏيندا وڃن ته پوڙ وڃي ڦرندي ۽ رسي پاٽمرادو وڃي هيٺ کوهه ۾ پوندي. جڏهن ڪوس پرجي رهي تڏهن رسي ڇڪين. پاٽي ڇڪڻ لاءِ رسا، تنکي ”ورت“ سڏيندا آهن.

سنجي سنجي کوهڙا ويڙهي ويا ورت.

ڪي وري وٺيل چم جا ورت ڪم آڻيندا آهن، جن کي عام طرح ”سيٽ“ سڏيندا آهن. ”سيٽ“ ۽ ”سيڻون“ ساڳيا لفظ آهن.

”پيا سيٽ سڙن ترهي ٻنهين ڪنڌئين“

ترهو معنيٰ کوهه. هيءُ ڪائر جي ٽر جو لفظ آهي. ترهي مان پاٽيءَ سان پريل ڪوس ڪيڻ لاءِ جيڪي سيٽ يا ورت ڪم اچن ٿا سي ٻن ٽن ماڻهن جي ڇڪڻ جا نه آهن. عام طرح ورت ڇڪڻ لاءِ اٺن يا ڏاندن جو جوڙو ٻڌن. اهو جوڙو کوهه مان ڏيڍ سئو کن فوٽن تائين ورت ڇڪي ڇڪي ٿڪجي پوندو آهي، تنهن ڪري وچ ۾ ٻيو جوڙو وهٽي جو ٻڌندا آهن. جڏهن وهٽ کوهه کان جملي ٽي سئو کن فوٽ پري وڃن، تڏهن ڪوس ڇڪجي مٿي اچي. اوڏي مهل هڪ ڄڻو ڪوس هٿ ۾ ڪٽي دلن ۾ پاٽي اوتيندو ويندو آهي. ڪوس خالي ٿئي ته وري وڃهن کوهه ۾ ۽ وهٽن کي پٺيرو هٽائين.

ورت چڪڻ لاءِ ڪٽي چار چار گڏهہ بہ گڏ ٻڌندا آهن، پر مزو تڏهن آهي جڏهن زالون يا مرد ورت چڪيندا آهن. جهڙي طرح اسڪولن جا شاگرد نوڙي ڇڪڻ راند ڪرڻ مهل نوڙي ڇڪيندي ٻيٺا تي پوندا آهن ۽ گوڏا پٽ سان پيا گسندا اٿن تيئن ورت ڇڪڻ مهل بہ مردن توڙي زالن کي گوڏا گساٽا پون ٿا. شاهہ صاحب اهو رنگ اکين سان ڏٺو هو تنهن ڪري مارئي جي واتان هن طرح چوايو اٿس:

سنجن سانيڪن تي وڏيءَ وير وهون،
پايو جر جنڊن ۾ گوڏا ڪن گهون.

"جنڊ" معنيٰ چم جو ڪوس يا بوڪو. هتي چوي ٿو تہ جڏهن اهي جنڊ کوهہ جي پاڻيءَ سان ڀريا آهن تڏهن مارو لوڪ ورت ڇڪيندا آهن، گوڏا پٽ سان گهندا ويندا آهن.

ڪن نسخن ۾ "گوڏا ڪن گهون" بدران "ڪوڏان ڪن ڪهون" لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ هي تہ اهي ڪوڏيا شوق سان ڪيتري پنڌ تائين ڪهي ويندا آهن، تہ پوءِ پاڻيءَ جو ڪوس ڇڪجي مٿي ايندو آهي.

وَر سي کارا کوهہ سنجيم جي ساٿيهہ جا.

ٿر ۾ ڪن ڪن کوهن جو پاڻي منو آهي، پر اڪثر ڪن جو ٻاڙو آهي تہ ڪن جو کارو. ٿر جو گشت ڪندي شاهہ صاحب کي انهن کارن کوهن جو پاڻي هڪ نہ ٻئي هنڌ ضرور پيڻو پيو هوندو تنهن ڳالهہ جي يادگيري ڪري مٿين مصراع چئي اٿس.

آڏيءَ اٿن تي جيلانهن پاڻي پاتارن ۾،
وارو ويسرين کي، ڏينهان ڪو نہ ڏئي،
مون ڪميڻيءَ کي مٿان کوهہ ڪٽي ويا.

ٿر جو پاڻي پاتارن ۾ آهي، تنهن ڪري مارئي چوي ٿي تہ اسين پاڻيءَ لاءِ اڌ رات ڏيئي اٿنديون آهيون، جو ڏينهن جو هر هڪ تڙ تي ايتري پيڙ تيندي آهي، جو پاڻي ڀرڻ جو وارو ڪو نہ ملندو آهي. مان ويسلي تي سمهيس ۽ ڏينهن جو پاڻيءَ لاءِ کوهہ تي آيس تہ عمر ڏٺم ۽ ڪٽي ويم. مطلب تہ جي آڏيءَ رات جو پاڻي ڀرڻ وڃان ها تہ نہ عمر ڏسينم ها ۽ نہ ڪٽيم ها.

Gul Hayat Institute

اي ستياڻي! تون ارمان نہ ڪاءِ. انهيءَ ڳالهہ ۾ بہ حڪمت هئي. تنهنجي ٻريڪيا ٽيڻي هئي ۽ تون جڏهن انهيءَ مان پار پيئي آهين. تڏهن اڄ تائين تنهنجو نالو پيو ڳائجي ۽ تون سنڌ جي ساوتري سڏجين ٿي.

## ٿر جي آب هوا:

ٿر ۾ سياري ۾ سيءُ گهڻو ۽ اونهاري ۾ گرمي گهڻي ٿئي ٿي. هن جو سبب هي آهي تہ اُتي واري گهڻي آهي. جا اونهاري ۾ گهڻو تپي ٿي ۽ سياري ۾ گهڻو ٺري ٿي انهي حال هوندي بہ اُتي جي آب هوا نهايت سٺي آهي. اتي ڪو بہ وچڙندڙ مرض اڪثر ڪو نہ ٿيندو آهي.

ٿر جي مٽي هڏ جي بلڪل تڏي آهي جيئن شاهہ صاحب ڄاڻايو آهي.

"تڏي مٽي ٿر جي ولهيءَ وسائجاهہ" (مارئي)

ٿر ۾ ٻاٻيهو نالي هڪ پکي ٿئي ٿو جو جهولي جي گهڻي جهڙپ سهي ڪين سگهندو آهي. اها ڳالهہ شاهہ صاحب نهايت وڻندڙ نموني ڄاڻائي آهي.

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڄن وسري
تہ مر لڳي لوهہ، ٿر ٻاٻيهو ٿي مران. (حسيني)

سسئي جي واتان چوائي ٿو تہ منهنجي اندر مان جيڪڏهن پنهونءَ جي يادگيري ڪنهن وقت ميسارجي وڃي تہ پلي تہ اهڙي لوهہ (لڪ) لڳي جو ٿر جي ٻاٻيهي پکيءَ وانگر اڄٽ مري وڃان. مطلب تہ دنيا ۾ رهي ڏٺي ڪي وساري ويهجي تنهن کان اڄٽ مري وڃجي تہ اهو ڀلو آهي.

## ٿر جو واهوندو:

ٿر ۾ الهندي جي هوا کي عام طرح "واهوندو" چوندا آهن. مارچ۔ اپريل ۾ الهندي جي هوا لڳڻ شروع ٿئي تہ چون تہ واهوندا وريا آهن. "واهوندو" لفظ اصل ۾ آهي "واسنتڪ" يعني وسنت (بسنت) بهار جو. ٿري ماڻهو جڏهن چون تہ واهوندا وريا آهن. تڏهن اُن جو مطلب هي سمجهڻ گهرجي تہ هاڻي بهاري موسم موٽي آئي آهي.

سنڌ ۾ بهاري موسم ۾ گلاب. موتيو ۽ ٻيا خوشبودار گل ٽوري قسمين قسمين ميوا جهڙوڪ انب. توت ۽ ڄمون ٿين ٿا. پر ٿر ملڪ انهن سڀني نعمتن کان نراس آهي. اتي بہ جيڪڏهن اهي گل ڦل ۽ ميوا پوکجن تہ ٿين.

كي انهن حقيقتن جي سڌ هئي، تنهن ڪري واهوندن جي ڳالهه ڪندي پٽن تي پنگن جوڙڻ جو ذڪر ڪيو اٿس.

پنوهارن پاڻهيو ڪي واهوندن وس،
عمر انهيءَ ڏيهه جا ڏوٿين ڏنم ڏس،
وليون وڻ ڦلاريا للر نگيو لس،
آٽيو وجهن آهرين سدا توهن تس،
ميوا مجر ماڪيون سيڪا چڪن چس،
ماڙين وهي مس، ملير گهرجي مارئي.(مارئي)

بهاري موسم ۾ وليون ۽ وڻ جتي ڪٿي ماڪ تي موربا آهن. انهيءَ مند ۾ ٿر پاسي ڪيترن ڏهرن ۾ ڏسو ته لس ئي لس للڙ لڳو پيو هوندو آهي. للڙ جو گاهه مريڙي جي نموني ٿئي ٿو تنهن ڪري ويچارا مسڪين اهو پوڙ ڪري ڪائين. وهٽ به منجهائنس چڱا چرهه ڪندا آهن.

توهه جي ول جتي ڪٿي وارياسين پٽن ۾ ٿئي ٿي. ٿري ماڻهو وهٽن لاءِ ٿوهن جا ٿس (ڍڳ) آٽي آهر ۾ وجهندا آهن. توهه سردي جي نموني رنگ جو ڦڪو ۽ ڏسڻ جو سهڻو ٿئي ٿو پر کاءِ ته جهڙو زهر! انهيءَ ڪري "ڏسڻ جو توهه" اصطلاح آهي؛ يعني جيڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ ٺرڪي ڦرڪي سان هجي پر منجهس افعال ڪو نه هجي تنهنجي نالي چوڻ ته هيءُ رڳو ڏسڻ جو توهه آهي، "سهڻا توهه پٽن ۾ به پيا آهن" اهو پهاڪو به عام آهي. ڏڪار ۾ ويچارا ٿري توهه به کائي وڃن! توهه ڪتب آڻڻ لاءِ اول ڪڏون کوٽي ان ۾ توهه جا ٽڪر وڌي وجهن ۽ پوءِ مٿان واري ورائي ڇڏين ته واري اها زهريلي رس پيئو وڃي ۽ توهه سڪي ڪوڪا ٿيو پون. اهي ڪوڪا پوءِ ڇنڊين ته ٻج ڇٽي اڇيو هيٺ پوي، اهو ٻج سڪائي، پيهي، اٽي سان ملائي ان جي ماني پچائي ڪائين!

بهاري موسم ۾ مکيون ماکي لاهين ٿيون، ٿر ۾ اُچي سٺي ماکي ڏيپلي ڏي، پراڻ جي پاسي، پائر جي ٿر ۾ مارئي جي ملير جي ويجهو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾ ڪارونجهر ٽڪري تي ٿيندي آهي. ڪارونجهر ۾ ڪولهي لوڪ راتيون جاڳي ماکي هٿ ڪندا آهن ۽ اها چڱو پئسو ڪندي آهي. ويچاري مارئي، عمر وٽ قيد ۾ به انهن سوادن کي پئي سڏ ڪيا.

تڏيون وليون ٿرن ۾ ڪوڙين ڪرڙ ڪريڙ.

Gul Hayat Institute

جهر ڪي جهار ڪي هڪلڻ لاءِ ٻنين جو واهي تي وهٽو پئي ٿو پر ٻارين ڪي نڪا واڙڏجي تي نڪي انهن جي واهپ ڪرڻي پئي ٿي.

تن ساڏوين سڌ مران ڏنگا جني ڏار
پٽي ساڻ پتار پائر پيرون چونڊيان.

چارين ۾ پيرون ٻن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙا ڳاڙها پيا اچا. ساڏوئي چار ۾ اچا پيرون موتين جهڙا ٿين ٿا. وات ۾ وجهه ته متا جهڙي مصري! ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ پيرن کي ”ماچڪ“ چوندا آهن. ڪرڙ ڪکوريا ۽ ماچڪ موريا، ته ترين جو ڍءُ ٿيو. انهيءَ مند ۾ ان گهٽو ڪو نه ڪائين پر سگر ۽ پيرون وغيره ڪائي پيٽ پرين.

جون مهيني جي آخر ڏاري پيرون بدا ٿي ويندا آهن. پيرن جي مند موڪلائي تنهن ڪان اڳ ٿري ماڻهو پيرن جا ڍڳ سڪائي رکندا آهن. جهڙي طرح سڪن ٻيرن کي ”ڪاڪلا“ چئبو آهي، تهڙي طرح سڪن پيرن کي ”ڪوڪڙ“ چئبو آهي، جو پڻ ساڳيو ئي لفظ آهي، رڳو اچار ڦريل اٿس. ”ڪوڪڙ ڪوڍيرن ۾ ڦوڪيو ڦڪ پريندي“

طس يا ڪني ۾ ڪوڪڙ رکئي لتجي ويندي آهي، تنهن ڪري ٿورا داٽا هٿ ۾ ڪٽي، اول ڦوڪ ڏيندا آهن ته متي اڏامي ويندي آهي ۽ پوءِ ڦڪ پري ڪائيندا آهن. جهڙي طرح اسان وٽ ڪو پار رسي ته هن کي پرچائڻ لاءِ ڪو ٿول ڏبو آهي تهڙي طرح ٿري ماڻهو پنهنجن پارن کي پرچائڻ لاءِ ڪو ڪڙ داٽا ڪيڍي ڏين!

متين مصرع ۾ ڪوڍير لفظ ڪم آيل آهي. ڪوڍير چؤماسي ۾ ٿيندا آهن. تنهن ڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪبو. هتي حال فقط اهي ڳالهيون چاٽائجن ٿيون، جن جو واهوندي سان واسطو آهي.

پنوهارن پاٻوهيو ڪي وس واهوندن
لتو سيءُ لطيف چئي بڌو ڦڻ ڦرن
اوتا ڪورين ڪونئري سرتيون متان سسن،
عمر ان اگوندري پاسي ڪانڌ ڪتن.(مارئي)[1]

---

[1] ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي رسالي ۾ پوئين سٽ جي جاءِ تي هيٺيون ٻه سٽون آنديون آهن:

ڪائنَ ڪيئون خاميون، اوچي ات اچن
ڪديو پيڙ ڪهن، ملير گهرجي مارئي

هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته هاڻي سيءَ لٿو آهي يعني سياري جي موسم پوري ٿي آهي ۽ واهوندن وسنءَ لاتي آهي ۽ ڦرن به ڦڻ پڌو آهي. ڪنهن به وهت جو ڦر (ٻچو) کير ڏائڻ ڇڏي، گاهه کائي، مچندو آهي ته چون ته ڦڻ پڌو اٿس. گهيٽن جي ان سياري ۾ لاهبي ته ويچارن کي سيءَ پوندو تنهن ڪري هن گلابي رت ۾ مارو لوڪ پنهنجن سسن (ننڍڙن گهيٽن) جي ڪوُنئري ان ڪتريندا آهن. مارئي چوي ٿي ته منهنجي هر هڪ ساهيڙي هن مند ۾ جهجهي اُن پنهنجي ڪانڌ جي پاسي ۾ ويهي ڪتيندي آهي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته بهاري موسم ۾ ماڻهن توڙي وهڻن لاءِ نه رڳو قوت گذران جي واٽ کلي ٿي، پر گهيٽن جي اُن به انهيءَ مندن ۾ ملندي اٿن، جنهن مان لوبون ۽ ڪتا ٺاهي، ٿري لوڪ پنهنجو بت ڍڪيندا آهن. حاصل مطلب ته بهاري موسم ٿري ماڻهن لاءِ غنيمت آهي.

**ٿر جو وسڪارو:**

برسات جا چار مهينا تن کي "چوماسو" يعني چئن مهينن جو عرصو چئبو آهي. ٿر ۾ نڪو واهه نڪو درياهه آهي تنهن ڪري ٿري ماڻهن جا گهر ڪڪرن تي آهن ۽ اهي چوماسي ۾ آسمان ۾ اکيون اٽڪائي، پل پل ايئن پيا پڪارين ته:

مٿان منج ڪي ميگهه ملارا،
مينهن گهرن ٽا مالن وارا،
تو مان ورچن ڪين ويچارا:
لالڻ ڪو رنگ لاءِ- سرها سانوڻ ڏينهن سنداءِ

ٿر ۾ ڪيتري به برسات پئي ته مالدار ڪڪ ڪين ٿين. سنڌ ۾ گهٽي برسات پوندي آهي ته زميندارن جا منهن لهي ويندا آهن جو اجهل برسات سببان هنن جون ٻنيون ٻڏي ونديون آهن ۽ فصل سڙي ويندو اٿن. ٿر جا مالدار چون ته برسات پوي سهي پوءِ ٻنيون لڙهن ته لڙهڻ ڏين. البت ٿر ۾ ڪي جوئر ۽ ٻاجهري پوکين ٿا ۽ انهن کي به پنهنجي فصل جو جهجهو ئي خيال ٿئي ٿو پر سنڌ جي زميندارن جهڙي ڳڻتي ٿر جي مالدارن کي ڪا نه ٿيندي آهي. هن جو هڪڙو ئي سبب هي آهي ته "ٿر آهي ٿڻ تي، نه ڪڻ تي" يعني ٿري ماڻهن جو گذران ان تي ايترو نه آهي، جيترو ڏڌ کير تي آهي. هو چون ته مال لاءِ چارو مئو ٿيو ته اسان لاءِ سڪي ٿيو. وسڪاري ۾ نه رڳو ماڻهو پر چرند پرند سڀ خوش.

Gul Hayat Institute

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگ، مينهون،
آڙون ابر آسري تاڙا تنوارين.(سارنگ)

جيٺ ڏئو تہ آڙ جي تکي تنوار پيئي پوندي. آڙ هڪ تمام ننڍڙو ڪارانجهو پکي آهي. جيئن تڏ ننڍڙو جيت آهي، پر آواز تکو اتس تيئن آڙ جي تنوار بہ تڏ جهڙي تيز آهي. ٿري لوڪ چون تہ اهي آڙون مينهن لاءِ پڪارين ٿيون، پر مينهن پوڻ جي پڪ تڏهن ايندي جڏهن تاڙو پکي تنواريندو. تاڙي تنواريو تہ ٿري ماڻهن کي جڻ تہ برسات اچڻ جي واڌائي ملي چڪي. مالڪ جي مهربانيءَ سان جڏهن پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي تڏهن هنڌين ماڳين پٽ پاهہ جهليندا آهن ۽ گسن تي گاهہ ٿيندا آهن. پر ٿر ۾ قدرت عجب رنگ لائيندي آهي. وسڪاري ۾ ڏهريون، مڙها ۽ مندر تہ گاهن سان گلزار ٿيندا آهن پر واريءَ جون ڍڳون بہ ايتري قدر ساوڪ ۽ سبزي سان ڍڪجي وينديون آهن، جو ٿر ملڪ ڦري غنچو ٿي پوندو آهي. ٿر ۾ هڪڙو ٽانڪار جو وڻ ٿي اهڙو آهي جو برپٽ کي باغيچو بنايو ڇڏي. مطلب تہ وسڪاري ڪانپوءِ ٿر ملڪ اهڙو سائو ۽ سبز ٿئي ٿو جو سنڌ جو پيو ڪو بہ پاڳو ساڻس سونهن سوڀيا ۾ مٽ پئجي ڪين سگهندو. اهوئي سبب آهي جو ٿري ماڻهن کي پنهنجو واريا سو وطن ههڙو پيارو لڳي ٿو.

”پسو جا پٽن ۾ ڪتوريءَ خوشبوءِ“

ٿر ۾ وسڪاري تي ڪيتريون سرهيون ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جي پنهنجي خستوريءَ جهڙي خوشبو سان ولهار واسيو ڇڏين. ”مارئي جو پٽر“ انهيءَ نالي سان هڪ سرهو ٻوٽو پيدا ٿئي ٿو جنهنجي سنگهڻ سان مغز کي طراوت اچيو وڃي! وڏن شهرن ۾ ماڻهو عطر، پؤڊر ۽ ٻين سرهاڻين تي پئسا خرچين ٿا پر هتي بنا پئسي مارئي جو پٽر ملي ٿو جو انهن سڀني سرهاڻين جي سڪ پوري ڪري ٿو. ٿري ماڻهو انهيءَ گاهہ سان ڏڌ ڪير جا ٿانءَ ملي صاف ڪندا آهن تہ انهن ٿانون ۾ بہ خوشبو ٿي پوندي آهي. انهن ٿانون ۾ ڪيترو بہ وقت کير رکن تہ ڪين ڦٽي.

بوند برهہ جي بهار لڳي
درد و نديءَ جو ديس انو ٿيئي
پٽن پاسي ڪرڙ ڪڪوريا. گلن جي گلزار لڳي

ڏڻ ته ڏنارن ڇوڙيو، ٻڪرن جي ٻيڪار لڳي
سرتيون شاهه لطيف چئي، مرشد منهنجي سار لڌي

ٿر وسندو آهي ته ٿري ماڻهو انهيءَ مند ۾ پنهنجي ڳوٺ کان پير به ٻاهر ڪو نه ڪڍندا آهن.

"هن مند مارو سنرا ساٿيه منجهه سڏير" (مارئي)

هن مند، يعني هن برساتي موسم ۾ مارو لوڪ پنهنجي وطن ۾ خوش گذارين ٿا ۽ دل کي وڏو آٿت اچي ويندو اٿن:

"جهڙ ڦڙ جت ٿيان ات اڏيائون پکڙا"

جيڪڏهن هڪ هنڌ برسات پوندي آهي ۽ ٻئي هنڌ نه پوندي آهي ته پوءِ لاچار پنهنجا ڳوٺڙا ڇڏي، اتي پکا اڏي وڃي رهندا آهن. جت جهڙ ڦڙ هوندي آهي. اهڙي طرح جڏهن سانگ ڪري ويندا آهن تڏهن هن ريت گذاريندا آهن:

هن مند مارو سنرا ڏنگر ڏار رهن،
پاڻي پوچ پٽن ۾ پکي پاند پيين.(مارئي)

ٿري ماڻهو ٿوري وقت لاءِ ڏنگر يعني وٽن جا سڪل ڏار ڪار گڏ ڪري، انهن مان ڪچي پونگي ٺاهي، انجي ڏار (اجهي) ۾ گذاريندا آهن. سنڌين پونگين جي پرسان برسات جو پاڻي جام پيو وهندو آهي، سو جهجهي چاهه سان پيئندا آهن جو اهو پلر هنن لاءِ وڏي نعمت آهي. هُو جو پنهنجا گهر ٽڙ ڇڏي پرانهن پٽن ڏي ويندا آهن، سو نه رڳو پلر پيئڻ لاءِ پر مال جي چاري ۽ پنهنجن ڏٿن ڏورڻ لاءِ. ڏوٿين جي ڏٿن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## ڏوٿين جو ڏٿ:

ٿر غريب ملڪ آهي. ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ چانورن ڳنهڻ جي اتي سيني کي وسعت ڪانهي، تنهن ڪري ڪيترا مسڪين، تسمين تسمين گاهن مان ٻج ڪڍي، اهو آن ڪري ڪتب آڻيندا آهن. انهيءَ جهنگلي آن کي چئبو آهي "ڏٿ"، جيڪي ڏٿ تي گذران ڪندا آهن تن کي "ڏوٿي" چئبو آهي. "ڏٿ" ۾ نه رڳو جهنگلي ان، پر جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون به اچي ٿيون وڃن.

Gul Hayat Institute

چيڙ کي "متيرو" بہ چئبو آهي. اهي اڪثر جوئر جي پوک ۾ پاڻمرادو پيدا ٿيندا آهن. متا متيرا ڪچا ڪائبا آهن ۽ انهن جون ڪچڙيون بہ ڪبيون آهن. مطلب تہ برسات ۾ گهڻئي ٿوڪ ٿين ٿا، جي ٽر ماڻهن کي مالڪ جي مهرباني سان بنا پئسي ملن ٿا.

مند ٿئي منڊل وچيا آيو جهڙ جهاٽي،
هڪ ارزان ان ٿيو ٻيو مکڻ منجهہ ماٽي.

هي ٽڪون نہ رڳو ٿر، پر سڄي سنڌ سان لاڳو آهن. برسات ڪانپوءِ ان جتي ڪٿي سهانگو ٿئي ٿو. ٿر جي جوئر هڪڙو سستي ٻيو سواد ۾ اهڙي مٺي ٿئي ٿي، جو سنڌ جي ڪٽڪ ڇڏي ٿر جي جوئر کائجي. ٿر ۾ برسات کانپوءِ ڏڌ مکڻ جام ٿئي ٿو. ٿري ماڻهو کير توري ڏڌ کو نہ وڪڻن باقي گيهہ جو وکرو ڪندا آهن. ٿر ۾ اٽڪل اٺ لک چوپايا آهن ۽ اٽڪل پنجيتاليهہ هزار مڻ گيهہ جا هر سال ٿر کان ٻاهر روانا ٿين ٿا. ٿر جو گيهہ تمام سٺو ٿئي ٿو. اهو اڪثر توري ڪو نہ ڏين، پر ماپي ڏين. ريزڪي وکري ڪرڻ مهل گيهہ جي ماپ گهڻو ڪري ٽپڙين يعني لوهہ جي ڪرنڊين سان ڪندا آهن. ٽپڙيءَ ۾ آنو سوا گيهہ پوندو آهي. گيهہ وڪڻڻ جي چوس وچان ڪيترا ٿري ماڻهو نہ کير پيئن نہ ڏنئرو يا مکڻ کائين، باقي رات توڙي ڏينهن لسي جام پيئن. وسڪاري ۾ وٿن ايتري لسي ٿئي ٿي جو ڪو سنگتي ساٿي يا ڪو واٽهڙو لسي چکو گهرندن تہ وڏي خوشيءَ سان هن کي پاندو پري ڏيندا.

"ساٿين کي سيد چئي پريو ڏين پاڻ"

پاڻ يا پاٽو معنيٰ وڏو ڪٽورو. مطلب تہ مينهن ۾ لسيءَ جا ڍوَ اٿن ۽ ٻين کي بہ وڏيءَ دل سان اچ ڪرائيندا آهن. باقي ڏڪار جي ڏينهن ۾ ويچارا پاڻ لسيءَ لپ لاءِ پيا واجهائيندا آهن.

"پهي پاکي پٽڙي پرين ساڻ پيئان"

پهي پاکي يعني پهہ يا ٻڪريءَ جي لسي. ڪيترا ٿري ماڻهو پاکيءَ کي باهہ تي ٿهڪو ڏياري، رڌي کائيندا آهن. مطلب تہ سنڌن لاءِ اهائي کيرٽي آهي.

## ٽر جا هاڪارا وڻ:

سر لوهيڙا ڳَپِيا، ڪسر نسريا،
تو ڪئن وسريا، ڍولِيا ڏينهن اچڻ جا.

لوهيڙو جنهن کي عام طرح ”روهيڙو“ چوندا آهن، سو ٽر جي وٽن ۾ نهايت شاندار وڻ آهي. سانوڻيءَ کانپوءِ، اتر لڳڻ تي، هي وڻ ٻاٽبوءِ ڦولاريو آهي. هن جا گل وڏا، رنگ جا ڳاڙها ۽ اهڙا سهڻا ٿين ٿا جو انهن جي رڱو ڏٺي دل پيئي خوش ٿئي. روهيڙي جي گلن ۾ خوشبو ڪا نہ ٿيندي آهي، باقي رونق سا واهہ جي اٿن! چون ٿا روهيڙي جا وڻ ڏسي تروٽ صاحب چوڻ لڳو تہ منهنجو سپاهہ بہ روهيڙي جهڙو شاندار ڏسڻ ۾ اچي، تنهن لاءِ ڇا ڪيائين جو سپاهين لاءِ جيڪا پوشاڪ جوڙايائين سا سائي رنگ جي ۽ ڪمر بند توڙي پٽڪي جا ڇيڙا ڳاڙهي ڪپڙي جا. ٽر جي پوليس جي اڄ تائين اهي پوشاڪ آهي.

”آٽيو وجهن آهرين روڙي رتا گل“(مارئي)

اهي رتا يعني ڳاڙها گل روهيڙي جي وڻ جا آهن، جن بابت شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ٿري ماڻهو اهي پنهنجن وهٽن جي ڪاٺڻ لاءِ آهر ۾ آٽي وجهندا آهن.

روهيڙي جي ڪاٺي اهڙي آهي جهڙو پڪو ساڳ. جيڪڏهن انهن مان ڪٽن جا پاوا، ڪرسيون، پلنگ ۽ هندورا جوڙائجن تہ جيڪر چوٿون ڏيئي هلن. روهيڙي جا وڻ هڪڙو ٽر ۾ ٻيو ڏاڙهياڙي جبل جتي جام آهن. انهن ٻنهي هنڌان ڪٽائڻ جي تڪليف گهٽي آهي نہ تہ روهيڙي جي ڪاٺ جو سنڌ ۾ وڏو واپار هلي سگهي.

”گولاڙا ۽ گگريون اوچڻ اباڻن“ (مارئي)

گگڙين جا وڻ توهر جي قد جيڏا ٿين ٿا. اهي سهڻا نہ آهن، پر بلڪل ڪارائتا آهن. گگڙين ۾ ڪؤنر ٿيندو آهي جنهن کي ”گگر“ سڏبو آهي. ”گگر گگر پنڊا اڙيا“ اهو مثل مشهور آهي. ٽر ۾ گگڙيون گهٽ هنڌ آهن، پر ڏيپلي تعلقي طرف توڙي ڪارونجهر ٽڪريءَ تي جام آهن. ڪارونجهر ۾ ايترو تہ گگر ٿئي ٿو اهو وير گام ديسا ۽ ٻين پاسي موڪليندا آهن، جتي گهڻو

ڪري عمارتن جوڙڻ مهل پڪي چن ۾ گڏيندا آهن. اهو ڪوئنر دوا طور بہ ڪم اچي ٿو. ڪنهن کي پاسريءَ يا ڇاتيءَ ۾ سور پوي تہ سولو اپاءُ اهو ڪن جو ڪاغذ ٽڪر ڪتري، انهن تي گگرُ ٿڦي، اهي ٽڪليون سور واري هنڌ تي چنبڙائي ڇڏين تہ سگهوئي درد دفع ٿي وڃي. گگرُ جي ڪاٺي ٻارڻ جي ڪم ايندي آهي، تنهن ڪري ٿري لوڪ اهي ڪم آڻيندا آهن. ڪولهي لوڪ ڪاٺين جون ڀريون ڪارونجهر تان آڻي، ننگر پارڪر ۾ عام طرح وڪڻندا آهن.

سنڌ ۾ ٻير جو ڪوئنر چڱو ٿيندو آهي، پر ٿر ۾ ٻير جو نالو بہ ڪونهي، ڇو تہ ٻير رڳو پٽيءَ يعني ڏاڍي زمين تي ٿيندو آهي. ٿر ملڪ واريٰاسو آهي تنهن ڪري اتي ٻير ذات ڪو نہ ٿئي. رڳو مارئي جي ملڪ يعني ننگرپارڪر تعلقي طرف ٻير آهي، جو اتي ڏاڍي زمين آهي. ٿر ۾ ٻير بدران "ٻائري" (ٻاٻري) ٿئي ٿي، جنهن جو ڪنڊو ٻير جي ڪنڊي جهڙو ٿئي ٿو پر ڏارٽار بلڪل گهٽا ۽ پتلا ٿيندا اٿس. اهو وڻ گهٽي قدر ٽڙي پکڙي ٿو جنهن ڪري هر هڪ وڻ وڏي جڳهہ والاري بيٺو آهي. ٻائريءَ کان وڌيڪ ڪارائتو وڻ آهي "ڪوُنيٽ" جنهن جو ڪنڊو ننڍڙو پر ڏاڍو تکو ٿئي ٿو ۽ جهنب وريل اٿس. ڇاڇرو تعلقو ڇڏي، ننگر پارڪر تعلقي ۾ پير پاءِ تہ ڏس تہ ڪونيٽ جا ٻيلا لڳا پيا آهن.

ڪارونجهر ٽڪريءَ تي بہ ڪونيٽ جام ٿئي ٿو. ڪونيٽ جي ڪوئنر جي منائي ڏاڍي طاقت واري ۽ گٽا ڪاري آهي. ننگر پارڪر پاسي واءُ جي بيماري ٿئي ٿي، تنهن لاءِ اهو علاج ڪندا آهن جو ڪونيٽ جي ڪوئنر ۾ ڪنڊ يا ڳُڙ سان ميٺي ۽ گيهہ گڏي، ان جا لڏون ٺاهي کائيندا آهن تہ ٺوُٺا ٿي پوندا آهن. ٿر مان ڪونيٽ جو ڪوئنر ڏيساورن ڏي روانو ڪندا آهن ۽ گگرُ وانگر ان جو بہ چڱو واپار هلي ٿو.

"جن جو ويڙهيين سين واپار سي ڏوٿي هئن نہ ڏيرا".

## ٿر جو ڏڪار:

چوڻي آهي تہ "وسي تہ ٿر نہ تہ بر". ٿر ۾ جڏهن برسات پوي ٿي تڏهن ٿر ملڪ ونڻ جو نہ آهي، پر جي جهڙ ڦڙ نہ ٿئي تہ پوءِ ٿر جهڙو ويران ملڪ ٻيو ڪونهي. برسات ڏاران وڻ ٽڻ سڪيو وڃن، مال مريو وڃي، ماڻهن جا پيٽ وڃي پٺيءَ سان لڳن ۽ ڪي ويچارا بک وچان وڻن جا ڇوڏا پيا کائين! ٿر ۾

بعضي اهڙا بہ ڏڪار پوندا آهن جو اتي جا ڪي مسڪين پنهنجا ٻچا وڪڻي ڇڏيندا آهن. ڏڪار سببان ئي مان ڪيترا ماڻهو لڏي ٻين شهرن ۾ وڃي رهندا آهن. اهي لوڙيارا جڏهن لڏي ويندا آهن تڏهن ٿر جي جيڪا حالت ٿيندي آهي تنهن جو اشارو شاهہ صاحب هيٺين بيت ۾ ڪيو آهي:

ٻري نہ ٻڪر دانهن، ان جي پوڙ پٽڪو نہ سٽان،
مِيان مارئڙن جا اوٺا ڏنم آنهن،
جن سا نيڪا سنجيا سي ڏٽي ڪيئڙءِ ڪانهن؟
پڪا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوئڙيائين.(مارئي)

سڪار ۾ جڏهن ٿري ماڻهو پنهنجا ماڳ وسائي ويٺا هوندا آهن، تڏهن تڙ تڙ تي ڏسو تہ زالون توڙي مرد سانيڪا پيا سنجين. يعني سٽ پرهہ اونهن کوهن مان پاڻيءَ جا ڪوس ڀري پيا ڪين. اوڏي مهل جو پنهنجا دلا بہ ڀرين ۽ وهٽن لاءِ آنهن (حوض) بہ ڀري ڇڏين. انهن مان ڍهون پيئون پاڻي پيئن تہ ڇيلڙا ٻود پرجي پيا ڇال مارين ۽ دڙيون ٿپن ۽ ڪي رکي رکي منڙي ٻيڪار پيا ڪن- ڏڪار سببان جڏهن هيءُ لڏي ويندا آهن تڏهن ڪنهن بہ تڙ تي پهر ڪا نہ هوندي آهي. اوڏي مهل نڪا ٻڪر جي دانهن، نڪو پوڙ جو پٽڪو ٻڌڻ ۾ اچي، آنهن بہ اوٺا يعني گهٽ پاڻي سان يا سڪا پيا هوندا آهن.

”پيا سيٽ سڙن ترهي ٻنهين ڪنڌئين“

پاڻيءَ ڇڪڻ جا سيٽ (رسا) کوهن جي ڪنڌين وٽ اُس ۾ پيا سڙندا آهن. اوڏي مهل سچو ٿر اهڙي ڏيکاري پيو ڏيندو آهي جو ڄڻ تہ ملڪ ۾ راڪاس گهمي ويو.

Gul Hayat Institute

ونهيان ٿين وتاڻ، ڏوکاهي هٽان هي،
اوءِ پيٽيون ۽ پاڻ، موٽي مارن اڏيا.

ولهو يعني ڪنگل يا سڪٺو ۽ ان جو ضد آهي ”ونهيون“ معنيٰ شاهوڪار يا پريل. شاهہ صاحب چوي ٿو تہ مارو لوڪن جا وتاڻ جي مال مري وڃڻ يا ماڻهن جي لڏي وڃڻ سبب ڏک جهڙيءَ حالت ۾ هئا سي هاڻ پريل آهن. هاڻي ساڳين جاين ۽ زمينن تي مارن پنهنجا گهر اچي اڏيا آهن. مطلب تہ جڏهن برسات پوندي آهي ۽ ڏيهہ مان ڏڪار لهندو آهي تڏهن هيءَ مسڪين

راجپوت جي نسل مان آهن ۽ تنهن ڪري ئي راڻي مينڌري کي شاهه صاحب "سوڍو" بہ سڏيو آهي.

"روءِ راڻي جي نانهن ڪو سوڍو سيـن سونهن"

هي مصراعون ڄاڻائين ٿيون تہ شاهه صاحب کي راڻي مينڌري جي اصل نسل جي سُڌ هئي.

تون لنگهائين لطيف چئي ٽرن جا ٽوري.

پيلن ڪي ڪي ڏاڪي ٻوليءَ ۾ "ٽوري" ڪوٺيندا آهن. "ٽوري" جو مونث "ٽورياڻي " آهي.

ماڻهو چونم مي، آءٌ آهيرياڻي آهيان،
مون ور سرتيون سي، جي ٽورياڻيون ٽرن جون"

هي بيت نوري مهاڻيءَ جي واتان چوايو اٿس ۽ مسڪيني جي باب ۾ آهي.

## ٿري ماڻهن جا گهر:

ٿر ۾ وڏن شهرن جهڙيون عاليشان عمارتون پڪسريون يا پٿرن جون نهيل ڪينهن. ڪي ٿورا مٽيءَ جي جڙيل جاين ۾ رهن ٿا، نہ تہ گهڻا، خاص ڪري غريب مارو لوڪ، چؤنرن ۾ گذارين ٿا. چؤنرو هڪ قسم جو پنگو ڪتل تنبوءَ جي شڪل جهڙو آهي، جنهن جو هيٺيون پاسو گول آهي ۽ مٿان سنهي چوٽي اٿس. مطلب تہ جهڙي اڌ ڪليل ڏوپ چٽي. ڪن چؤنرن کي مٽيءَ جون گول پٽيون، زمين کان فقط ٽي چار فوٽ مٿي آهن. چؤنرن جي ڪائين جو بار انهن پٽين تي رهي ٿو. چؤنرن جوڙڻ لاءِ نڪي ڪپن واڍا، نڪي رازا، نڪي ڪوڪا نڪي ڪليون. ويچارا غريب جهنگ مان ٽانڪارءِ ٻين وڻن جون ڪاٺيون ٽوڙي مرٽ، سڻي وغيره جو سڪل آگاهه آڻي، پنهنجو چؤنرو پاڻهي يا ڪن همراهن جي مدد سان جوڙين. ڪي ڪي چؤنرن کي دروازو رکن ۽ ڪي رڳو ٿورو ٿورو پاسو ڪليل ڇڏي ڏين جنهن مان اچن وڃن. مطلب تہ ٿري ماڻهو بنا ڪلفن ۽ ڪنجن جي بر پٽ ۾ پونگا اڏيو وينا آهن. هنن ويچارن جو سائينءَ کان سواءِ ٻيو نڪو اوهي نڪو واهي، تنهن ڪري ٿر جي عملدارن تي تمام وڏي جوابدار آهي. ٿر ۾ ڪنهن جي هلڪي ناٺي واري شيءِ چورائجي ويندي آهي تہ ماجسٽريٽ ڏوهيءَ کي تمام ڳري سزا

ڏيندو آهي ته جيئن ٻيا عبرت وٺن ۽ چوري نه ڪن. ماجسٽريٽن جي اهڙيءَ سهائينديءَ سختيءَ ڪري ٿر ۾ چوريءَ جو اڪثر نالو ڪونه ٻڌبو آهي.

چوڙيُن جوڙڻ جو رواج گجرات، جيسلمير ۽ ڪڇ پڇ طرف ڪن ايامن کان آهي، باقي ٿر ۾ اهو رواج شاهه صاحب جي وقت کان پوءِ پيل ٿو ڀانئجي. اهوئي سبب آهي جو رسالي ۾ " چوڙيرو" لفظ ڪٿي به ڪم آيل ڪونهي. شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ ٿري ماڻهو منهن، لانڍيون ۽ وانڍيون جوڙي انهن ۾ رهندا هئا. انهيءَ سبب شاهه صاحب ماروئيءَ جي واتان چوايو آهي ته "منهن مارئڙن جا"، "پکا پنورهارن جا" ۽ "پنگا پڙيتارجا".

"ڪاهي ايندا ڪڏهن متي وانڍ وهٽ"

برساتي موسم ۾ مارو لوڪ پنهنجا ماڳ ڇڏي پين پاسي سانگ ڪري ويندا آهن ته اهي ڪچيون لانڍيون اڏيندا آهن. اهڙيءَ ڪچي لانڍيءَ کي "وانڍ"، ۽ وانڍ ۾ رهندڙ کي "وانڍير" سڏبو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وڏيري جي وانڍ جي نزديڪ ٻيا مالدار به پنهنجون وانڍيون جوڙي اچي رهندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾ انهيءَ سڄي ڳوٺ کي به "وانڍ" چوندا آهن.

"هن مند مارو سنرا ڍنگر ڍار رهن"

ڍنگرن جي ڍار (اجهي) ۾ رهڻ معنيٰ وانڍين ۾ رهڻ. ٿوريون منيون ڪوڙي، انهن جي مٿان ڍنگر يعني سڪل ڏار ٿار رکن ته اها ٿي وانڍ. ڪنهن وڏي شهر جو وينل انهن وانڍين ۾ جيڪر هڪ رات به رهڻ ڪين چاهي، تنهن ڪري هنن مارو لوڪن کي جيڪا آفرين ڏجي سا ٿوري آهي، جو ٻارن ٻچن سوڌو ايئن ڍنگرڍار رهن ٿا.

Gul Hayat Institute

## ٿر جي پوشاڪ:

پٽولا پنوهاريون مور نه متي ڪن،
جه لاک رچن لوئيون ته شالئان سونهن،
ان ايلاچنئان اگري بخمل بافتن
سکر پانيان سومرا ڪٿي کان کهنبن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران. (مارئي)

شاهه صاحب چوي ٿو ته ٿر جون پنوهاريون يعني ٻڪرارن يا مالدارن

جون زالون ڪڍهن به پٽولا (ريشمي ڪپڙا) نه پهريندريون آهن. سو ويچاريون رڳو ڪٿي ڍڪينديون آهن، جا، ٻين اوني ڪپڙن، ايلاچي بخمل ۽ بافتن کان وڌيڪ ٿيون سمجهن، جنهن وقت هو پنهنجون لوئيون لاک ۾ رڱي ڳاڙهيون ڪري اوڍين ٿيون، تنهن وقت اهي شالن کان وڌيڪ سهڻيون پيئون لڳن. ويچاي مارئي به پنهنجي ڪٿيءَ کي کهنبن کان مٿي ڪري ٿي ڄاتو. شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ ٿر ۾ رڳو ڪٿن ۽ لوين ڍڪڻ جو رواج هو تنهن ڪري مارن کي "ڪٿيرو" يعني ڪٿو ڍڪيندڙ ۽ "لوئر ياڙو" يعني لوئي پهريندڙ سڏيو اٿس. اهو ڪٿن ۽ لوين جو رواج ڪيتري قدر عام هو تنهن بابت شاهه ڪريم هن طرح چيو آهي:

اسين تٿان آئيون جت کهنبو ناهه
جي وڃون ڪنهن وهانءَ ته پڻ مٿهون لوين

هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته آءُ جنهن ملڪ (ٿر) مان آئي آهيان، اتي کهنبو اصل ڪونهي. وڌيڪ چوي ٿي ته جيڪڏهن ڪنهن وهانءَ وڃڻ ٿي وينديون آهيون ته به پنهنجي لاڪيٽي لوئي ڍڪينديون آهيون. ٿر ۾ ڪٿين ۽ لوين ڍڪڻ جو رواج اڄ تائين عام آهي، تڏهن به ڏسجي ٿو ته ڪيتريون زالون مدراسي ۽ جرمنيءَ جون چُنريون ۽ ٻيا ولايتي ڪپڙا، جي ڏيپلي، مٺي، ڇاڇري، ننگر پارڪر ۽ ٻين وڏن شهرن مان ملن ٿا، سي ڍڪين ٿيون. ڇاڇري ۽ ڏيپلي ۾ زالون ريشم تي سهڻو ڀرت به ڀرين ٿيون، پر هاڻوڪي وقت جو به مٿن اثر ٿيو آهي.

سنڌ ۾ وڏن شهرن ۾ زالون چوٽيءَ ۾ اڪثر ربينون وجهنديون آهن. ٿر ۾ ربينن جو رواج ڪونهي. اتي جون زالون پنهنجن گهٽن ۽ رڍن جي ان مان سڳيون وٽي، وارن ۾ ويڙهي، چوٽا ڪنديون آهن ۽ انهن کي "ڏاڳا" سڏينديون آهن. اهي ڏاڳا جي هنن جون ربينون آهن، سي به صرفي سان ڪم آڻينديون آهن. "اٺا مينهن ملير ۾ ڏاڳا ڏيڙ ڏٺندي". ٿر ۾ برسات پئي ته ترايون تلپون پاڻيءَ سان ڀرجي پون ۽ انهيءَ ۾ زالن پنهنجا ڏيڙ (رلا ۽ رليون) به ڌئن ۽ چوٽيءَ جا ڏاڳا به ڌوئي صفا ڪري اهي وري ڪتب آڻينديون آهن.

سنڌ ۾ زالون هاڻي اڪثر سونا چوڙ اپائين ٿيون نه ته اڳي عاج جي ٻانهينءَ جو رواج عام هو. ٿر ۾ ڪي زالون چاندي ۽ عاج جا چوڙا پائين ٿيون

پر ڪيترين کي "ڪوڙا چوڙا ڪچ جا" پيا آهن.

ڪراين ڪچ جا چوڙا ڪوڙا جن،
سومرڪ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي.

**ترين جي مشغولي:**

مائٽ منهنجا سومرا ماروئ ميرا،
اٿيون ڏين اسُور جو پٽن پر پيرا. (مارئي)

ٿري ماڻهو صبح جو سويل اٿي پٽن تي وجي ڦيرو ڏيئي ايندا آهن. اهڙي اوني سان پٽن تي ڇو ويندا آهن؟ تنهن لاءِ سبب آهي. ٿر ۾ اڄ تائين رواج آهي تہ مالدار ماڻهو سانجهيءَ جو پنهنجو مال جهنگ مان آڻي واڙي ۾ ڪون ہ ٻڌن. هو پنهنجو مال جهنگ ۾ ڇڏي هليا ويندا آهن ۽ سڄي رات اهو پاڻمرادو پيو چرندو آهي. اهڙي طرح پنهنجو ڌڻ ٻڌڪو ڇڏي ايندا آهن، تنهن ڪري سويل صبح جو اونو ڪري نند مان اٿي، مال جي نگاهہ ڪري پوءِ اچي نيرن ناشتو ڪندا آهن. ٿر ۾ بگهڙ ۽ ٻيا خوفناڪ جانور ڪينهن. جيڪڏهن ڪو چور مال ڪاهي ويندو تہ واريءَ ۾ پيرو پڌرو پيتو هوندو آهي جنهن ڪري چور کي ڳولي لهڻ آسان ٿيندو. اهي آٿت دل کي اٿن، تنهن ڪري رات جو مال کي جهنگ ۾ ڇڏي هليا اچن مارئي جي ملڪ ملير جي نزديڪ ڪارسر جبل ۾ چراخ آهن ۽ انهن جي ڊپ کان انهي پاسي جا ٻڪرار پنهنجون ٻڪريون ۽ ڇيلا آڻي واڙي ۾ ٻڌندا آهن، باقي ٻين هنڌ اڪثر مٿيون رواج آهي.

مينهون پاڻمراديون ٿڌا چرن ٿر،
وڏي اوهہ آييون پنيءَ لائي ڦر. (سارنگ)

مينهون، ڳايون ۽ ٻيو مال سڄي رات ٿڌا ٿر چري، صبح جو سج ايرڻ کانپوءِ، پاڻمرادو پنهنجي ماڳ تي ڪونڊيءَ لاءِ موٽي ايندو آهي. ٿري ماڻهو اوڏيءَ مهل ڏهائي ڪندا آهن.

چاريو لنب لطيف چئي واڳيئڙ وهارين. (مارئي)

ٿري ماڻهو پنهنجو مال جهنگ ۾ ڇڏي سج لٿي گهر موٽن، تنهن کان اڳ ڦرن کي، لنب نالي گاهہ توڙي ٻيو گاهہ پنهنجي روبرو ڪارائي ۽ هنن کي

ڪنبو پيو پيچندو ۽ چاملو (چم جو) حقو پيو وڃ ۾ ڦرندو! اها آهي ٿرين جي رهاڻ، ٿر جا مسلمان اڪثر آفيم ڪتب نہ آڻيندا آهن. مگر هندن ڪي اها مار آهي. وڏن ڏينهن تي زالن ۽ ٻارن سان بہ رهاڻ ڪندا آهن. انهيءَ رواج پٽاندڙ مومل بہ راڻي سان رهاڻ ڪئي هئي، تنهن ڪري شاهہ لطيف سندس واتان چوايو آهي:

”راڻا رهاڻن جا مارينم مذڪور“

ٿر ۾ آفيم اڪثر مردن جو مرڪ آهي، باقي زالن ۽ ٻارن لاءِ سچي پچي ونڊر برساتي موسم ۾ آهي.

”سرتين ساڻ سمن آهيم اتي مينهڙين“

برسات ڪانپوءِ جهنگلي گل ڦل پيدا ٿيندا آهن تہ ٿر جون زالون، ڇوڪريون ۽ ٻار انهي مان هار ناهي پائيندا آهن. اها ڳالهہ شاهہ صاحب سر سارنگ جي هيٺين ٽُڪ ۾ جاتائي آهي.

”سرهيون ٿيون سنگهاريون پويو پائن طوق“

اهڙي طرح ويچارا ويڙهيچا ورونهن ۽ وندر ڪندا آهن. مارئي عمر سومري وٽ قيد هئي تہ اتي سپني ۾ بہ اهيئي ڳالهيون پئي آيس:

رات لڏو مون سهڻو ڪتيءَ ۾ خاصو
انڙا مينهن ملير ۾، ٿيو تڙ تڙ تماشو
چوريان جان پاسو جسوَ زنجيرن ۾.

## ٿر ۾ ڌاڙا:

Gul Hayat Institute

ٿر ۾ هاڻ ڪڏهن ڌاڙا لڳن ٿا، مگر اڳي ڪلهوڙن توڙي ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڌاڙن جي ڌم لڳي پيئي هوندي هئي. شاهہ صاحب ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ٿي گذريو آهي. سندس وقت ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي، جنهن بابت رسالي ۾ ڪي اشارا آهن. ڪن بيتن ۾ مالدارن کي، ڌاڙيلن کان پاڻ بچائڻ لاءِ ڪي سهڻيون صلاحون بہ ڏنيون اٿس.

ڌڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءَ نہ سنگهارن سٽ،

ڪاهي ايندا ڪڏهن مٿي وانڍ وهٽ،
جي هاٽوُ هوُنئي مٿ، تہ بہ اڍڪو لاهہ نہ انجو.

هن بيت ۾ ڄاڻايو اٿس تہ ڏاڙيل وهٽن تي چڙهي ايندا هئا ۽ مالدارن کي چيو اٿس تہ ڏار جي ڌڻ ۽ ڇڙ ڇڙ ڳابڙا تي (هڪيئي ڪان ڏار) رهجي، اها سنگهارن جي ريت نہ هئڻ گهرجي. يعني سنگهارن کي لازم آهي تہ گڏجي رهن تہ جيئن ڏاڙيلن جي اچڻ مهل هڪيئي کي واهر ڏيئي سگهن. پوين ٻن مصراعن ۾ چوي ٿو تہ ڏاڙيل ڪنهن بہ وقت اوهان جي وانڍ (لانڍيءَ) تي ڪاهي ايندا، تنهن ڪري اهي هاٽوُ يعني هاچوهٽندڙ يا ڏاڙيل جيڪڏهن اوهان جا سڳا مائٽ هجڻ تہ بہ انهن جو اڍڪو ڏارجو. هيءَ بلڪل پوري صلاح ڏني اٿس. اصل چوڻي آهي:

”لچان چوران پت نہ ڪائي توڙي هوون سڳا پائي“

ٿر ۾ ڏاڙيلن جي ڊپ کان ڪي ماڻهو وراڪن ۾ وڃي لڪندا آهن. انهيءَ ڳالهہ جي شاهہ صاحب هيئينءَ تڪ ۾ اشارو ڪيو آهي:

”وهڻ وراڪن ۾ ان جي اجوڪي اوطاق“

ڀِٽن تان برسات جو پاڻي لهندو آهي تہ ڪيترين ڀِٽن جي پاسارن يعني لاهہ وارن پاسن ۾ ڌرڙ ٿي پوندا آهن. ”وراڪو“ لفظ عام طرح ڍڪ يا پناهہ جي معنيٰ سان بہ ڪم آڻيندا آهن. مثلاً سيءَ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڍنگر گڏ ڪري انهن تي ڪک وجهن تہ چون تہ سيءِ جو وراڪو ٺاهيو اٿئون. ڏاڙيلن جي ڊپ کان ٿري ماڻهو ڀِٽن جي وراڪن ۾ رهندا هئا ۽ اها سندين اجوڪي اوطاق هوندي هئي، يعني اتي جان جي جوکي کان پاڻ کي ڇٽل سمجهندا هئا. ڪن نسخن ۾ ”اجوڪي“ بدران ”اڄوڪي“ ڪليل آهي. اڄوڪي معنيٰ اڄوڻڪي ڏينهن جي، يعني جنهن ڏينهن ڏاڙيل اچن تنهن ڏينهن انهن جي اوطاق وراڪن ۾ ٿئي ٿي.

جسي لوڙائو ٿيا جنهين پر رهن،
مارو منجهہ ٿرن، رهي رهندا ڪيترو؟

”جسي“ معنيٰ بدن جا ۽ ”جہ سي“ معنيٰ جڏهن اُهي، بيت جو مطلب آهي تہ جن حاڪمن جي آڌار تي ٿري ماڻهو ههڙي برپٽ ۾ رهن ٿا، اهي

ڪاڇي ويندو ۽ باقي رڳو هڏي جو پڃرو وڃي بچندو ته به جيڪڏهن انهي پڃري جي ڪنهن ڪنڊي تي پير اچي ويندو ته اهو ڪنڊو به رچائي ڇڏيندو! ٿر ۾ اهڙا اتفاق ٿيا آهن جو مئل نانگ جي رڳو سڪل پڃري تي پير اچڻ ڪري ماڻهن کي زهر چڙهي ويو آهي.

ٽين مصرع ۾ چوي ٿو ته نانگن جو هڪ ٻئي سان جيڪو پيوند يا ناتو آهي سو ملڪن ۾ مشهور آهي. اها به پوري ڳالهه ڪئي اٿس. اڄ تائين عام طرح ائين چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪو واسينگ نانگ کي ماريندو ته ٻيو واسينگ ٻارهن مهينن کان پوءِ به ان جو وير وٺي ڇڏيندو. چوٿين مصرع ۾ نانگ جي سياءَ جو ذڪر ڪري چيو اٿس ته ڪلي ويل يعني جنهن وقت نانگ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي اچي ٿو تنهن مهل ڪهڙو مڙس آهي جو هنن سپن کي سامهون ٿي سگهندو؟ مطلب ته جنهن مهل واسينگ وڙهڻ لاءِ ايندو تنهن مهل ڪو به دهشت جهلي هن جي سامهون بيهي ڪين سگهندو.

ڦهرين ڪاري نانگ جي ڪوچر ڪيل ڇيڙ ڪري،
جي هٽي ڏنگ ڏسائيو ته ويجهو تان نه وري،
جيڪي ٽپ مري، جيڪي سڪي صحت کي.

نانگن ۾ واسينگ اصيل نانگ آهي: جيڪڏهن سنڌيس ڇيڙ نه ڪبي ته ماٺ ڪري پنهنجي واٽ وٺي هليو ويندو پر جي ڪنهن کي ڪٽي ڪٽندي ۽ هن جي ڇيڙ ڪندو ته اوڏي مهل ئي اهڙو چڪ هڻندس جو اڳلو وري سنڌس ويجهو وڃي نه سگهندو. اهو ڪيل ماڻهو اتيئي ٽهه ٽپ مري ويندو پر جيڪڏهن قسمت سان بچي پوندو ته سچي چمار صحت کي پيو سڪندو يعني ته زهر جي اثر لهي وڃڻ کان پوءِ به بت ۾ خوش ڪين گذاريندو. شاهه صاحب هيءَ هڪ ٻي حقيقت ڄاڻائي آهي، جنهن جي ٿر ۾ سڀ ڪنهن کي سڌ آهي. ٿر ۾ نه رڳو واسينگ، پر لنڊي توڙي ٻئي ڪنهن به زهري سپ جا ڪاٽل، جيڪڏهن بچي پار پوندا آهن ته به، بت ۾ خوش ڪو نه گذاريندا آهن. نانگ بلا ڪاڏي پلي ته پنج ست ورهيه گذري ويا هوندا، پر جنهن ڏينهن ٿوري گهٽ ٿيندي، تنهن ڏينهن انهيءَ ماڻهوءَ کي مٿي ۾ سخت سور پوندو ۽ هن جو مٿو پيو ڦرندو. جڏهن هوا ڇوٽ لڳندي آهي، تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ جو جيءُ جاءِ ايندو آهي. اهڙا ماڻهو اکين سان ڏٺا ويا آهن، تنهن

سيڻي پاسن جا لفظ ٿر جي ٻوليءَ ۾ اچي ويا آهن. ننگرپارڪر تعلقو سنڌ کان گهڻو پري ۽ گجرات جي دنگ سان آهي، تنهن ڪري پارڪري ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظ تمام ڇڊا پاڊا آهن ۽ اها ٻولي گجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي. ڍاٽڪي ۽ پارڪري ٻوليءَ جي وچ ۾ تفاوت آهي.

ٿر ۾ جيڪا صفا سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي تنهن ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جي سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ عام نہ آهن. مثلاً ٿري ماڻهو هڪٻئي کي ڪيڪارڻ مهل "خير ڪين" ۽ "رؤڙا ڀلا" لفظ گهڻو ڪتب آڻيندا آهن. شاهہ صاحب اهي لفظ ٿر مان جهٽي، رسالي ۾ ڪم آندا آهن.

1) ڪمندڙن خير ڪين چوندڙ چڱا نہ ٿيا.

2) مرڪي مر ماتاروڙي راءِ ڏياچ جي.

رسالي ۾ "ڪينءَ" لفظ جدا بہ ڪم آيل آهي:

"ڏيندا پانڌي ڏس، ڪينءَ جون آٽي خبرون."

ٿر ۾ "ڪنگهہ" کي چون "دؤنس" ۽ "اڄ" کي چون "تؤنس". ٻين هنڌ عام طرح تؤنس لفظ تپ جي معنيٰ سان ڪم آڻيندا آهن، مگر رسالي جي سر سهڻيءَ ۾ "تؤنس" لفظ "اساٺ يا اڄ" جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي:

تن ۾ تؤنس پرين جي پيئان نہ ڍاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ بہ سر ڪيا ئي نہ ٿئي.

جنهن ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڪاڌ هوندي آهي، تنهن کي عام طرح "چوئچو" چئبو آهي، پر ٿر ۾ هڪ ماڻهوءَ جي حقي جي نڙ تي لت اچڻ ڪري نڙ ڀڄي پيو تہ چوڻ لڳو تہ "نڙ چونچو ٿي پيو". ٻي هڪ ماڻهوءَ جي ڪنهن ڳالهہ تان دل شڪستي ٿي تہ چيائين تہ "منهنجي دل چونچي ٿي پيئي آهي." شاهہ لطيف سر رامڪليءَ ۾ "چونچو" لفظ انهي پوئين معنيٰ سان ڪتب آندو آهي.

"چونچو هو چت، ڪلي سو باغ ٿيو."

"مڇڻ" معنيٰ مٿان. اهو لفظ رسالي ۾ گهڻن هنڌ ڪم آيل آهي ۽ ٿر توڙي لاڙ ۾ عام آهي. مٺيءَ ۾ ڪنهن لهاڻي کان پڇيو ويو تہ حيدرآباد ڏئي اٿيئي؟ هن چيو تہ مٺيءَ مان حيدرآباد ڏي گهڻيئي پيا اچن وڃن باقي پاڻ

مان "نڪو اير نڪو پير" يعني اسان مان نڪو اڇي نڪو وڃي. شاهه صاحب بہ مارئي جي واتان چوايو آهي تہ:

"نڪو اير نہ پير نڪو اوٺي آيو."

اهڙي طرح ڪيترا لفظ رسالي ۾ آهن جي ٿر ۾ بلڪل عام آهن، مگر سنڌ ۾ انهن لفظن ڪم آڻڻ جو رواج ڪونهي، تنهن ڪري ڪيترن سنڌي ماڻهن کي اهي ڏکيا ٿا لڳن.

ٿر جي سنڌي "اُچارن ۾" سنسڪرت ٻوليءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي. مثلاً سنسڪرت لفظ "لکشڻ" بدران سنڌ ۾ عام طرح چون "لڇڻ"، مگر ٿر ۾ چون "لکڻ". شاهہ لطيف بہ اهو اُچار وڌيڪ پسند ڪري چيو آهي تہ:

لکڻ ڪيم لکيج جئن مون موراهين ناه کو
مونکي ملهائيج، وارو ڏيئي ولها.

## ٿر جو تواريخي احوال:

تون ڀاتي ڀٽ ڏٺي، ڀوليا تنهنجو ڀٽ،
ٻائي ترازيءَ توريان تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ،
لاهي ڪسر ڪٽ، اڇي ڪوڙ ڦناتون ڪاڪ ۾.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب مومل جي واتان راڻي جي ساراهہ جا سخن ٻولايا آهن، پر هئن جو چوايو اٿس تہ تون ڀٽ جو ڏٺي آهين سان تواريخي ڳالهہ آهي. اهو احوال هن طرح آهي.

ٿر جي راڻن جو ڦهريون وڏو ڏاڏو جنهن کان وٺي سنڌين پيڙهي شروع ٿئي ٿي سو "پرمار" نالي هڪ راجپوت هو جو آبو پهاڙ طرح رهندو هو. پرمار کان ڪيتريون پيڙهيون پوءِ "سوڍو" ڄائو. انهن ٻن وڏن ڏاڏن جي نالن پٺيان ٿر جا راڻا پاڻ کي اڄ تائين "پرمار سوڍا راجپوت" سڏائين ٿا. راجپوتن جو اصل ملڪ راجپوتانا آهي، پر انهن مان ڪي سنڌ ڏي آيا ۽ ڦهريون شهر جو هٽ ڪيائون، سو رتوڪوٽ هو جو ڪپڙي تعلقي ۾ آهي. هتي اچڻ ڪانپوءِ هو پاڻ کي "راڻا" سڏائڻ لڳا. انهن سوڍن پوءِ امرڪوٽ تي ڪاهہ ڪئي. سنڌ گزيٽيئر موجب امرڪوٽ واري لڙائي سنہ 1229ع ۾ سوڍن ۽ سنڌ جي سومرن جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ سوڍا سوڀارا ٿيا. هنن پوءِ مڙسي ڪري سڄو

ٿر ملڪ پنهنجي قبضي ڪيو ۽ سومرن کي پراڻ طرف هڪالي ڪڍيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾ سوڍن جو زور ڪجهه قدر ٽٽو پر پوءِ جڏهن سومرن ۽ سنڌ جي سمن جي پاڻ ۾ اچي لڳي، تڏهن سوڍن کي ساجي لڳي ۽ هو وري امر ڪوٽ هٿ ڪري، سڄي ٿر جا والي ٿي ويٺا. مومل جي واري ۾ بہ ٿر ملڪ انهن سوڍن جي ملڪيت هئي. ان وقت جيتوڻيڪ امرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو همير ويٺل هو تہ بہ راڻو مينڌرو ڪو گهٽ نہ هو. هو وزيريءَ جي عهدي تي هو ۽ شاهي گهراڻي مان هو، تنهن ڪري متين بيت جي پهرين مصرع ۾ مومل چويس ٿي تہ تون ڏاتي، يعني ڏٿ (ٿر) جو آهين ۽ ڏٿ جو ڏٽي آهين، جو اهو سڄو ملڪ اوهان راڻن جو آهي.

راڻي مينڌري کانپوءِ بہ ٿر ۾ سوڍن جي صاحبي هئي. هو سڌو دهليءَ جي بادشاه کي يا سنڌ پاران ٺٽي جي نواب کي ڏن ڏيندا هئا ۽ پنهنجي حڪومت وڃائي وڃائي ڪندا هئا. همايون بادشاه جڏهن شير شاه افغان جي هٿان شڪست کائي، سنڌ ۾ اچي امر ڪوٽ رهيو هو تڏهن امرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو پرساد ويٺل هو. ان وقت همايون بادشاه جي راڻي حميده بانو سنئين مهيني هئي، تنهن لاءِ راڻي پرساد پنهنجو محلات خالي ڪري ڏنو ۽ بادشاه جي بہ هر طرح خذمت ڪيائين. هتي همايون بادشاه ٿورا ڏينهن رهي، پوءِ حميده بانو کي امرڪوٽ واري محلات ۾ ڇڏي، پاڻ راڻي پرساد جو ڪيترو لشڪر وٺي، ٺٽي جي حاڪم شاه حسن ارغون تي ڪاه ڪري ويو. سندس پرپٺ راڻيءَ هٿ پير لڌا ۽ هندستان جو هاڪارو ۽ هر دلعزيز اڪبر بادشاه 14 آڪٽوبر 1542ع ۾ ڄڻيائين.

سوڍن جي دستخط ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ اڪبر بادشاه جڏهن پاڻ گاديءَ تي ويٺو تڏهن پنهنجن مائٽن کان ٻڌل امرڪوٽ جون ڳالهيون ياد ڪري، امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين تہ اوهين منهنجي والد سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا ۽ آءٌ پاڻ امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهن ڪري اوهان جي ملڪ مان سالياني ڏن وٺڻ آءٌ حرام ٿو سمجهان، توهان کي سڀ ڏلون معاف آهن! هن پرواني جي پڙهائي ٿي تہ سڄي ٿر ۾ واه واه پئجي وئي. هرڪو ٿري ايئن چوڻ لڳو تہ پلي اڪبر بادشاه امر ڪوٽ ۾ ڄائو جنهن سڄي ٿر مان رائر (ڏل) جو رواج ڪڍي ڇڏيو. رسالي مان سمجهجي ٿو تہ جڏهن شاه صاحب ٿر گهمڻ ويو هو تڏهن بہ اتي ڏل جو رواج ڪو نہ هو. اها خبر رسالي

جي سر مارئي جي هيٺين مصرع مان پوي ٿي:

”نڪا جهل نہ پل نڪو رائر ڏيهہ ۾“

اڪبر بادشاهہ جي حڪم موجب ٿر مان رائر جو رواج بند ٿي ويو تنهن ڪانپوءِ بہ راڻن کي چڱي پئداش ٿيندي هئي. راڻن ۾ ڪو وهانءُ ٿيندو هو تہ رعيتي ماڻهو کين اٺ، گهوڙا، ڳانيون، مينهون ۽ ڪجهہ زيور ۽ پئسا نذرانو ڏيندا هئا. رعيت ۾ ڪنهن جو وهانءُ ٿيندو هو تہ گهوٽيتا توري ڪنڌاريتا راڻن کي سوغاتون ڏيندا هئا. اهي لوازما اڪثر ٿر جي ڪرارن پاڻ تي ہڏا هئا. ٻيا پوري پني پونجيءَ وارا، جي اهڙا ٻنڌياڻ پاڻ تي ہڏي نٿي سگهيا، سي بہ پنهنجي حال سارو راڻن کي ڪجهہ ڏيئي هٿ جوڙ ڪري ويندا هئا. مسڪين مارو لوڪ، جي پنهنجي حال ۾ ئي حيران هوندا هئا، سي بہ راڻن سان رس رهائيندا هئا. ڪو غريب جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويندو هو تہ بہ ٻريون ڪاٺين جون ٻاٽمرادو راڻن جي در تي اُڇلي ويندو هو. اهو سڀ اُنهيءَ ڪري ڪندا هئا جو ٿر ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي. ڪنهن جو مال ڌاڙيل ڦري ويندا هئا تہ گاديءَ نشين راڻو پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، ڪيترا همراهہ ساڻ ڪري، ڌاڙيلن جي ڪڍ ويندو هو ۽ جيستائين مالڪن کي سئيءَ سڄي سوڌو مال وٺي نہ ڏيندو هو تيستائين سُک تي ڪين سمهندو هو. انهيءَ سبب ڏوٿي بہ راڻن سان رهائيندا هئا. ڏٿ ڏورڻ ويندا هئا تہ موٽندي پيرون، ڏنئرا وغيره راڻن کي بہ ڏيندا هئا. رسالي مان ڏسجي ٿو تہ شاهہ صاحب کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر هئي، تنهن ڪري مارئيءَ جي واتان چوايو اٿس تہ:

”پسي ڪائي پيٽ ۾ ڏنئرا ڏن آءٌ ڏيندي“.

مطلب تہ شاهہ صاحب ٿر جي ٻٽي ٻٽي جو واقف هوءِ اتي جا بيان مارئيءَ جي واتان اهڙيءَ اتڪل سان چوايا اٿس، جو جٺن پڙهہ تٺن مزو پيو اچي.

# ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 2008ع کان 2012 تائين ڇپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تفصيل

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت |
|---|---|---|---|
| 1 | شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو | 100/- |
| 2 | رسالو ميان سچل فقير جو | مرزا علي قلي بيگ | 800/- |
| 3 | شيخ اياز جلد پهريون (چار ڪتاب)<br>(1. ڪپر ٿو ڪن ڪري، 2.پتڻ ٿو پور ڪري،<br>3.ٽڪرا ٽٽل صليب جا، 4. واٽون ڦلن ڇانئيون) | شيخ اياز | 500/- |
| 4 | شيخ اياز جلد ٻيون (چار ڪتاب)<br>(1.پڙنڙيري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو،<br>3.ڪي جو ٻيجل ٻوليو، 4.وڄون وسڻ آئيون) | شيخ اياز | 500/- |
| 5 | سنڌي ڪنڌ ۾ ڊرامي جي تاريخ | غلام حيدر صديقي | 200/- |
| 6 | سنڌوءَ جا گيت | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 300/- |
| 7 | شاھ جو رسالو | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ | 400/- |
| 8 | سُر ڪيڏارو | منظور احمد قناصرو | 250/- |
| 9 | شاھ جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 500/- |
| 10 | سر آسا | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 11 | بيت ۽ پر آيتون | ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو | 250/- |
| 12 | شيخ اياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب)<br>(1.لڙيو سج لڪن ۾، 2. پن ڇڻ پڇاڻان، 3. چنڊ<br>چنبيليءَ ول ، 4. رڻ تي رمجهم، 5. ڀڳت<br>سنگهه ڦاسي) | شيخ اياز | 500/- |
| 13 | شيخ اياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب)<br>(1.راج گهاٽ تي چنڊ، 2. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان<br>گهاٽي، 3. اَڪن نيرا ڦُليا، 4. جهڙ نيٽان نہ لهي<br>5. سُر نارائڻ شيام) | شيخ اياز | 500/- |
| 14 | سراج السالڪين | رسول بخش تميمي | 150/- |
| 15 | سنڌ جو سرمست | رڪيل مورائي | 300/- |
| 16 | ڪوهستان جو سفر | بدر ابڙو | 400/- |
| 17 | سنڌ صدين کان | ممتاز مرزا | 400/- |
| 18 | خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو | ڊاڪٽر عطا محمد حامي | 600/- |
| 19 | ڪلام گروهڙي | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو | 500/- |
| 20 | شيخ اياز نثر جلد پنجون | شيخ اياز | 350/- |
| 21 | سُر پرڀاتي | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 350/- |
| 22 | شاھ جي رسالي جي سجاڻي (جلد پهريون) | محمد حسين ڪاشف | 500/- |
| 23 | شاھ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر | ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي | 600/- |
| 24 | سومرا راڄ گهراڻو | ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو | 400/- |

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| 44 | شيخ اياز جلد چوٿون (نثر) 1.شيخ اياز ۽ صحافت | شيخ اياز | 500/- |
| 45 | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت فن ۽ فڪر) | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250/- |
| 46 | ڪلام ريجهه علي شاهه | پروفيسر منظور حسين کهڙو | 250/- |
| 47 | سنڌ هيرن کاڻ | رسول بخش درس | 150/- |
| 48 | قلندر صوفي ۽ ملامتي | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 150/- |
| 49 | تذڪره لال شهباز قلندر | انور ساگر ڪانڌڙو | 150/- |
| 50 | سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 300/- |
| 51 | سنڌي ڪلچر | غلام رباني آگرو | 200/- |
| 52 | سنڌي موسيقي جا سر تار | خليل الرحمان شيخ | 200/- |
| 53 | شاهه جي رسالي جي سڃاڻپ (جلد ٻيو) | محمد حسين ڪاشف | 500/- |
| 54 | سُر پورب | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- |
| 55 | سنڌي ڊرامن جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450/- |
| 56 | سنڌي ناول جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450/- |
| 57 | مون ڏات انو ڪي اندي ا | محمد ابراهيم جويو | 250/- |
| 58 | سووينيئر (سچل سرمست 2012 ) | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | |
| 59 | منصور ثاني سچل سرمست | پروفيسر عطا محمد حامي | 300/- |
| 60 | عشق ڪيم اظهار سچل سرمست | خادم حسين عباسي | 250/- |
| 61 | سچل سرمست سچ جو شاعر | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 200/- |
| 62 | سچل سرمت سچ جي صدا | سميه قاضي | 250/- |
| 63 | سپ رنگ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 250/- |
| 64 | امر جليل جا ڪتاب جلد ٻيو | امر جليل | 800/- |
| 65 | شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز<br>تم جيت گئي هم هار گئي<br>Shaheed Mohtarma Benazier Bhutto | پروفيسر اعجاز احمد قريشي<br>پروفيسر سليم ميمڻ<br>Prof. Aijaz A. Qureshi | 200/-<br>300/-<br>350/- |
| 66 | ڪي نه وسرن مور | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 120/- |
| 67 | سووينئر "لعل شهباز قلندر 2012" | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي<br>ڊاڪٽر نواز علي شوق | |
| 68 | سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر | آزاد انور ڪانڌڙو | 200/- |
| 69 | قلندر لعل سيوهاڻي | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 120/- |
| 70 | الشهباز | جليل سيوهاڻي | 150/- |
| 71 | قلندر نامو | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 100/- |
| 72 | تذڪره شهباز | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 120/- |
| 73 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250/- |
| 74 | سنڌي شاعري جو اڀياس | شمشير الحيدري | 150/- |
| 75 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 600/- |
| 76 | ڀنڀور ۽ ديبل | عبدالقادر منگي | 300/- |
| 77 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا | ڊاڪٽر عابد مظهر | 300/- |

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| 87 | سنڌي ڪهاڻي | اسحاق انصاري | 300/- |
| 79 | فن ۽ فنڪار جلد ٻيو | ڪوثر ٻرڙو | 300/- |
| 80 | سيتا جا سونهان | محمد حسين ڪاشف | 200/- |
| 81 | مون ۾ تون موجود | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- |
| 82 | سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 83 | رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد نمبر 2 | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 850/- |
| 84 | شاهه جو رسالو (مڪمل فور ڪلر) بلوچ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 1500/- |
| 85 | وکريل ورق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 350/- |
| 86 | مقالاتِ عزيز | عزيز جعفراڻي | 400/- |
| 87 | فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 500/- |
| 88 | شيخ اياز( شخصيت ۽ فن) | غلام سڪينا حميده قاضي | 400/- |
| 89 | امر جليل جا ڪتابَ جلد پهريون<br>(1.دل جي دنيا ، 2. جڏهن مان نہ هوندس، 3.<br>تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو. | امر جليل | 600/- |
| 90 | رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد پهريون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 800/- |
| 91 | فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت | امان الله شيخ | 250/- |
| 92 | فيض جا ايلس ڏانهن خط | شبنم موتي | 250/- |
| 93 | فيض سان رهاڻيون | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 500/- |
| 94 | راڳ نامون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 270/- |
| 95 | ميزان (فيض احمد فيض) | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 240/- |
| 96 | جهڙي سونهن سنڌياس | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 97 | اديون اءُ اڄاڻ | ڊاڪٽر فهميده حسين | 250/- |
| 98 | شاهه سچل ۽ خليفو قاسم | محمد حسين ڪاشف | 200/- |
| 99 | شاهه عبداللطيف مدبر معلم ۽ مهربان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 150/- |

| نمبر | کتابوں کی نام | مصنف/مرتب/مترجم | قیمت |
|---|---|---|---|
| 1 | سکھر تاریخ وتمدن | ڈاکٹر عبدالواحد اندھڑ | 400/_ |
| 2 | بھٹو کا تصور پاکستان | نصرت لاشاری | 350/_ |
| 3 | شاہ جو رسالو | شیخ ایاز | 650/_ |
| 4 | سچل سرمست، تاریخ تصوف اور شاعری | ڈاکٹر نواز علی شوق | 150/_ |
| 5 | آئینہ خانہ شاہ لطیف | ڈاکٹر طاہر تونسوی | 200/_ |
| 6 | حلقہ مری زنجیر کا | شیخ ایاز | 800/_ |
| 7 | بوئے گل نالہ دل | شیخ ایاز | 500/_ |
| 8 | دنیا ساری خواب | شیخ ایاز | 650/_ |

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| 400/_ | شیخ ایاز | اے آہو چشم کدھر | 9 |
| 300/_ | آغا سلیم | سچل سچ ہے سارا | 10 |
| 400/_ | مظہر یوسف | سندھ ایک عام جائزہ | 11 |
| 250/_ | ڈاکٹر نواز شوق | حضرت سچل سرمست عظیم شاعرو مفکر | 12 |
| 250/_ | آفتاب ابڑو | تاریخ اولیاء سندھ | 13 |
| 350/_ | ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ | سندھ میں اردو شاعری | 14 |
| 250/_ | محمد راشد شیخ | خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ | 15 |
| 750/_ | سید مظہر جمیل | محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز | 16 |
| 250/_ | آغا سلیم | دشت وجود کی مسافت | 17 |

| Sr.No | Name Of Books | Writer | Rate |
|---|---|---|---|
| 1 | Melodies of SALB, V-III | Agha Saleem | 500/- |
| 2 | History of Sindhi Literature | Shaikh Aziz | 250/- |
| 3 | Melodies of SALB, V-IV | Agha Saleem | 400/- |
| 4 | Shah Jo Risalo in Arabic & English | Faiz Mohammd Khoso | 300/- |
| 5 | Shah,Sachal,Sami | Mohd.Ibrahim Joyo | 200/- |
| 6 | Darazi School of Sufi Thought | Dr.Sakhi Qabool M. Farooqi | 400/- |
| 7 | Handicrafts of Sindh | Waheeda Khizir Qazi | 180/- |
| 8 | Sindhi Society & Culture | Prof.Dr.Ghulam Ali Alana | 1600/- |
| 9 | Life & Thought of Shah Latif Bhitai | Gul Mohammad Umrani | 200/- |
| 10 | Songs Of Freedom | Shaikh Ayaz | 500/- |
| 11 | 6 Thousands years of History of Irrigation of Sindh | M.H.Panhwar | 800/- |
| 12 | The Epic of Dodo Chaneiser | Saleem Noorhassan | 300/- |
| 13 | The Traditional Arts And Crafts of Hyderabad Region | Dr. Nabi Bux Khan Baloch | 150/- |
| 14 | Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sindh | Dr. Nabi Bux Khan Baloch | 200/- |
| 15 | Alexander's Conquest of Indus Valley | Agha Saleem | 400 |
| 16 | Lake Manchar | Taj Muhammad Sahrai | 200 |
| 17 | Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles | Muhammad Ibrahim Joyo | 350 |
| 18 | Hazrat Shanshah Lal Shabaz Qalandar | Syed Dinal Shah Darbelvy | 400 |
| 19 | Mohen J o Daro the Indus civilization | Jahn Marshall | 3000 |
| 20 | Selection from the Risalo | G. Allana | 150/_ |
| 21 | Sufism & Classical Sindhi Poetry | Saleem Noorhassan | 150/_ |
| 22 | Anecdotes of Vataayo Faqeer | Saleem Noorhassan | 200/- |

Gul Hayat Institute